ماهوار

# پيغام

ڪراچي

- ماحولياتي گدلاڻ تي دنيا ڪي ڳڻتي
- ڪي اين شاهه ڪان منڇر تائين
- برسات ۽ ٻوڏ جا سنڌ جي زراعت تي اثر
- ٻڪر جي تاريخي عظمت
- ورهاڱي کان اڳ سنڌ جو هڪ اهم اقتصادي مسئلو
- سنڌ جو سچو سپوت علاو الدين سمون
- مولانا عبدالڪريم چشتي سنڌ جي هڪ تاريخي شخصيت
- ننڍي ڪنڌ جووڏو عالم ۽ مفتي ...مولوي محسن علي شاهه
- سنڌي علم ۽ ادب لاءِ نور نچوئيندڙ بشير احمد هيسباڻي



حضور صلي اللهُ عليہِ وآلِہٖ وسلم جن جي جامع شخصيت



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ايئرپورٽ تي
اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس جو آڌرڀاءُ ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن مان
برساتي پاڻيءَ جي نيڪال بابت اجلاس جي صدارت ڪندي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير لاءِ عالمي بينڪ سان معاهدو: هڪ ساراهه جوڳو قدم | ايڊيٽوريل | 02 |
| حضور صلي الله عليه وسلم جن جي جامع شخصيت | محمد عثمان عباسي | 03 |
| رني ڪوٽ جي ارضياتي اهميت | سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ | 06 |
| ماحولياتي گدلاڻ تي دنيا ڪي ڳڻتي | رياض حسين ابڙو | 10 |
| ڪي اين شاهه ڪان منڇر تائين | شبير احمد مغيري | 13 |
| برسات ۽ ٻوڏ جا سنڌ جي زراعت تي اثر | ماهه رخ ناز | 18 |
| انساني ذهن جي فڪري ڪاوشن جو تاريخي پسمنظر | سنڌيڪار: ثمرين ميمڻ | 20 |
| بکر جي تاريخي عظمت | ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو | 37 |
| ورهاڱي کان اڳ سنڌ جو هڪ اهم اقتصادي مسئلو | طارق احمد | 42 |
| سنڌ جو سچو سپوت علاو الدين سمون | هدايت الله سومرو | 45 |
| مولانا عبدالڪريم چشتي سنڌ جي هڪ تاريخي شخصيت | نعمت الله سومرو | 52 |
| ننڍي ڪنڊ جو وڏو عالم ۽ مفتي مولوي محسن علي شاهه | علي محمد سومرو | 58 |
| سنڌي علم ۽ ادب جو خاموش خدمتگار بشير احمد هيسباڻي | علي جان ٻرڙو | 60 |



ماهوار پيغام ڪراچي

جلد 26، شمارو 10، آڪٽوبر 2022ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عبدالرشيد سولنگي**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.......
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي کوکر**

رابطي لاءِ
ڊائريڪٽر پبليڪيشن اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B ڪراچي 74200
فون: 02199202610

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
فلور 9، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. **021-35210405**

## ايڊيٽوريل

# سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثرن جي گهرن جي تعمير لاءِ عالمي بينڪ سان معاهدو: هڪ ساراهه جوڳو قدم

سنڌ حڪومت تباهه ٿيل گهرن جي سروي ڪرڻ، گهرن جي تعمير ڪرڻ جو ڪم اين جي اوز جي ذريعي ڪرڻ جو فيصلو ڪندي ورلڊ بئنڪ جي شرط تحت گهر ٺاهي ڏيڻ واري منصوبي لاءِ هڪ خودمختيار ڪمپني به ٺاهي ڇڏي آهي. ڪمپني ذريعي گهر تعمير ڪرڻ جو پلان ڊسمبر تائين جوڙي ورلڊ بئنڪ جي حوالي ڪيو ويندو ۽ منظوري ملڻ ڪانپوءِ ڪم شروع ڪيو ويندو. وڏي وزير سيد مرادعلي شاهه جي سربراهي ۾ سنڌ حڪومت جي اختيارين سان عالمي بئنڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بنهاسين جي اڳواڻي ۾ هڪ وفد اجلاس ڪيو. اجلاس ۾ ٻوڏ واري صورتحال جو جائزو ورتو ويو ۽ ورلڊ بئنڪ جي اختيارين ٻوڏ سبب تباهه ٿيل گهرن جي ٻيهر تعمير واري سنڌ حڪومت جي پيش ڪيل منصوبي لاءِ 100 ارب رپين جو قرض آسان قسطن تي ڏيڻ جي منظوري ڏني. اهو قرض گهٽ وياج تي هوندو ذريعن موجب ورلڊ بئنڪ جي اختيارين اهو قرض ڏيڻ لاءِ مختلف شرط رکيا آهن جن ۾ گهرن جي اڏاوت واري منصوبي کي هلائڻ لاءِ هڪ خودمختيار ڪمپني قائم ڪرڻ، تباهه ٿيل گهرن جي نجي ادارن ذريعي سروي ڪرائڻ، سيٽلائيٽ سسٽم ذريعي تفصيل جمع ڪري پيش ڪرڻ ۽ ڊسمبر تائين گهرن جي تعمير جو پلان جوڙي عالمي بئنڪ کي موڪلڻ جا شرط شامل آهن. سنڌ حڪومت انهن شرطن تي راضي ٿي وئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي منظوريءَ سان گهرن جي اڏاوت لاءِ ڪمپني قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو سي اي او خالد شيخ کي مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو هن وقت ناڻي کاتي جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر يونٽ جو سربراهه آهي. ڪمپني جا بورڊ آف ڊائريڪٽرز مقرر ڪيا ويندا جن ۾ عالمي بئنڪ جو نمائندو به شامل هوندو. سنڌ حڪومت پاران ڪمپني جي فنڊ ۾ 50 ڪروڙ رپيا به جمع ڪرايا ويندا. سنڌ حڪومت پاران فيصلو ڪيو ويو آهي ته ٻوڏ سبب تباهه ٿيل گهرن جي سروي ڪرائڻ سميت گهر تعمير ڪرڻ جا الڳ الڳ منصوبا مختلف اين جي اوز ذريعي مڪمل ڪيا ويندا. سنڌ حڪومت ۽ عالمي بئنڪ جي اختيارين وچ ۾ ٿيل اجلاس ۾ هارين کي زرعي شين جهڙوڪ ٻج ۽ ڀاڻ تي ٽارگيٽڊ سبسڊي ڏيڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ته جيئن اهي پنهنجي ايندڙ ربيع جي فصل خاص طور تي ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ڪري سگهجي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت هارين جي بحاليءَ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي ته جيئن ڪين ٻڏل زرعي زمينن کي پوک لاءِ موزون بڻائي سگهجي. وڏي وزير چيو ته ربيع جي فصلن لاءِ زرعي سبسڊي لاءِ 100 ملين ڊالر مختص ڪري سگهجن ٿا جنهن تي اجلاس ۾ پڻ اتفاق ڪيو ويو جڏهن ته وڏي وزير زراعت بابت صوبائي وزير منظور وسان کي هدايت ڪئي ته هو دنيا جي زرعي شعبي ۾ ترقي ماڻيندڙ بئنڪن جي ماهرن سان اجلاس ڪري، اجلاس ۾ تيز برساتن ۽ ٻوڏ سبب تباهه ٿيل آبپاشي نظام جي بحالي تي غور ويچار ڪيو ويو جنهن لاءِ 370 ملين ڊالر قرض تي اتفاق ڪيو ويو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته فلڊ پروٽيڪشن بندن، منڇر ڍنڍ، درياءَ جي ٻين بندن، ڪئنالن، ريگيوليٽرز ۽ ڊرينيج سسٽم کي تمام گهڻو نقصان ٿيو آهي.

# حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي جامع شخصيت

محمد عثمان عباسي

جيڪڏهن اسين وچئين دور جي عالمي تاريخ جو اڀياس ڪريون تہ اسان کي نظر ايندو تہ ان دور ۾ عالم جي هن ڪشادي فضا تي اخلاقي اونداهيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا. انساني معاشرو بگڙجي چڪو هو. خاص ڪري يورو اولهہ اونداهيءَ ۾ ويڙهجي ويو هو. چانديءَ جي چند سڪن بدلي نہ صرف ڪبيري گناهہ جي موڪل ٿي ملي پر ان جو ڪفارو بہ ادا ٿي ويندو هو. اهڙي طرح "عالمگير ڪليسا" جا مرڪز گناهن جا اڏا بڻجي چڪا هئا.

مالڪ حقيقي جي محبت جو اهل ۽ ان جي پيار ۽ قرب جي مستحق بڻجڻ لاءِ دنيا جي هر مذهب هڪ ئي تدبير ٻڌائي آهي تہ ان مذهب جي شارح ۽ طريقي جي باني جيڪي بہ عمديون نصيحتون ڪيون آهن انهن تي عمل ڪيو وڃي. پر اسلام ان کان بہ بهتر تدبير اختيار ڪئي آهي. يعني پنهنجي پيغمبر عليہ الصلواتہ والسلام جو عملي مجسمو هر هڪ جي اڳيان رکيائين. جيئن تہ اسلام ۾ ٻہ شيون آهن: هڪ ڪتاب ٻيو سنت. ڪتاب جو مقصد الله جا حڪم جيڪي قرآن مجيد جي ذريعي اسان تائين پهتا آهن. سنت جنهن جي لغوي معنيٰ آهي اهو رستو جنهن تي پيغمبر صلي الله عليہ وسلم الله جي حڪمن تي عمل ڪندي گذاريو. يعني سندن عملي نمونو



جنهن جي تصوير لفظن جي صورت ۾ حديث شريف آهي يعني هڪ مسلمان جي ڪاميابي ۽ روحاني تڪميل لاءِ جيڪي شيءِ آهي سا سنت نبوي آهي. دنيا جا سڀ شخص ڪنهن هڪ ئي مذهب جي اطاعت جي دائري ۾ داخل هجن، سو ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته هن دنيا جو بنيادي اختلاف عمل تي آهي. هڪ ٻئي سان تعاون ۽ مختلف ڪمن ۽ پيشن جي ذريعن سان هيءَ دنيا هلي رهي آهي.

دنيا جي ونهوار ۾ امن ۽ سلامتي جي قيام ۽ بقاءَ لاءِ قاضين ۽ ججن جو به هجڻ ضروري ۽ لازمي آهي. هن دنيا ۾ غريب، امير، عابد ۽ زاهد، سپاهي ۽ مجاهد، اهل و عيال، دوست احباب، واپاري ۽ سوداگر، امام ۽ پيشوا به آهن. مطلب ته هن دنيا جي نظم و نسق ۾ انهن کي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي لاءِ عملي مجسمي ۽ نموني جي ضرورت آهي. اسلام انهن سڀني انسانن کي سنت نبويءَ کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي دعوت ڏئي ٿو. ان جو مطلب آهي ته مختلف انساني طبقن لاءِ سندن پيغمبر جي عملي سيرت ۾ نمونا ۽ مثال ملن ٿا. اسلام جي انهيءَ نظريہ مان ثابت ٿئي ٿو ته پيغمبر اسلام جي سيرت ۾ جامعيت آهي. انهن سڀن جي لاءِ اسان کي هڪ عملي صورت جي ضرورت آهي، جنهن جي هٿ ۾ اسان جي اندروني سرڪشين ۽ بي قابو قوتن جي مهار هجي. جو اسان جي نفس جي غير معتدل قوتن کي مهار ڪان وٺي



انهن رستن تي هلائي جن تي مديني جو پاڪ ۽ بي نفس انسان هليو.

عزم، استقلال، شجاعت، صبر، شڪر، توڪل، رضا بتقدير، ذڪر ۽ ذاڪرن جو سهڻ، قرباني، قناعت، استغنا، ايثار، جود، تواضع، خاڪساري، مسڪنت، بلند و پست، سيني اخلاقي پهلوئن لاءِ جيڪي مختلف انسانن سان جدا جدا حالتن ۾ يا هر انسان ڪي جدا صورت ۾ پيش اچي ٿو ان لاءِ اسان کي هڪ عملي هدايت ۽ مثال جي ضرورت آهي. مگر اها عملي هدايت ڪٿان ملي سگهي ٿي؟ اها عملي هدايت صرف ۽ صرف آقائي نامدار ختم المرسلين حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم وٽان ملي سگهي ٿي. انسان کي هن دنيا ۾ ٻنهي طاقتن جي معتدل هجڻ جي ضرورت آهي. ٻنهي قوتن جو جامع ۽ معتدل مثال پيغمبر اسلام وٽان ئي ملي سگهندو. هر حالت ۾ انسان آڏو مختلف مظهرن ۽ هر قسم جي صحيح جذبن ۽ ڪامل اخلاق جو مجموعو هجي سو فقط محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سيرت مبارڪ ۾ ئي ملندو. جيڪڏهن دولتمند آهيو ته مڪي جي تاجر ۽ بحرين جي خزانيدار جي تقليد ڪريو. غريب آهيو ته شعب ابي طالب جي قيدي ۽ مديني جي مهمان جي ڪيفيت ڏسو. بادشاهه آهيو ته عرب جي سلطان جو حال پڙهو رعايا آهيو ته قريش جي محڪوم تي هڪ نظر ڪري ڏسو فاتح آهيو ته بدر ۽ حنين جي سپه سالار کي ڏسو شڪست کاڌل آهيو ته معرڪ احد مان عبرت وٺو استاد ۽ معلم آهيو ته صفي جي درسگاهه جي معلم قدس کي ڏسو واعظ ۽ ناصح آهيو ته مديني جي مسجد ۾ منبر تي بيهڻ واري جون ڳالهيون ٻڌو اڪيلائي جي عالم ۾ حق جي هوڪي ڏيڻ جو فرض انجام ڏيڻ گهرو ٿا ته مڪي جي ظاهري طور بي يارو مددگار ۽ فقط توڪل جي صاحب نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جو اسوه حسنہ پنهنجي سامهون رکو جيڪڏهن حق جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ پنهنجي دشمنن کي زير ۽ مخالفن کي ڪمزور ڪيو اٿو ته فاتح مڪي جو نظارو ڏسو!!

مطلب ته توهان ڪير به آهيو ۽ جهڙي به حال ۾ هجو توهانجي زندگي جي لاءِ نمونو توهان جي ڪردار جي درستگي ۽ اصلاح جو سامان توهانجي عظمت لاءِ هدايت جو چراغ ۽ رهنمائي جو نور حضور جن جي جامعيت ڪبريٰ جي خزاني ۾ هر وقت ۽ هر دم ملي سگهندو. هن جي سيرت اڳيان نوح عليہ السلام، ابراهيم عليہ السلام، ايوب عليہ السلام، يونس عليہ السلام ۽ موسيٰ عليہ السلام سيني جون سيرتون موجود آهن ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت اخلاق و اعمال جي دنيا سڀ ڪان وڏي بازار آهي، جنهن ۾ هر جنس جي خريدار ۽ هر شيءِ جي طلبگار لاءِ بهترين سامان موجود آهي. هن کي رب سائين آدم جو خلق، شيث جي معرفت، نوح جي شجاعت، ابراهيم جي دوستي، اسماعيل جي زبان، اسحاق جي رضا، صالح جي فصاحت، لوط جي حڪمت، موسيٰ جي سختي، ايوب جو صبر، يونس جي اطاعت، يوشع جو جهاد، دائود جو آواز، يحيٰ جي پاڪدامني، عيسيٰ جو زهد عطا ڪيو ۽ سيني پيغمبرن جي اخلاق سان پريو. جن عالمن سڳورن انهيءَ روايت کي پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي انهن جي منشا دراصل هيءَ آهي ته اهي پيغمبر اسلام جي صفت جي جامعيت کي نمايان ڪن. جيڪي ڪجهه ٻين انسانن کي جدا جدا عطا ڪيو ويو هو سو سڀ مجموعي طور حضور صلي الله عليہ وسلم جن کي عنايت ڪيو ويو هو.

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جامعيت جي صفتن جون نيرنگون مختلف پهلوئن سان ڏيکاريون ويون. جيڪڏهن توهان فطرت جي مطالعي ڪان پوءِ يقين رکو ٿا ته هيءَ دنيا انساني مزاجن، انساني صلاحيتن ۽ استعدادن جي اختلاف جو نالو آهي ته يقين ڪيو ته حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي جامع شخصيت ڪانسواءِ ٻيو ڪير به آخري، دائمي يا عالمگير نٿو ٿي سگهي. انڪري فرمايو ويو آهي ته "جيڪڏهن توهان کي الله جي محبت جي دعويٰ آهي ته اچو منهنجي پيروي ڪريو." جيڪڏهن بادشاهه آهيو يا رعايا، استاد يا معلم، سپاهي آهيو يا سپه سالار، دولتمند آهيو يا غريب، بيڪس آهيو يا مظلوم، عابد آهيو يا زاهد منهنجي پيروي ڪريو. مطلب ته جنهن به نيڪ راهه تي هجو ان ۾ بلند ڪان بلند ۽ عمدي ڪان عمدو نمونو گهرو ٿا ته منهنجي پيروي ڪريو. تڏي سيني حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي مٿين اجتماعي صفتن ۽ سندن آمد جي عظيم انقلابن کي سامهون رکي فيصلو ڪيو ته نبوت ڇا آهي؟ ۽ انبياءِ ڪرام ڪير آهن؟ ۽ انهن سيني ۾ افضل الرسل ۽ خاتم الانبياءَ صلي الله عليہ وسلم جو مقام ڪهڙو آهي.

# رني ڪوٽ جي ارضياتي اهميت

بشير احمد انصاري
سنڌيڪار: عبدالستار بلوچ

رني ڪوٽ سنڌ جي بنھ ڳنڀائتن ماڳن مان هڪ آهي. پراچين اتهاس سان سلهاڙيل هيءَ شان و شوڪت وارو ڪوٽ پنهنجي انوکي ڪاريگري ۽ نرالي ثقافت سبب سڃاتو وڃي ٿو ۽ پنهنجي منفرد بيهڪ ۽ سگهاري وجود سبب صدين کان قائم ۽ دائم آهي.

ڏکئي جابلو لنگهه وارو هيءَ تاريخي ماڳ سوين سالن تائين اکين کان اوجهل رهيو تان جو 1876ع ۾ هڪ مغربي جاگرافيدان بلين فورڊ انهيءَ کي نروار ڪيو. ڪي تاريخدان رني ڪوٽ کي سنڌ ۾ ٽالپر حاڪميت جي ڏينهن ۾ مير ڪرم علي خان جو افسانوي ڪارنامو ڪوٺين ٿا. يوسف ميرڪ تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ ميري ڪوهه





۽ آمريءَ ڪي مغل شهنشاهہ شاهجهان جي دور جو ڄاڻائي ٿو. پر ڪوجنا ڪانپوءِ خبر پوي ٿي تہ هيءَ شاهي ڪوٽ يا قلعو انهيءَ عرصي ڪان بہ اڳ ۾ وجود رکندڙ هوءِ بلين فورڊ انهيءَ مان ايڏو متاثر ٿيو جو هُن انهي ڪوٽ ڪي "رني ڪوٽ" جو مقامي نالو ڏنو..

اصل ۾ هيءَ لفظ "راڻي ڪوٽ" آهي، يعني "راڻيءَ جو ڪوٽ" يا "راڻيءَ جو قلعو" انهيءَ جو ٻيو اچار "رني ڪوٽ" آهي، يعني "رن زال جو ڪوٽ". اڃا هڪ ٻيو اُچار "رڻ ڪوٽ" بہ آهي يعني "رڻ ۾ اڏيل قلعو" (ٻوليءَ جي ڄاڻوئن موجب "رني" لفظ جي معنيٰ "پاڻيءَ جو قدرتي وهڪرو" آهي، جيڪو خاص ڪري جبلن وچان نڪرندڙ هجي تنهن ڪري "رني ڪوٽ" جي لغوي معنيٰ "جابلو نئہ وارو ڪوٽ" ٿئي ٿي ۽ گهڻو ڪري رني ڪوٽ ڪي انهيءَ معنيٰ ۾ ئي ورتو ويجي ٿو.)

ان جي دور يا تاريخ بابت نتيجو ڪيڻ ڪان اڳ اسان ڪي هن شاهي ڪوٽ جي بنيادي مندپ، اڏاوتي ڪاريگري ۽ منجهس ڪتب ايندڙ مرڪب مسالي بابت مڪمل اپياس ڪرڻ ڪپي ۽ گڏوگڏ ساڻس سلهاڙيل ۽ وٿيرڪين اڏاوتن، پهڻي گهڙاوتن ۽ ماحولياتي پسمنظر ڪي بہ آڏو رکڻ گهرجي.

رني ڪوٽ جون ديوارون، جيئن اڄ اسان ڏسون ٿا، ڇُن جي پٿر ۽ جابلو پهڻين مان ٺهيل سِرن سان اڏيل آهي. اڏاوت ۾ ڪتب ايندڙ مرڪب مسالو ڪئين هنڌن تي مختلف آهي. انهيءَ جو ڪارڻ ڪنهن هڪ اڌ مسالي جي ڪوٽ يا وري وقت جي گهاٽي واڌي ٿي سگهي ٿو.

پراڻي اڏاوت ۾ ڪتب ايندڙ مسالو چيرولي، جپسم ۽ مٽيءَ جي گاري جو ڪيميائي مرڪب آهي، جيڪو شايد عام اليمينا ڳارن مان ڪيميائي پوسٽونا ڳارن ۾ مَٽيل آهي. اهي سيئي مسالا ۽ معدني شيون خود رني ڪوٽ واري هنڌان هٿ ڪيل آهن. ڪوٽ جي ڪاريگر ڪي وڏي ڄاڻ ۽ فني ڪمال حاصل هوءِ هو معدنيات ڪي ڳنڍيندڙ مسالي طور ڪتب آڻڻ واري ڪرت ڪان واقف هو. انهيءَ مان اسان ڪي تن ڏينهن جي ماڻهن، فني ماهرن ۽ ڪاريگرن جي ڄاڻ ۽ هنر جو پتو پوي ٿو.

ان ڪان سواءِ اهو پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي هزارين سال اڳ مسالن جي استعمال جو



علم (Material Science) موجود هو. جنهن جا اهڃاڻ پاري ننگر ساموندي بندر واري تهذيب (ننگرپارڪر) مان به ملن ٿا، جيڪو بندر سرسوتي نديءَ جي ڊيلٽا واري ماڳ تي موجود هو. هتان مليل رُڪ واري دور جا آثار ڌاتڪاري علم (Metallargical Science) جي ارتقا جي بنهه سڌريل دور جي ثابت ڏين ٿا. هنن حقيقتن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته شايد هيءَ ڪوٽ سنڌ جي آڳاٽن جبلن سان سلهاڙيل پاري ننگر تهذيب جو همعصر هجي.

رنيءَ ڪوٽ جي هڪ ٻي انوکائي يا نرالپ سندس بنياد ۾ ديوارن جي ٻيهڪ آهي جيڪو اڏاوتي ڪاريگريءَ جو هڪ نادر نمونو آهي. ديوار جي پيڙهه نوس ٽڪرين تي رکيل آهي ۽ انهي حساب سان ديوار هيٺ مٿاهين ۾ ورن وڪڙن واري آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪجي ها ته هيءَ ڪوٽ اڄ پنهنجي اصلي ٻيهڪ ۾ نه هجي ها. رني ڪوٽ ديوار جي اها هيٺ مٿاهين ۽ ور وڪڙ پاڻيءَ جي ڊورن ۽ بَندن جي حساب سان به هئي ته جيئن پاڻي وهڪرن ۾ ڪا به رنڊڪ نه پوي. سَن واري پاسي ڪلنڌڙ دروازي کي رنيءَ ڪوٽ جو نالو ڏنو ويو، جيڪو ڪوٽ جو مُک لنگهه آهي. جڏهن ته آمري پاسي ڪلنڌڙ دروازي کي آمري ڪوٽ سڏيو ويو ۽ اهڙي ريت ميري ڪوٽ ۽ ٻيا نالا آهن. برساتي نئن مٿان ٺهيل پُل پاڻي ذخيري واري هڪ ننڍي بَند طور ڪتب ايندي هئي. پُل کي برابر مفاصلي تي سوراخ ڏسڻ ۾ اچن ٿا جن مٿان شايد ٿنڀن پرسان لوهه يا ڪاٺ جون پٽيون رکيل هيون، ديوار جي پنئين حصي ۾ پٿرن جو پراڻ شايد پاڻيءَ جي وهڪ کي روڪڻ ۽ ڊورن ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ هو. اهڙو هوبهو نمونو ڪوٽ جي الهندي ديوار پرسان "پڏرو ڊئم" وٽ ڏنو ويو آهي.

اڏاوت ڪانپوءِ مختلف وقتن تي قلعي جي ديوارن جي ٻيهر ٺاهه ٺوهه ۽ مرمت مڙئي پڻ ٿيل نظر اچي ٿي. ممڪن آهي ته اهو ڪم سڪندر اعظم جي ڪاهن وقت ٿيو هجي يا ايران مان ياڄ ڪانپوءِ هتي آيل رندن مرمت ڪرائي هجي ۽ سنڌ ۾ انگريز لشڪر جي اچڻ ڪانپوءِ ميرن هيءَ قلعو ڪتب آندو هجي. (ٽالپر دور جي وزيراعظم نواب ولي محمد خان لغاري پاران رنيءَ ڪوٽ جي مرمت جو ذڪر به ڪئين تاريخن ۾ اچي ٿو- سنڌيڪار)

"پڏرو بَند." نينگهه واري ٿئه جي

اپياس ۾ رنيءَ ڪوٽ جي ٻئي طرف شاهي جابلو چپن مان انهيءَ دور جي تهذيب ۾ بنيادي ڪاريگريءَ جي ارتقا ڪي چڱيءَ ريت پرکي سگهجي ٿو. هڪبئي سان سلهاڙيل ۾ گڏوگڏ ڪجهه وٽيرڪين بنيادي جڳهين جا آثار هن قلعي جي ڄمار جو اندازو لڳائڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا.

رنيءَ ڪوٽ جا ٿهه يا طبق، جن مٿان هن ڪوٽ جون ديوارون ڪُتل آهن، سڄي پاڪستان ۾ ارضياتي علم ۾ هڪ انوکو مثال آهن. پوٽا ڇهه ڪروڙ کان سوا ڇهه ڪروڙ (58 کان 63 ملين) سال آڳاٽي اها ٻيهڪ رنيءَ ڪوٽ جي سامونڊي مٿاڇري "ليڪوس" (Lakos) جي وهڪري مان ڪُتل آهي. انهي فطري ٻيهڪ ۾ گهرو جانورن، پکي پکڻ، حياتياتي ۽ نباتاتي جاندارن سان گڏوگڏ ساوڪ پريا پَٽ به هئا. انهيءَ سان گڏ جبل جو اڏامندڙ لاوو به هو جيڪو نيم مُلهائتو هجڻ سان گڏوگڏ Opal, Augite (ڪيرائون پٿر) ۾ Quartz (بلوري پٿر) جهڙن قيمتي پٿرن سان ڀرپور هو. "آموري" جنهن کي هاٿي "آمري" سڏيو وڃي ٿو تهذيب جا ماڻهو رني ڪوٽ ٻيهڪ جي انهن پٿرن کي سجاوٽي زيورن طور ڪتب آڻيندا هئا. تازوئي اها رپورٽ پڌري ٿي آهي ته رني ڪوٽ ٻيهڪ جي تهه ۾ لاوو هندستان ۾ هڪ نيم مُلهائتي پٿر جي حيثيت رکندڙ هو. اهو لاوو ويجهي مستقبل ۾ هڪ صنعت کي جنم ڏيندو، جيڪا رني ڪوٽ کان لکي شاهه صدر تائين جي علائقي ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ روزگار جو ذريعو ثابت ٿيندي.

رنيءَ ڪوٽ واري ماڳ تيل ۽ گئس جي ڳولا ڪندڙ ارضياتي ماهرن کي پڻ اتساهيو ڇاڪاڻ ته هيءَ ٻيهڪ تيل ۽ گئس جي ڳولا لاءِ جابلو ٽڪرين جو مُک لنگهه آهي. اهو ۽ اهڙا ٻيا ماڳ سڄي پاڪستان ۾ ڪوئلي جو مرڪز آهن. انهن ماڳن ۾ ڪوئلي ذخيرن جي موجودگي بابت سرڪاري توڙي خانگي سطح تي ٿيندڙ تازي سروي، چندچاڻ ۾ ڪوجنا رنيءَ ڪوٽ کان ويندي جهرڪ، ٺٽي، جاتي ۾ بدين تائين پکڙيل تهه سنڌ جي لاڙ پٽيءَ ۾ ڪنهن وارتا جي تصور کي جنم ڏنو آهي.

انهن ماڳن ۾ لکين ٽن ڪوئلي جا ذخيرا پڌرا ٿي چڪا آهن ۽ اجا ڪروڙين ٽن ليجڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي ۽ ممڪن آهي ته هيءَ خطو دنيا اندر ليجندڙ ڪوئلي ذخيرن ۾ سڀ کان مٿاهون ٿي وڃي. سڄي پاڪستان ۾ هن وقت سڀ کان وڏيڪ ڪوئلي جون ڪاٽيون رنيءَ ڪوٽ ٻيهڪ وارن ماڳن ۾ آهن. رنيءَ ڪوٽ جي مُک لنگهه کان اٺ ڏهه ميل ڏکڻ پاسي لاکڙا ڪول مائننگ تي زور شور سان ڪم ٿي رهيو آهي ۽ اهو ملڪ جو سڀ کان وڏو ڪول مائننگ خطو هوندو. رني ڪوٽ ٻيهڪ وارن ماڳن تان ملندڙ ڪوئلي جي توانائي پاڪستان سرڪارپنهنجي هٿ وس ڪئي آهي جتي ڪوئلي مان بجلي ٺاهڻ لاءِ هڪ بجلي گهر جي اڏاوت ٿي رهي آهي، جتي ٺهندڙ بجليءَ جي کپت نه رڳو دادو ضلعي جي عام ضرورتن جو پورائو ڪندي پر گڏوگڏ صنعتي ۽ زرعي ترقي ۾ تعمير لاءِ به ڪتب ايندي، جنهن سان قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ وڏو لاڀ ملندو.

رنيءَ ڪوٽ وارو ماڳ مختلف صنعتن لاءِ خام مال رکندڙ خطو به آهي. هتي سليڪان واري، سخت مٽي، چن جي پٿر، گندرف وغيره جا ذخيرا موجود آهن. جيڪي شيشي، لوهه، ڪار ۾ ٻين ڪيميائي صنعتن ۾ ڪتب اچن ٿا. سِرن جي ٺهڻ واري صنعت، جيڪا هن ملڪ جي هزارين ماڻهن جي روزگار جو ذريعو آهي، ان جو ته سڄو دارومدار ئي رنيءَ ڪوٽ جي ڪوئلي تي آهي.

رنيءَ ڪوٽ جي مٽيءَ جو اڏاوتي صنعتن ۾ سجاوٽي فن ۾ به حصو رهيو آهي، مڙني مقبرن، هٽراڏو غارن ۾مڪليءَ جي مقام ۾ ڪتب آيل ڪيئين پٿر رنيءَ ڪوٽ واري ماڳ ۾ موجود آهن.

رنيءَ ڪوٽ سنڌو تهذيب جو هڪ آڳاٽو اهڃاڻ آهي. جيڪڏهن هتي ڪا تهذيب نه هجي ها ته يقينن رنيءَ ڪوٽ جو وجود به نه هجي ها. رنيءَ ڪوٽ جي اڏاوت گهڻ پاسائين قربانين کانسواءِ ممڪن نه هئي، ماڻهن جي لشڪر ان جي اڏاوت ۾ ڏک ڏاکڙا ڏٺا ۽ تڪليفون سَنيون. اهو اصول انساني حياتيءَ جي مڙني گهرجن سان گڏوگڏ جانورن ۽ ٻوٽن جي جيوت تي به لاڳو ٿئي ٿو. هن ڪوٽ جي اصل حقيقت ڇا آهي ۽ ڇا هجڻ گهرجي يا هن جي ڄمار ۽ تاريخ بابت ٻيا کهڙا مفروضا آهن، اها مڙني تاريخدانن، قديمي آثارن جي ماهرن، عالمن، سائنسدانن لاءِ سلجهائڻ واسطي هڪ وڏي پرولي آهي. پر هن وقت اصل حقيقت اها آهي ته هيءَ ڪوٽ ملڪ جي ارضياتي ماهرن لاءِ هڪ وڏي اُتساهه جو ڪارڻ بڻيل رهيو آهي ۽ انهي پاڪستاني قوم جي ارتقا ۽ اوسر جي مختلف شعبن، خاص طور معدنياتي کوجنا واري شعبي ۾ هڪ بي مثل ڪردار ادا ڪيو آهي.

(ناليري آرڪيالوجسٽ ۽ علم ارضيات جي ماهر بشير احمد انصاري جو هيءَ مضمون "سنڌ ڪوارٽرلي" تان ورتو ويو آهي. سنڏيڪار)

# ماحولياتي گدلاڻ تي دنيا کي ڳڻتي

رياض حسين ابڙو

**غريب آباديءَ ماحولياتي گدلاڻ:** هونءَ غريب ملڪ ڇا ڪري سگهندا، جيڪي عالمي سطح جي مڃيل صحت جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي صلاحيت کان وانجهيل آهن، جن وٽ زندگي گذارڻ جون بنيادي سهولتون مهيا ناهن، جن وٽ پيئڻ جو پاڻي نہ هجي، جتي ماڻهوءَ جانور هڪ ئي ڪڍُ ۾ ڪُوڙي مان پاڻي پيئندا هجن، جتي غريب ماڻهو سڄو ڏينهن معدني کاڻ ۾ ڪم ڪندي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وسيلي ساهه کڻندو هجي، جتي بس ڪنڊڪٽر يا مڪينڪ سڄو ڏينهن دونهين جي سالنسر ۾ ڪاربان سان هٿ ڪارا ڪندو هجي، جيڪو غريب ماڻهو سڄو ڏينهن جانورن سان گڏ زندگي گهاريندو هجي ان کي حفظانِ صحت جا اصول سمجهائي ڇا ڪنداسين،



اصول اهي سمجهندا جيڪي سڄو ڏينهن آفيسن ۾ ويٺا هجن، هر هر هٿ ڌوئي ڌوئي چمڪائيندا هجن، ڊيٽول سان صاف ڪري وري ٽشو هڻندا هجن، ڦوڪون ڏئي ڏئي شيون کائيندا هجن يا اڪيون ڦاڙي شين کي چيڪ ڪري ڪري انهن جي ايڪسپائري ڏسي شيون استعمال ڪندا هجن، انهن کي ماحول جي ڳڻتي ٿي سگهي ٿي پر ان غريب ماڻهوءَ جي لاءِ ماحولياتي گدلاڻ جي ڇا معني جنهن جا ٻار ڪنهن ڪچري جي ڍير تان سڪل ماني جا ٽڪر ميڙي کائيندا هجن يا جيڪي سسڪي سسڪي زندگي جيئندا هجن.

بهرحال اها بہ هڪ وڏي پولرائيزيشن آهي تہ غريب جي دنيا هڪڙي آ امير جي صاف سٿري دنيا ٻي آ، يا غريب ملڪ جڏهن يورپ جي طرز جا صنعتي زون هڻن ٿا تہ يورپ جي انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي لٺ کڻي بيهي ٿي رهي ڇو تہ جڏهن يورپ پاڻ پئي ترقي ڪئي تڏهن ماحولياتي گدلاڻ نہ هئي پر جڏهن غريب ملڪن کو هڪ ڪارخانو هنئيو تہ يورپي ملڪ ڏنڊو کڻي بيهي رهيا، مثال جتي گيس ناهي اتي غريب ماڻهو وڻ ڪٽي ۽ ڪاٺيون ٻاري پنهنجي ٻچن کي ماني ڳيو نہ کارائي تہ پوءِ ڇا ڪري، ان ڪري تہ اسان جهڙي ملڪ ۾ جتي روزگار جا وسيلا ناهن اتي بيروزگاري ۽ بدحالي جي ڪري ماڻهو پريشان آهن تہ پوءِ اتي يورپ جي ماحولياتي ايجنسيءَ جي مڃي يا پنهنجن ٻچن جي مڃي؟ يا اهو بہ آهي تہ جن ملڪن ۾ صنعتي زون گهڻا آهن جيڪي ڏينهن رات ڪارخانا هلائن ٿا جيڪي گهڻو دونهون پيدا ٿا ڪن، جيڪي زهريلو پاڻي ٿا ڇڏن پوءِ يورپ جون ايجنسيون بہ انهن جي ڳڇيءَ ۾ هٿ وجهن، ان ڪري تہ زهريلو پاڻي سمنڊ ۾ يا زمين جي مٿاڇري تي ٿا ڇوڙ ڪن، يا هوا ۾ زهريلو دونهون اهي ٿا ڇڏن. دراصل دنيا ۾ ترقيءَ جي گهٽ وڌ صورتحال جي سببن کي سمجهڻ ۽ پوءِ ان لاءِ موزون حل ڳولڻ ۽ ان تي عمل ڪرائڻ هڪ تمام وڏو مسئلو آهي.

مخلتف ڪمپنيون ۽ ادارا پنهنجي ٽرانسپورٽ هلائن: دنيا ۾ جڏهن توانائيءَ جا وسيلا ۽ ذريعا گهٽجي رهيا آهن، تڏهن شهرن جون صنعتون، فيڪٽريون، ڪارخانا، ٽرانسپورٽ جون حدون يا کي "سيلنگ" (حدون) مقرر ڇو نہ ڪجن، يا اهڙو ڪو مرد مجاهد جيڪو ٽرانسپورٽ جي گهڻي دونهين ڇڏڻ وارين گاڏين کي ڪمپني ٽرانسپورٽ ۾ تبديل ڪري ڏيکاري، موٽرسائيڪلون، وڏيون بسيون، پراڻيون بسيون، گهڻي دونهين ڇڏڻ وارا رڪشا، يا اهڙيون سواريون جيڪي هڪ ماڻهو کڻي سوين ماڻهن جي لاءِ ساهہ جون بيماريون پيدا ٿيون ڪن يا دونهون ٿا ڇڏن انهن کي ڪمپني جي گاڏين سان ڇو نہ مٽائجي ان ڪري جو سوين موٽرسائيڪلن جي دونهين کي اها هڪ ڪمپنيءَ جي گاڏي ختم ڪري سگهي ٿي يا سرڪاري توڙي پبلڪ ٽرانسپورٽ، ريلوي نظام يا اهڙيون بسيون متعارف ڪرائجن جيڪي "هائيبرڊ" هجن، جيڪي بجلي تي هلن يا اهڙيون بسيون جيڪي گهٽ دونهون ڇڏين اهي روڊن تي هلن، ان ڪري تہ گهٽ دونهون، گهٽ شور، گهٽ رش بہ ماحول کي سڪون بخشي سگهن ٿيون. ترقي يافتہ دنيا وارن جو ان ڳالهہ تي زور آ تہ سڀئي ملڪ (جنهن ۾ 190 ملڪ اچي ٿا وڃن) گهٽ ۾ گهٽ درجن کن اهڙا اشتهاري پروگرام هلائن جنهن ۾ رڳو دونهون گهٽ ڪرڻ واري ڳالهہ هجي، تہ جيئن ان مهم سازي سان ٻيلا بچائي سگهجن، فيڪٽرين جي زهريلي پاڻي کان بچي سگهجي، هوا ۽ پاڻيءَ جا گذر صاف سٿرا ڪري سگهجن، روڊن تي گهڻي دونهين واريون گاڏيون گهٽ ڪري سگهجن، وڻ پوکجن، ڪاربان جو اخراج گهٽ ڪري سگهجي، پاڻي جا وسيلا بچائي سگهجن، گليشيئرز کي پگهرجڻ کان بچائي سگهجي، پاڻي جا ڊيم گهٽ ٿا هجن، ڇاڪاڻ تہ ان سان ماحول ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وڌي ٿي، پاڻي جا تہ جيڪي گرمي جي ڪري ٻاڦ پيدا ڪن ٿا اهي ماحول ۾ آڪسيجن گهٽائڻ جو سبب بڻجن ٿا، ان ڪري بيٺل پاڻي بنسبت وهندڙ پاڻي جي هاڃيڪار آهي. اسان جي پيٽ ۾ سڌريل ملڪ ڊيمن جي حق ۾ ناهن ان ڪري ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي جو ڇڏڻ تمام ضروري ان ڪري بہ آهي جو اهي آبي جيوت کي زندگي بخشين ٿا، اهي آبي جيوت کي اسرڻ ۽ واڌ ويجهہ ۾ مدد ڏين ٿا، پاڻي جي اهڙن وهڪرن سان ٻيلا آباد هجن ٿا.

گلاس گوو ڪلائيميٽ پروجيڪٽ:

ان مهم تحت دنيا جون ماحولياتي تنظيمون غريب ملڪن کي 100 بلين ڊالر کان وڌيڪ امداد ڏينديون جيڪي 2030 تائين ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪنديون تہ اهي وڻ پوکن، پلاسٽڪ جون ٿيلهيون استعمال نہ ڪن، گهٽ دونهين واريون گاڏيون هلائن، پاڻي جا وسيلا ۽ ذريعا ضايع نہ ڪن، يا نيشنل بايوڊائورسٽي ايڪشن پلان تحت شيون هلائن ۽ انهن پلاننگز ۽ پروگرامن تحت امير ملڪن جي واسطي سان اهڙا ٽريننگ پروگرام بہ هلايا ويندا جنهن تحت غريب ملڪن جي ماڻهن



ڪي جاڳرتا ڏني ويندي تہ اهي انهن تي عمل ڪري ماحولياتي گدلاڻ کان آجا ٿين، پر الميو اهو آ تہ فنڊنگ ان ڪري بہ نہ ٿي ملي جو اسان وٽ ٽرانسپيرينسي جي کوٽ آهي. ان ڪري گرين ڪلائيميٽ فنڊنگ پروجيڪٽس ۾ هاڻي فنڊنگ ٿئي ئي نہ ٿي يا اهي ان پلاننگ يا پروجيڪٽس ۾ پئسا سيڙائن بہ نہ ٿا.

ماحولياتي گدلاڻ ۽ شهري آبادي:

ان ڪري تہ ماحولياتي گدلاڻ جي ڳالہ رڳو انهن ڳوٺن، ڪچين آبادين، ڪنڊريل، ٽڙيل پکڙيل ننڍن ننڍن شهرن جي ناهي، ڳالهہ انهن وڏن ميگا شهرن جي آ جتي آبادي جي پيهہ گهٽي آ، ڳاله انهن شهرن جي آ جتي دونهون گهٽو آ، ڳالهہ انهن شهرن جي گوڙ شور جي آ جيڪي ڪنهن بهتر نظام ڏي وڌن ئي نہ ٿا، ڳاله انهن آبادين جي آ جنهن جون صنعتون، ڪارخانا، فيڪٽريون، ٽرانسپورٽ جا نظام، گوڙ ۽ شور گهٽا آهن يا رزو روز وڌندا رهن ٿا، مثال ائين بہ چئون تہ هڪ ڪمري ۾ ڪيترا ماڻهو رهي سگهن ٿا يا ساهہ کڻي سگهن ٿا يا زندگي گذاري سگهن ٿا جن سان آڪسيجن مسئلو نہ ڪري، جيڪي ڊي ڪاربانائيزيشن جي عمل مان آساني سان پار پون، پوءِ ڳاله انهن شهرن جي آ جيڪي آبادي جي پيه جي ڪري وچن ٿا وڌندا، وچن ٿا ڪنڊربا، جيڪي آبادي جي زور جي ڪري وچن ٿا پکڙبا، يا شهرن ۾ هاءِ رائيز ڪنسٽرڪشن ٿين ٿيون جنهن جي ڪري انڪروچمينٽ تہ پنهنجي جاءِ تہ پر آبادي جي وڌي وڃڻ جي ڪري وسيلا ڪٽي ٿا پون جنهن جي نتيجي ۾ سڌو سنئون ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌ ٿئي ٿي، ان ڪري آبادي جي ورڇ، ڊيمن جي ٺاهڻ واري ڳالهہ ڪي نندجي، وڻ پوکجن، صفائي سٿرائي جا نظام بهتر ڪجن ۽ ڳتيل آبادين وارن شهرن جي آباديءَ کي ڪنڊيرجي تہ جيئن گهٽين بارشن، سوڪهڙي ۽ ٻوڏن ۽ وڌندڙ گرمي جي پد کان بچي سگهجي. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهن جا اصل ۽ بنيادي سبب ڳولجن جيڪي گهڻو ڪري مقامي سياسي سماجي تاجي پيٽي سان تعلق رکن ٿا.

# ڪي اين شاهه ڪان منڇر تائين

## (برساتي ٻوڏ جو الميو)

شبير احمد مغيري

هيل جولاءِ کان آگسٽ تائين پوندڙ برساتن سڄي سنڌ ۾ تباهي مچائي ڇڏي. 30 آگسٽ تائين برساتي ٻوڏ جي تباهين جو احوال منهنجي گذريل مضمون ۾ اچي چڪو آهي، هتي اڳتي جو احوال پيش ڪجي ٿو.

31 آگسٽ: سنڌ جي مختلف علائقن ۾ گهر ڊهڻ ۽ مختلف حادثن ۾ ٻارڙن سميت 10 ڄڻا فوت.

ڪي اين شاهه جو آخري بند ٽٽي پيو شهر ٻڏڻ يقيني، ميهڙ کي به خطرو، دادو بچائڻ لاءِ ٻرين کي ڪٽ ڏيڻ جو فيصلو. برسات متاثرن جي بحاليءَ لاءِ 23 ضلعن لاءِ ڊي سيز کي ساڍا 34 ڪروڙ جاري.

پهرين سيپٽمبر: ڪي اين شاهه ٻڏي ويو سوين گهر ڊهي پٽ، 2 لک کان وڌيڪ آبادي متاثر، ميهڙ ۽ جوهي شهر بچائڻ جا جتن. سنڌ ۾ فلڊ رليف آپريشن لاءِ ضلعي فوڪل پرسن مقرر.

2 – سيپٽمبر: جوهي شهر کي بچائڻ لاءِ ايف پي بند کي ڪٽ، منڇر ۾ سطح خطرناڪ، ڪي اين شاهه بعد وڌيڪ سوين ڳوٺ ٻڏي ويا. وزير اطلاعات سنڌ شرجيل انعام ميمڻ پاران حيدرآباد ڀرواڙي جي مختلف علائقن جو دورو، هن چيو ته عوام کي



ڪنهن بہ صورت ۾ اڪيلو نہ ڇڏيو ويندو. امدادي ڪئمپن ۾ متاثرن کي ٻن وقتن جي ماني جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي. سنڌ ۾ برسات متاثرن جو انگ وڌي 9182270 تي ويو. 1975 ڪئمپن ۾ 581010 متاثرن پناهہ ورتي. 3172350 ايڪڙن تي پوکيل فصل تباهہ ٿيا. مينهوڳي دوران 518 شهري فوت ۽ 15051 ماڻهو زخمي ٿيا آهن.

3 سيپٽمبر: جهانگارا ۽ باجارا ٻڏي ويا. وارهہ خالي ڪرائڻ جو الرٽ. جوهي ۽ ميهڙ جي رنگ بندن تي دٻاءُ وڌڻ لڳو.

4 سيپٽمبر: گاجي کهاوڙ ٻڏي ويو. متياري، نئون ڪوٽ، قاضي عارف ۽ ڪولاچي ۾ پاڻي داخل. منڇر تي خطرو برقرار.علائقو خالي ڪرڻ جي اپيل. سنڌ جي برسات متاثر علائقن ۾ 5 گريڊ اسٽيشنن ۾ 4 فوٽ پاڻي بيٺل. بجلي بند.

خاڻوٽ پرسان علي آباد ۾ حيدرآباد واسي ذوالفقار حاجاڻو جي خاندان جا 7 ڀاتي ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ لُڙهي ويا. هڪ رپورٽ مطابق سنڌ ۾ 56 لک 53 هزار ماڻهو بي گهر. هڪ لک 18 هزار ماڻهن کي خيما ملي سگهيا.

5 سيپٽمبر: سيوهڻ کي بچائڻ لاءِ منڇر ڍنڍ کي باغ يوسف وٽان 150 فوٽ ڪٽ. سوين ڳوٺ خالي، سوا لک آبادي متاثر. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برساتي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ ۽ گهر ڪرڻ سبب وڌيڪ 14 ڄڻا حياتيون وڃائي ويٺا. سنڌ ۾ بلوچستان کان ساڍا 5 لک ڪيوسڪ برساتي پاڻي اچڻ جو انڪشاف.

6 سيپٽمبر: منڇر کي هڪ وڌيڪ ڪٽ. تاريخي شهر ٻوبڪ، ايئرپورٽ، واهڙ ۽ 300 ڳوٺ ٻڏي ويا. پاڻي انڊس هاءِ وي سان ٽڪرائجي ويو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي ورلڊ بئنڪ جي ڪنٽري مئنيجر سان ملاقات: برسات ۾ تباهہ ٿيل گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ 500، آبپاشي ۽ ڊرينيج جي بحاليءَ لاءِ 500 ملين ڊالر ڪپن. هڪ رپورٽ مطابق تازين برساتن ۾ سنڌ ۾ 80284 جانور مري ويا. جن جي قيمت 5 ارب 57 ڪروڙن جي لڳ ڀڳ ٿيندي.

7 سيپٽمبر: منڇر جي ايم اين وي ڊرين کي 250 فوٽ گهارو. وڌيڪ 200 ڳوٺ ۽ انڊس هاءِ وي پاڻيءَ هيٺ. ڀان سيد آباد کي خطرو. سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ پي ڊي ايم اي کي وڌيڪ 3 ارب ۽ 3 ڊي سيز کي 6 ڪروڙ رپيا جاري.

8 سيپٽمبر: منڇر ڍنڍ تباهي مچائي ڇڏي. ڀان سيد آباد خالي ڪرائڻ جو الرٽ. لڏپلاڻ. ميهڙ ۽ جوهي لاءِ خطرو اڃا برقرار. ميهڙ ۽ ڪي اين شاهہ ۾ وڌيڪ 3 ڄڻا ٻڪ سبب فوت.

9 سيپٽمبر: ٺلٽي شهر ٻڏي ويو. ڀان بچائڻ لاءِ ايل ايس بند کي 3 ڪٽ. پاڻي درياءَ ۾ ڇوڙ. دادو تان خطرو ٽري ويو. وڌيڪ 100 ڳوٺ ٻڏي ويا. پاڻيءَ مان 3 لاش هٿ. اخباري رپورٽ موجب سنڌو درياءَ ۾ سنڌ ۾ 5 پُلن ۽ زميندار بند وهڪري ۾ رڪاوٽ. سنڌ سرڪار پاران 11 ضلعن جي ٻوڏ متاثرن لاءِ 16 ڪروڙ جاري.

10 سيپٽمبر: سنڌ سرڪار ايف پي بند جا گهارا بند ڪرڻ لاءِ فوج کان مدد طلب ڪري ورتي. خيرپور ۽ نوشهري مان پاڻي ڪيري روهڙي ڪئنال ۾ ڇڏڻ جو فيصلو. سنڌ ۾ مليريا ۽ ڊينگي جو مرض وڌي ويو. هڪ ڏينهن ۾ 22 سئو ڪيس ظاهر. مختلف شهرن ۾ ڳوٺن ۾ بيٺل پاڻيءَ ۾ معصوم ٻارڙن سميت 8 ڄڻا ٻڏي فوت. جيڪب آباد پرسان سم شاخ جي پاڻيءَ جو دٻاءُ کيرٿر ڪئنال تي وڌي ويو. 3 ضلعا ٻڏڻ جو خطرو.

11 سيپٽمبر: ڀان سيد آباد جي گرڊ اسٽيشن ٻڏي وئي. بجلي بند. ايل ايس بند کي وڌيڪ ڪٽ. رنگ بند ٽٽڻ سان دادو کي بہ خطرو. ٺٽي ويجهو ڪئمپ ۾ ويٺل 3 ڳوٺاڻا فوت. جهڏو ۾ پراڻ ڍوري جو گهارو بند نہ ٿيو وڌيڪ شهري علائقا ۽ ڳوٺ ٻڏي ويا. سنڌ حڪومت پاران ٻوڏ متاثرن ۾ بيماريون وڌڻ سبب فوگنگ مشينن وسيلي مڇرمار اسپري جو فيصلو ضلعن کي 48 ڪروڙ جاري. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس وزيراعظم شهباز شريف ۽ پرڏيهي مامرن جي وزير بلاول ڀٽو سان گڏجي سکر، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ جو دورو ڪيو. هن چيو تہ منهنجو واسطو پرتگال جي هاري خاندان سان آهي، آئون گهرن. فصلن ۽ چوپائي مال جي نقصان تي ڏکن ۽ دردن کي محسوس ڪري سگهان ٿو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ بريفنگ ڏيندي چيو تہ سنڌ جي بي گهر ماڻهن کي گهر، ٻاڳين کي چوپايو مال ۽ آبادگارن کي معاوضا ڏيڻ لاءِ 16 ارب ڊالرن جي پئڪيج جي ضرورت آهي.

12 سيپٽمبر: منڇر ۾ چاڙهہ جاري. ٺٽا شهر ۽ 20 ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ. ايل بي او ڊي ۾ وري چاڙهہ. دادوءَ تان خطرو ٽري ويو. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات، گهر ڊهڻ ۽ ٻين واقعن ۾ 11 ڄڻا فوت. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ آبادگارن جو ساڍا 3 کرب ۽ ٻاڳين جو 50 ارب جو نقصان ٿيو ڪين ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ پئڪيج ڏينداسين. سنڌ جا سوا ڪروڙ بي گهر ماڻهو الميي کي منهن ڏين



پيا. اسان 2 لک خيما به نه ڏئي سگهيا آهيون.

13 سيپٽمبر: برسات متاثر علائقن ۾ مٽيءَ جو طوفان ۾ بيهر وسڪارو، عارضي اجها پٽ، 14 ڄڻا فوت.

14 سيپٽمبر: سنڌ جي مختلف علائقن ۾ برسات، 5 ڄڻا فوت، گهرن کي نقصان، ٻوڏ متاثر علائقن ۾ بيماريون، 3 لک کان وڌيڪ ٻار متاثر، صحت کاتي جي رهنمائيءَ لاءِ ڪاميٽي قائم.

15 سيپٽمبر: ايل بي او ڊي تي سخت دٻاءُ، زيرو پوائنٽ وٽان ڪٽ جو فيصلو ملتوي، پنگريو کي بچايو ويو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ڪٽ هڻڻ وارا سمورا فيصلا آرمي انجنيئرنگ ڪور جي مشورن سان ڪيا ويا، 30 لک گهر اڏڻ لاءِ 1500، روڊن جي بحاليءَ ۽ زراعت لاءِ 380 ارب کپن.

16 سيپٽمبر: اطلاعات کاتي سنڌ جي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته برساتن ۾ ٻوڏ سبب 8431 ڪلوميٽر جا 780 روڊ، 180 پُليون، 1642 ڪلورٽرز ۽ 2125 ڪازويز کي نقصان رسيو. 646 فوتگيون، 8321 ماڻهو زخمي، 15 لک کان وڌيڪ گهر متاثر ۽ 5 لک گهر تباهه ٿي ويا. ڪراچي، حيدرآباد، سکر، بينظير آباد، لاڙڪاڻو ۽ ميرپورخاص ڊويزنن ۾ رليف ڪئمپون قائم آهن. صحت کاتي سنڌ پاران ٻوڏ متاثر علائقن ۾ بيمارين تي ڪنٽرول لاءِ ڪانٽريڪٽ تي عملو ڀرتي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ٺٽي، سجاول ۽ بدين جي متاثر علائقن ۾ رليف ڪئمپن جو دورو، فوتين جي وارثن لاءِ معاوضي جو اعلان.



17 سيپٽمبر: سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ بيمارين سبب وڌيڪ 32 ڄڻا فوت، وڌيڪ هڪ لک چار هزار گهر تباهه، مري ويل جانورن جو انگ 2 لک 8 هزار 569 ٿي ويو. متاثرن جي مدد لاءِ پي ڊي ايم اي کي وڌيڪ 50 ڪروڙ فراهم ڪيا ويا.

24 سيپٽمبر: وفاقي حڪومت پاران مستقبل ۾ ٻوڏ جي تباهڪارين کان بچڻ لاءِ اڳواٽ پلان تيار ڪرڻ جو فيصلو، فلڊ ڪميشن، سنڌ ۽ بلوچستان حڪومتن کان تجويزون طلب. وفاق پاران سنڌ جي مختلف ضلعن مان هڪ مهيني اندر برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي صورت ۾ وڏي نقصان جو خدشو ظاهر، ان حوالي سان وزيراعظم پاران ٻوڏ صورتحال لاءِ قائم ڪيل وفاقي ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جو اجلاس چيف سيڪريٽري آفيس ۾ وفاقي وزير خورشيد احمد شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ وفاقي وزير ميان رياض پيرزادو، اڳوڻي وڏي وزير سيدقائم علي شاهه، منظور وساڻ، ايم اين اي عامر مگسي، مولانا راشد محمود سومرو، اڳوڻي گورنر محمد زبير، سنڌ جي سمورن ڪمشنرن توڙي ڊپٽي ڪمشنرن، آبپاشي سميت مختلف کاتن جي اختيارين پاران شرڪت ڪئي وئي. اجلاس کي بريف ڪندي چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت چيو ته منڇر ۾ پاڻي جو دٻاءُ گهٽجي 119 فوٽ ٿي ويو آهي، هن وقت ڪنهن به شهر کي پاڻي مان خطرو ناهي، هن چيو ته صوبي ۾ 5 لک 76 هزار 762 ٽينٽ ۽ ترپال، 7 لک 77 120 راشن بيگ متاثرن حوالي ڪيا ويا آهن، جڏهن ته وڌيڪ هڪ لک 11 هزار 550 راشن بيگن جو آرڊر ڏنو ويو آهي، هن ٻڌايو ته ضلعي ۽ ڊويزنل انتظاميا کي رليف وارن ڪمن لاءِ 2 ارب ۽ پي ڊي ايم اي کي 8 ارب رپيا ڏنا ويا آهن. اجلاس ۾ ڳالهائيندي آبپاشي اختيارين چيو ته پاڻي نيڪالي وارو ڪم هلندڙ آهي، دادو ۽ ڄامشوري ضلعن مان مڪمل پاڻي نيڪال ڪرڻ ۾ 2 کان 3 مهينا لڳي ويندا. جنهن تي وفاقي وزير خورشِيد شاهه چيو ته هڪ مهيني اندر پاڻي نيڪال نه ٿيو ته وڏو نقصان ٿي سگهي ٿو، ٻوڏ صورتحال سبب گهر تباهه ٿي رهيا آهن، مليريا ۽ ڊينگي سميت ٻيون بيماريون جنم وٺي رهيون آهن، هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان هن وقت موسمياتي تبديلين سبب سخت متاثر ٿي رهيو آهي، سنڌ، بلوچستان ۽ وفاقي حڪومتن کي اعتماد ۾ وٺي ايندڙ وقتن ۾ ٻوڏ جي تباهه ڪارين کان بچڻ لاءِ مستقل پلان تي ڪم ڪرڻ گهرجي، هن چيو ته فلڊ ڪميشن، سنڌ حڪومت ۽ بلوچستان سرڪار ٻوڏ کان بچڻ لاءِ تجويزون تيار ڪن، ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي پاران اهي سفارشون وزيراعظم وٽ پيش ڪيون وينديون. هن چيو ته وزيراعظم

کي اها سفارش پڻ ڪئي ويندي ته سنڌ جي آبادگارن کان زرعي قرضن جي اوڳاڙي هڪ سال لاءِ ملتوي ڪئي وڃي. اجلاس ۾ سنڌ جي زراعت بابت صلاحڪار منظور وساڻ چيو ته پاڻي جي نيڪال لاءِ پمپ لڳايا وڃن. خيرپور ۾ ڪجي جو فصل تباهه ٿي چڪو آهي. اجلاس ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي اختيارين بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي 11 غلط ٽرانزڪشن ٿيون آهن. جن خلاف ڪارروائي به ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ وڌيڪ 12 لک ماڻهن کي شامل ڪيو آهي. هاڻي سنڌ ۾ 18 لک ماڻهن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ذريعي رقم ڏني پئي وڃي. چيف سيڪريٽري محمد سهيل راجپوت اجلاس کي ٻڌايو ته برسات متاثرن جي رقمن ۾ ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ صحت کاتي جي سيڪريٽري چيو ته برساتي پاڻي بيهڻ سبب صوبي ۾ گيسٽرو، مليريا ۽ ٻين بيمارين جو خطرو وڌي ويو آهي. هن چيو ته صوبي ۾ دوائن جي کوٽ ناهي. سنڌ ڪابينا پاران به 6 ارب رپين جون دوائون خريد ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي آهي. صحت جي عالمي اداري طرفان به مليريا جون دوائون ۽ ڪِٽس ملي رهيون آهن.

26 سيپٽمبر: اطلاعات کاتي سنڌ جي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ جي 2908 رليف ڪئمپن ۾ 382871 متاثر موجود آهن. 1816044 جاين کي نقصان پهتو. پوڻا 4 لک جانور مري ويا. سنڌ حڪومت متاثرن جي گهر اڏڻ ۾ سنڌن مدد ڪندي.

ٻوڏون ۽ زلزلا قدرتي آفتون هجن ٿا. انهن کان بچاءَ ۽ بعد ۾ عوامي زندگيءَ کي بحال ڪرڻ لاءِ ڪوششون تڏهن ڪامياب ٿين ٿيون جڏهن حڪومت، عوام، سياسي، سماجي جماعتون ۽ تنظيمون بنا ڪنهن متڀيد ۽ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي فقط انسان دوستيءَ واري قومي جذبي تحت رضاڪاراڻي انداز ۾ گڏجي ڪم ڪن. سنڌ حڪومت ۽ ان جا سڀ کاتا ۽ ادارا ان سلسلي ۾ وت ۽ وس آهر ڪوششون وٺي رهيا آهن.



# برسات ۽ ٻوڏ جا سنڌ جي زراعت تي اثر

ماهه رخ ناز

زراعت انساني زندگيءَ جي بقا ۽ معيشت جي ڪاروهنوار هلائڻ جو بنيادي ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم شعبو آهي. تازو سنڌ ۾ پيل چوماسي جي برساتن جتي زندگيءَ جي ٻين شعبن کي شدت سان متاثر ڪيو آهي، اتي زراعت پڻ تمام گهڻو متاثر ٿي آهي. 28 سيپٽمبر تائين جي لڳايل ڪاٿي موجب سنڌ ۾ خريف جي فصلن جو 364,297.03 ملين رپين جو نقصان ٿيو آهي. مجموعي طور تي 78.18 سيڪڙو خريف جي فصلن جو نقصان ٿيو آهي. جنهن ۾ ووئنٽن جي پوکيل فصل جي 1,467,579 ايڪڙ ايراضي مڪمل طور تي ختم ٿي وئي آهي. چاڪاڻ ته ووئنٽن جو فصل اضافي بيٺل پاڻيءَ کي 24 ڪلاڪن کان وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهي ۽ ان بعد سڙڻ شروع ڪري ٿو ڏئي. جڏهن ته هن سال واري ووئنٽڻ جي فصل ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان تمام گهڻو پاڻي بيٺل آهي، جنهن جو 205461.06 ملين رپين جو نقصان ٿيو آهي. اهڙي طرح هن سال جي ڪجين جو فصل 100 نقصان هيٺ آيو آهي جنهن جي نقصان جو ابتدائي ڪاٿو 8344.98 ملين رپيا لڳايو ويو آهي.

ابتدائي اندازي مطابق ٻين فصلن جو



نقصان هن ريت آهي:

مرچ 15253.84ملين رپيا، پاڇيون 3975.52 ملين رپيا، ڪمند 17973.98 ملين رپيا، تر 418.08 ملين رپيا، ٽماٽا 11753.95ملين رپيا، بصر 28130.64 ملين رپيا، ٻين فصلن جو 18417.60 ملين رپين جو نقصان ٿيو آهي.

اهڙي طرح سارين جو فصل جنهن کي پاڻي ٻين فصلن کان وڌيڪ گهربل هوندو آهي تنهن جو به 74.85 سيڪڙو نقصان ٿيو آهي جنهن ۾ سارين جي ٻيجاري جو نقصان به شامل آهي. دراصل هن سال سارين جي منداتي ٻيجاري پوکڻ لاءِ درياءَ ۾ پاڻي وقتائتو آيو ئي نه هو جنهن جي ڪري ٻيجارو دير سان پوکيو ويو ۽ مٿان وري چوماسي جا مينهن شروع ٿي ويا جن ٻيجاري کي تمام گهڻو نقصان رسايو. رهيو کهيو سارين جو ٻيجارو رونبو ڪرڻ ڪانپوءِ پيل گهٽين برساتن جي ڪري ننڍو فصل وڌيڪ پاڻيءَ کي برداشت نه ڪري سگهيو ان ڪري هينئر تائين سارين جي آبادگارن جي 54567.38 ملين رپين جي نقصان جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي.

هن سال جي رڪارڊ مينهن جا سنڌ جي اقتصادي، سماجي، سياسي، موسمياتي حالتن تي گهٽ عرصي ۽ ڊگهي مدي وارا منفي ۽ مثبت اثر ظاهر ٿيڻا آهن. چاڪاڻ ته بچيل فصلن منجهان به تڪڙو پاڻي نيڪال ٿيندي نظر نه اچي رهيو آهي. اهڙي طرح باغن وارن فصلن ۾ گهڻي عرصي کان پاڻي بيهڻ جي ڪري باغ سڙي سگهن ٿا ۽ انهن ۾ مختلف قسمن جا مرض ظاهر ٿي نقصان رسائي سگهن ٿا جن جي نقصان جو اندازو يا ڪاٿو بعد ۾ ئي لڳائي سگهجي ٿو. ان سان گڏ هيئين ٻين نقصانن جو به امڪان موجود آهي:

سيپٽمبر ۾ پوکجندڙ فصل جهڙوڪ ڪمند وغيره هدف موجب ناهي پوکجي سگهيو جڏهن ته آڪٽوبر جي مهيني کان پوکجندڙ فصل جهڙوڪ پاڇيون، داليون، تيلي ٻج وغيره ۽ ربيع جو اهم فصل ڪڻڪ منداتئتو پوکجندي نظر نٿو اچي، چاڪاڻ ته زمين ۾ ڪيئي فوٽ پاڻي اڃا به بيٺل آهي. جيڪو گهڻو تڪڙو نڪرندي نظر نٿو اچي. ان ڪري هڪ ته فصل وقتائتا پوکجي نه سگهندا يا وري فصلن جي پوکيءَ لاءِ زمينن جي صحيح تياري ٿي نه سگهندي، جنهن جي ڪري گهربل پيداوار ۽ منافعو ملي نه سگهندو.

آبادگارن جي مالي حالت بڏائي ٿي ته وٽن ٻج، ڀاڻ ۽ پوکيءَ جي خرچ لاءِ باقي ڪجهه بچيو ئي ناهي تنهن ڪري ايندڙ مُند جي فصلن جي پوکي صحيح طرح سان نه ٿي سگهندي ۽ ايراضي به گهٽ آباد ٿيندي. فصلن جي خرچ لاءِ آبادگارن کي قرض ملڻ جو امڪان گهٽجي ويو آهي. چاڪاڻ ته اڪثر ڪري آبادگارن ڏانهن قرض واپارين جو هجي ٿو جيڪو هُو هن وقت واپس ڪري نٿا سگهن تنهن ڪري واپاري ڪين نه صرف اڳئين فصل لاءِ قرض ڏيڻ کان جواب ڏيندا بلڪ هن خريف لاءِ ڪنيل قرض تي به وياج ضرور لڳندا جيڪو آبادگارن کي اڳيان ڀرڻو پوندو. اهڙي طرح بينڪون پڻ هيلوڪي رهيل قرض جي نتيجي ۾ اڳيان قرض ڏيڻ لاءِ نابري واري بيهنديون.

برساتن جي ڪري واپارين جو ذخيرو ڪيل ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن ۽ باردانو وغيره متاثر ٿيڻ سان گڏ محفوظ جڳهن تي منتقل ڪرڻ تي اضافي خرچ وارو نقصان ٿي رهيو آهي.

معياري ٻجن جي ربيع جي مُند جي فصلن لاءِ فراهمي پڻ هڪڙو وڏو مسئلو آهي. چاڪاڻ ته گهڻي مينهن پوڻ ڪري ذخيرو ٿيل ٻجن جي ڦوٽهڙي جي صلاحيت جي متاثر ٿيڻ جو امڪان موجود آهي ۽ اهو به واپاري بنهه ئي مهانگي اگهه وڪرو پڻ ڪندا، جنهن سان آبادگارن کي ٻٽو نقصان رسندو. هڪ ته ٻجن جي سني ڦوٽهڙي نه ٿيڻ جي ڪري فصلن جي پيداوار گهٽ لهندي ۽ ٻئي طرف مهانگن ٻجن جي ڪري آبادگارن جو فصلن تي پيداواري خرچ هن سال وڌيڪ ايندو.

گهڻو وقت زمينن ۾ پاڻي بيهڻ جي ڪري يا پاڻيءَ کي گهڻي مقدار ۾ نيڪال ڪرڻ جي نتيجي ۾ زمينن جي زرخيزي به متاثر ٿيندي، زمينن ۾ موجود خوراڪي جزن جو زيان ٿيڻ جي ڪري هن سال ايندڙ فصلن کي ڪيميائي ڀاڻن جي وڌيڪ ضرورت پئجي سگهي ٿي ۽ ڪيميائي ڀاڻ پهريان ئي گهڻا مهانگا آهن ۽ آبادگارن وٽ خريدڻ جي هن وقت سگهه به ناهي. تنهن ڪري آبادگار ڪيميائي ڀاڻن خاص طور تي فاسفورس ۽ پوٽاش جو استعمال نه ڪندا، جنهن جي ڪري فصلن مان پيداوار گهٽ لهندي.

هنن مينهن جو هڪڙو ٻيو وڏو نقصان زرعي صنعت جو آهي جنهن جا انگ اکر اڃا اچڻا آهن. جيئن مثال طور، ووڻڻن جي فصل تباهه ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڌاڳي، ڪپڙي، تيل، جانورن جي کڙ تيار ڪندڙ ڪارخانن کي خام مال نه ملڻ ڪري ڪارخانن جو ڪاروبار متاثر ٿيندو اتي روزگار ڪندڙ مزدور متاثر ٿيندا ۽ وڏي ڳالهه ته اُهي شيون عام ماڻهن کي مارڪيٽ ۾ مهانگي اگهه ملنديون.

# انساني ذهن جي فڪري ڪاوشن جو تاريخي پسمنظر

خواجه غلام السيدين

سنڌيڪار: ثمرين ميمڻ

انساني زندگيءَ جي اؤسر ۾ انساني فڪر جو مقام نهايت مٿانهون آهي. ان جو ڪجهه به حاصل ڪيو آهي گهڻو ڪري انهيءَ جي فيض مان حاصل ڪيو آهي. جيڪڏهن ان سفر ۾ سندس سليم ۽ بيباڪ فڪر سندس دستگيري نه ڪري ها ته هو نه پنهنجي ابتدائي نيم وحشيانه حالت مان نڪري ٿي سگهيو ۽ نه تهذيب ۽ تمدن، علمن ۽ فنن جي مٿانهين، شاندار ۽ اٽڪث عمارت اڏي ٿي سگهيو جيڪا کيس سموري ٻي مخلوقات کان منفرد ۽ ممتاز بڻائي ٿي.

ان سلسلي ۾ تمهيد طور هڪ ڳالهه عرض ڪريان ته تقريبن ويهه سال اڳ مان هڪ بين الاقوامي تعليمي ٽيم جو ميمبر بڻجي آسٽريليا ويو هوس، جتي مختلف هنڌن تي تعليمي، ثقافتي ۽ سماجي مسئلن تي تقريرون ڪرڻيون هيون. مون پنهنجي ليڪچر جي شروعات اهو چئي ڪئي ته مان رڳو دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائي اوهان کي مزو ڏيڻ کي مان اوهان ۽ پنهنجي توهين سمجهان ٿو. پر ايترو ضرور عرض ڪندس ته اوهان دلچسپي وٺو يا نه، هيءَ ڪهاڻي بذات خود انساني زندگيءَ جي سڀ کان وڏيڪ معنيٰ خيز ۽ پرجوش ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ اوهان



انساني نسل جي تاريخ ساز جدوجهد ۽ عظمت جو داستان بڻجي سگهو ٿا ۽ جڏهن ناسازگار حالتن، انساني بيوقوفي ۽ داخليت جي بڇڙائيءَ ڏانهن مائل ٿيڻ سبب دل ۽ دماغ تي مايوسيءَ جا ڪڪر ڇانيل هجن ته ان مان الهام ۽ سگهه حاصل ڪري سگهو ٿا.

انساني زندگيءَ جي سڀ ڪان پرجوش ۽ حيرت انگيز ڪهاڻي هيءَ آهي ته هيءَ مٽيءَ جو پتلو جنهن کي انسان چون ٿا، ڪيترين ئي پستين مان اٿي ڪيترين ئي بلندين تي پهتو ۽ سندس سگهه ۽ قدرت ۽ سمجهه ۽ بصيرت جو دائرو ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتو. اهو هڪ عجيب گرميءَ ۽ سرديءَ جو ناٽڪ آهي. جنهن ۾ ڏکن ڏاکڙن جا منظر به آهن ته خوشين ۽ شادمانن جا پڙ، ڪاميابيون به آهن ته ناڪاميون به، اتفاقي حادثا به آهن ته سوچيل سمجهيل جاکوڙ ۽ جدوجهد به. ان جي اندر ۾ اهي قوتون ۽ صلاحيتون لڪل آهن جيڪي انسان کي آسمان تي چاڙهي سگهن ٿيون ۽ پاتال ۾ ڪيرائي به سگهن ٿيون ۽ ستم ظريفي هيءَ ته اُهي به عين ان وقت جڏهن هُو ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا هوندو آهي ته بس هاڻي هن منزل ۽ ماڳ ماڻي ورتو آهي. قرآن شريف ۾ ان نڪتي کي هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم.

ثم ردد ناه اسفل السافلين (سوره تين)

ترجمو: اسان انسان کي بهترين جوڙ جڪ ۾ بڻايو ۽ پوءِ سندس بدڪارين سبب ڪيس انتهائي پستيءَ ۾ پهچائي ڇڏيو.

انسان جو نفس دراصل متضاد جبلتن جي جنگ جو ميدان آهي. ان جا مثال اسين پنهنجي روزمره جي تجربن ۾ پڻ ڏسون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن عظيم ناول نگار يا ڊراما نويس يا سوانح نگار جي تخيل جي ذريعي اسان کي هڪ فرد جي زندگيءَ ۾ ان مهاڀارت جو منظر ڏسڻ ۾ ايندو آهي جيڪا دنيا ۾ شروع ڪان ٿي رهي آهي. مثال طور هڪ روسي ناول نگار گوچاروف (Gocharov) جيڪو انقلاب ڪان اڳ ٿي گذريو آهي، پنهنجي هڪ عظيم ناول "ابلوموف" ۾ هيرو (جنهن جي نالي سان ناول جو نالو رکيو ويو) جي هڪ يادگار تصوير پيش ڪئي آهي. ابلوموف جي سيرت ۾ ڪيترين ئي من موهيندڙ ۽ اميد افزا وصفون آهن جيڪي سندس نوجوانيءَ ۾ اميد ڏيارين ٿيون ته سندس زندگي تمام ڪامياب ۽ بامقصد ٿيندي پر جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي اهي سڀ گڻ هڪ ٻئي پويان سندس فطري ۽ نه سڌارجي سگهندڙ جسماني ۽ ذهني ڪاهلي ۽ قوت اراديءَ جي ڪمزوريءَ سان ٽڪرائجي چور چور ٿي ويندا آهن. ايستائين جو اهو الميو پنهنجي عروج تي پهچي وڃي ٿو ۽ اميدن جو سجو طلسم ٽٽي پوي ٿو ۽ سندس سماجي ۽ ذهني زندگيءَ جو ڏيئو جهڪو ٿيندي ٿيندي ناڪاميءَ جي اونداهيءَ ۾ وڃائجي وڃي ٿو.

اهڙيءَ ريت هڪ ٻيو مصنف پنهنجي ادبي شاهڪار ۾ پنهنجي ماهرانه قلم سان ڪيترن ئي اهڙن ڪردارن جون جيئريون جاڳنديون تصويرون ڪڍي اهو ٻڌائي ٿو ته انهن مان هر هڪ (جيڪو پنهنجي جداگانه انفراديت جو مالڪ آهي) زندگيءَ جو ڪهڙو تصور پيش ڪري ٿو. شيڪسپيئر جي بقول آلڊس هڪسلي پنهنجي هڪ ڊرامي "ٽروئلس ۽ ڪريسيڊا" ۾ زندگيءَ جي گوناگون تصورات جو مجموعو پيش ڪيو آهي. هن ڏيکاريو آهي ته سادي سودي رومانوي طبيعت واري ٽروئلس وٽ زندگيءَ جو تصور ڪهڙو آهي. البيلي تخيل پرست هيڪٽر جو زندگيءَ بابت تصور ڪهڙو آهي. سگهاري عملي ذهانت رکندڙ يولي سينر جو ڪهڙو آهي. هيلن ۽ ڪريسيڊا جو ڪهڙو آهي جيڪي سونهن تي موهت ۽ جنسي محبت جي ڪيفيت ۾ مست آهن ۽ انهن ٻن ٿلهن ٻي ڊولن عقل ڪان عاري انسانن اجاڪس ۽ اڪليز جو ڪهڙو آهي. دراصل اهي سڀ مختلف رخ ۽ پهلو آهن هڪ ئي نوس تصور جا جنهن کي مجموعي طور انساني زندگي چوندا آهن. منجهس انهن معرڪن جي جهلڪ پڻ نظر اچي ٿي جيڪي هڪسلي جي لفظن ۾ "انساني فطرت جون دائمي گهرو ويڙهيون آهن جيڪي عقل ۽ جبلتن ۾، عقل ۽ جذبن ۾ ۽ عقل ۽ عقل نما بي عقليءَ وچ ۾ ٿينديون رهنديون آهن. يا ان عقل ۾ جيڪو خود غرضيءَ واري روشن خياليءَ جي ويس ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ ان چرپاٽ ۾ جيڪا تصور پرستيءَ جو مقدس چوغو پهري وٺي ٿي ۽ مذهب، اخلاق يا ملڪي پاليسيءَ جي سانچي ۾ پلتجي پوي ٿي."

جيڪڏهن اسان فقط هڪ ڊرامي يا هڪ اڪيلي ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ (جيڪا سٺ ستر ورهين ۽ هڪ شهر يا ملڪ جي چوديواريءَ تائين محدود آهي) ايتري قدر من موهيندڙ ۽ رنگ برنگي جهلڪيون نظر اچن ٿيون ته پوءِ ڪهڙو عجب آهي جو انسان ذات جي زندگي (جيڪا زمان ۽ مڪان جي بي انت وسعتن ۾ پکڙيل آهي) معرڪه آرائين، ڪاميابين، مايوسين ۽ ناڪامين جو ان ڪان وڌيڪ سگهارو ۽ اثرائتو داستان پيش ڪري ٿي. ڪجهه ان ڪائنات جي وسعت ۽ عظمت

تي (جيستائين انساني ذهن ان جو احاطو ڪري سگهي ٿو) غور ڪيو ۽ اهو به خيال رکو ته ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ان جي وسعت ۽ پکيڙ ان کان به تمام گهڻي ثابت ٿئي. جديد سائنس چوي ٿي ته هيءَ زمين جنهن تي اسين آباد آهيون، جيڪا شمسي نظام جي تمام ننڍڙن سيارن مان هڪ آهي ۽ سموري وايو منڊل ۾ هڪ ذرڙي کان وڌيڪ حيثيت نٿي رکي، لڳ ڀڳ ٻن ارب سالن کان موجود آهي، ان تي حياتيءَ واري مخلوق جي وجود جي ڄمار 50 ڪروڙ کان وٺي 80 ڪروڙ سالن تائين ٻڌائي وڃي ٿي. اها ته ٿي زمين جي ڄمار. هاڻي فضا جي مڪاني وسعت کي ڏسو! زمين کان نيبولا نمبر 31 ايترو ته پري آهي جو روشنيءَ جو هڪ ڪرڻو هڪ لک ڇهاسي هزار ميل في سيڪنڊ رفتار سان هلي 14 ڪروڙ سالن ۾ زمين تي پهچي ٿو. ان فاصلي جو حساب لڳائڻ لاءِ ته نئين طرز جي برقي ڳڻپ مشين جي ضرورت پوندي ۽ جيڪو جواب ايندو اهو گهڻو ڪري ته مون جهڙي معمولي انسان جي تصور ۾ نٿو سمائي سگهجي.

مون زمان ۽ مڪان جي جن عقل کي حيران ڪندڙ وسعتن جو ذڪر ڪيو آهي، اهو انسان جي ڪهاڻيءَ جو جز نه سهي پر ان مان اندازو ٿئي ٿو ته هن ڪهاڻيءَ جو پسمنظر وهم ۽ خيال کان به گهڻو وڌيڪ ڪشادو آهي. اڳتي هلي مان عرض ڪندس ته پنهنجي تهذيب واري دور جي مختصر عرصي ۾ (جيڪو عالمي اصطلاح موجب هڪ پل برابر آهي) انسان ڪيترا وڏا وڏا ڪم انجام ڏنا آهن. هتي ته فقط اهو چوڻو آهي ته جڏهن اسين انسان جي انهن ڪارنامن جو جائزو وٺون ۽ انهن کي خامين ۽ سندس هلڪين وحشيانه حرڪتن سميت توريون ته اسان کي انهيءَ ڳالهه جو لحاظ رکڻ گهرجي ته هن زندگيءَ جي عظيم الشان مهم ڄڻ ته هينئر شروع ڪئي آهي.

انگلستان جي هڪ مشهور ليکڪ جيمز هاروي رابنسن انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا ۾ "ڪلچر ۽ سولائيزيشن" جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو آهي جنهن ۾ ان تصور کي پليءَ پٽ واضح ڪيو آهي ته انسان کي پنهنجي مخصوص انساني ڪارنامي ڏيکارڻ لاءِ هينئر تائين جيڪو وقت مليو آهي اهو ان جي ڀيٽ ۾ تمام ٿورو آهي. جيڪڏهن انساني تاريخ جا پنج لک سال اسان پنجاهه سال فرض ڪريون ته ڄڻ ته انسان کي رڳو هن منزل تائين پهچڻ ۾ (جڏهن هن وسنديون وسائي رهڻ شروع ڪيو) 49 سال لڳي ويا. لکڻ جو هنر جيڪو انساني تهذيب ۽ تمدن جي پکيڙ جو سڀ کان اثرائتو ذريعو رهيو آهي اهو هن گذريل ڇهن مهينن اندر سکيو آهي، يوناني تمدن جي شروعات ٽي چار مهينا اڳ ٿي آهي ۽ ڇاپ خاني جي ايجاد کي ڄڻ به هفتا ٿيا آهن. رابنسن وانگر مشهور تاريخدان آرنلڊ ٽوائن بي جو پڻ اهوئي اندازو آهي. سندس چوڻ آهي ته هيءَ سموري ارتقا ڄڻ ته اسان جي اڄوڪي ڳالهه آهي. تنهن ڪري گذريل پنج ڇهه هزار ورهين جي عرصي کي اسان کي ان غير محدود پسمنظر ۾ ڏسڻو آهي ۽ انهيءَ مختصر عرصي ۾ دنيا جي مشهور تهذيبن هڪبئي پٺيان عروج ماڻيو آهي ۽ دنيا جي وڏن وڏن مذهبن هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جو ظهور ٿيو آهي.

هڪ تمام وڏو مسئلو جيڪو هن وقت فلسفين، علم حيات جي ماهرن ۽ ٻين مفڪرن جي فڪر جو موضوع آهي اهو هي ته انسان پنهنجي سيني خامين ۽ خوبين سميت اها سگهه رکي ٿو ته پنهنجي مستقبل جي جوڙجڪ پنهنجي مرضيءَ موجب ڪري سگهي ۽ تهذيب جي مٿاهين درجن تائين پهچي وڃي. يا سندس رسائي بس ايستائين هئي ۽ هينئر ان لاءِ اڳتي وڌڻ ناممڪن آهي ۽ هينئر هو انهن ڏکين ۽ پيچيده مسئلن (جيڪي هن گذريل ٻن ٽن صدين ۾ پيدا ڪيا آهن) کي حل جي قابل ثابت نه ٿيندو. کين ياد اچن ٿيون اهي تاريخي زماني کان گهڻو اڳ جون اهي سگهاريون مخلوقات (مثال طور: ڊائنا سار) جيڪي ان ڪري نيست و نابود ٿي ويا جو اهي حد کان وڌيڪ وزني هئا ۽ پنهنجي بدلجندڙ ماحول سان مطابقت پيدا نه ڪري سگهيا. انهن مان ڪيترائي هڪ مخصوص بي لوچ سانچي ۾ پلتجي وڃڻ سبب حالتن جي تبديليءَ جو ساٿ نه ڏيئي سگهيا. ڇا ان جو خطرو آهي ته ڪٿي انسان جو به ساڳيو حشر نه ٿئي! ان سلسلي ۾ اسانکي ياد رکڻ گهرجي ته اهي ڪوتاهيون جيڪي انهن حيوانن ۾ ملن ٿيون گهڻو ڪري جسماني هيون ۽ اهي تبديليون پڻ جن سان کين منهن ڏيڻو پيو، طبعي ماحول سان لاڳاپيل هيون. جنهن ڪري کين ڦڙتيءَ سان هلڻ ڦرڻ ۽ پنهنجي بقا جو سامان مهيا ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو هو. جيستائين انسان جو تعلق آهي ته هن زماني ۾ سندس ڪمال ۽ نقص مجموعي طور جسماني نه پر ذهني ۽ جذباتي آهن ۽ جيڪي تبديليون سندس ماحول ۾ اچي رهيون آهن اهي سماجي، سياسي، معاشي ۽ صنعتي آهن. تنهن ڪري کيس تاريخ جي جانورن کان وڌيڪ پيچيده صورتحال درپيش آهي جنهن ۾ ستم ظريفي اها آهي ته سائنس ۽ صنعت جي ڪارنامن خود سندس تهذيبي زندگيءَ جي بنيادن کي



خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تنهن ڪري اهي ماڻهو جيڪي انساني فطرت جو غور ۽ فڪر سان اڀياس ڪن ٿا پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳا آهن تہ ڇا هن جوهري توانائي (Nuclear Power)جي دور ۾ انسان ان بيچيني ۽ ڇڪتاڻ جو (جيڪا هن دور جي مخصوص پيداوار آهي) مقابلو ڪري سگهي ٿو؟ ڇا تعليم، مذهب ۽ فلسفي ۾ اها صلاحيت ۽ سگهہ آهي جيڪا ڪيس هن نئين ڪم لاءِ تيار ڪري سگهي؟

پر اسان کي اهو سوچي تسڪين ٿي سگهي ٿي تہ انسان لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي ڇاڪاڻ تہ هو سدائين کان نت نئين ذميوارين سان منهن ڏيندو آيو آهي ۽ هوريان هوريان ناڪامين جو پڙ ڄمي مقابلو ڪندي مجموعي طور هو نين ذميوارين کي منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. جڏهن هُن زندگيءَ جي شاهراهہ تي پنهنجو سفر شروع ڪيو تہ ماحول، سازگار ۽ اڻ واقف ۽ وٽس سامان تمام ٿورو هو. ڪن لحاظن کان هو ٻي جاندار مخلوق جي ڀيٽ ۾ نهايت ڪمزور هو. مثال طور ننڍپڻ جي ٻيوسيءَ کان بلوغت جي منزل تائين پهچڻ ۾ جسماني سگهہ ۾ ڊوڙڻ ۽ شڪار ڪرڻ ۾، پري جي شين کي ڏسڻ ۾، ڏيمي ۽ پري جي آوازن کي ٻڌڻ ۾ ڪولين ۽ ماڪيءَ جي مکين تائين ڪيس فوقيت حاصل هئي. باقاعده گهر ٺاهڻ ۾، غذا مهيا ڪرڻ ۾، گڏجي سڏجي ڪم ڪرڻ ۾ ۽ ڪيترن ئي ڪمن ۾ هو بنيادي جبلتن تي دارومدار رکي ٿو. شروعات ۾ ڪيترن ئي ٻين جانورن وانگر نہ ڪيس پائڻ لاءِ ڪپڙا ميسر هئا، نہ مٿو لڪائڻ لاءِ گهر، نہ غذا پيدا ڪرڻ جا وسيلا ۽ نہ سمجهڻ جوڳي ڳالهہ ٻولهہ جي سگهہ، پر هن پاڻ کان آڳاٽن جانورن مان اهي ڪم ورثي ۾ ورتا هئا جيڪي زندهہ رهڻ لاءِ ضروري آهن يعني ساهہ کڻڻ، سمهڻ، رت جي گردش، هاضمو ٻارن پيدا ڪرڻ جي سگهہ ۽ ڪين پالڻ جو ڏانءُ. ان ڪانسواءِ وٽس شروعات کان ڪجهہ اهڙا موروثي ۽ محنت سان ٺاهيل اوزار ۽ وسيلا هئا جيڪي ڪيس ٻين جانورن کان منفرد بڻائيندا هئا ۽ جن جي بدولت هن هوريان هوريان ڏکهي ۽ گهٽي جدوجهد ڪانپوءِ تهذيب جي هيءَ شاندار

عمارت اڏي ڏيڪاري. هو ٻن پيرن تي سڌو بيهي پئي سگهيو ۽ اهڙيءَ ريت سندس ٻئي هٿ خالي رهي پئي سگهيا جن سان هو شين کي پڪڙي پئي سگهيو ۽ ڇهي محسوس ڪري سگهي پيو. انهن هٿن سندس عملي، ذهني ۽ فنڪارانه زندگيءَ کي فروغ ڏيڻ ۾ وڏو حصو ورتو. سندس ڳالهائڻ جي سگهه هوريان هوريان ايتري قدر ترقي ڪندي وئي جو هو پنهنجن هم جنسن سان بي تڪلف خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لڳو. هن ٻين سان گڏجي تجربي وسيلي پنهنجي علم ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ پنهنجي تهذيب جي خزانن کي محفوظ ڪرڻ سگهيو. سندس ننڍپڻ جو دور جيڪو ٻين جانورن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڊگهو هو ۽ ظاهر ۾ وقت وڃائڻ پئي لڳو، دراصل لاپائتو ثابت ٿيو. ان عرصي ۾ کيس ايترو موقعو مليو جو هو پنهنجن وڏن جا طور طريقا، خيال ۽ جذبا، رسمون ۽ رواج اطمينان سان پنهنجي والدين جي ڇانو ۾ اپنائي سگهي، بجاءِ ان جي جو کيس وقت کان اڳ پنهنجي ناقص ۽ ڪمزور صلاحيتن تي پروسو ڪرڻو پوي. سندس دماغ جي جوڙجڪ پڻ هوريان هوريان پيچيده ٿيندي وئي جنهن جي بدولت سندس سکيا جون صلاحيتون وڌيڪ سولائيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳيون ۽ سندس ذهن (جنهن جي مدد سان هن تجربا ڪري پنهنجي واٽ ڪڍي هئي) وڌيڪ خوداعتماديءَ سان سندس رهنمائي ڪرڻ لڳو.

هيءَ انساني ترقيءَ جي هڪ تمام اهم منزل هئي جنهن تي پهچي اهو "ڳالهائيندڙ انسان"، عقلمند انسان بڻجي ويو. هاڻي کيس غلطيون ڪري سکڻ جو گر اچي ويو. سندس ذهن ۾ گذريل ڳالهين کي ياد رکڻ جي قوت ۽ صلاحيت پيدا ٿي وئي. هو پنهنجي بقا جي تڪڙين ضرورتن کان هٽي ڪري غور فڪر کان ڪم وٺڻ لڳو. گذريل دورن ۾ هن اڻ ڳڻيون شيون ايجاد ۽ دريافت ڪيون هيون ۽ اهڙيون اهڙيون زبردست مشينون ٺاهيون جن آڏو پاڻ ئي حيران هو پر وڏي عرصي تائين کيس اهو اندازو نه پيو ٿئي ته سڀ کان وڏي مشين (جنهن مان اُهي سڀ مشينون نڪتيون آهن ۽ نه ڄاڻ ڪيتريون ٻيون به نڪرنديون) خود وٽس موجود آهي ۽ اُها آهي سندس بي مثال دماغ- اهو ستر سالن جي ڄمار دوران اڻ ڳڻين مامرن ۽ واقعن کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري وٺي ٿو. سندس قبضي ۾ ٻه ڪئميرائون (يعني ٻه اکيون) ، ٻه آواز بند مشينون (سندس ڪن) ۽ ڏهه اوزار (سندس آڱريون) آهن جيڪي وڏي ڦڙتيءَ ۽ سيبتائيءَ سان ڪم ڪن ٿيون. اهي بظاهر ڪجهه چوند اوزار آهن پر انهن ۾ جيڪي امڪان لڪل آهن اهي ڳڻپ کان ٻاهر آهن. اسان چڱيءَ طرح انهن جو اندازو به نٿا ڪري سگهون. تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ دراصل انهن ڪاميابين ۽ ڪارنامن جو داستان آهي جيڪي ان نازڪ مشين يعني انساني دماغ صدين جي عرصي ۾ انجام ڏنا آهن.

جڏهن اسان تاريخ تي مجموعي طور نظر وجهون ٿا ته خبر پوي ٿي ته ماڻهن مختلف زمانن ۾ ان جون مختلف افسانوي، مذهبي ۽ فلسفيانه تعبيرون ڪيون آهن. ڪن جو خيال هو ته اڳوڻو زمانو هڪ ستو دور هو، جنهن کان پوءِ انسان هوريان هوريان تنزل ڏانهن وڌندو رهيو. ايستائين جو هاڻوڪي اخلاقي پستيءَ تائين نوبت پهچي وئي. ڪجهه مذهبن آدم جي لهڻ جي عقيدي جي تعليم ڏني، جنهن مطابق انسان جي تخليق ئي گناهه، ڏک ۽ مصيبت جي ڪيفيت ۾ ٿي آهي ۽ اهي ئي شيون سندس قسمت ۾ لکيل آهن. هُو وڌ ۾ وڌ هيءَ اميد ڪري سگهي پيو ته پنهنجي ازلي گناهه جو ڪفارو دنيا ۾ ايمان، عمل صالح ۽ نفس جي رياضت وسيلي ادا ڪري آخرت ۾ نجات حاصل ڪري. ڪن ماڻهن کي ته تمدن جي تاريخ ۾ ڪا مسلسل ارتقا نظر نٿي اچي. بلڪ سندن نظر ۾ انساني تمدن اُٽڙ طور تي عروج ۽ زوال جي هڪ چڪر ۾ ڦاٿل آهي، جنهن ۾ بظاهر ڪو منطقي ڳانڍاپو ڪونهي. ان جي ابتڙ اُٽيهين صديءَ ۾ هيءُ عقيدو عام هو ته هينئر جيڪو ترقيءَ جو دور شروع ٿيو آهي اهو پاڻ مرادو لڳاتار جاري رهندو، ڇاڪاڻ ته انسان جي راهه ۾ جيڪي رڪاوٽون هيون انهن تي گهڻ ۾ گهڻ نظري طور تي سدائين لاءِ ڪنٽرول ڪيو ويو آهي ۽ فطري قوتن کي سائنس ۽ صنعت حرفت جي مدد سان ضابطي هيٺ آڻي، اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو انسان اڻ ڄاتل حد تائين بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي رڳو انهن نين حالتن جي بنياد تي ترقي ڪندو رهندو. انهن بزرگن کي اهو احساس نه ٿيو ته جيڪڏهن مادي دنيا جون سموريون رڪاوٽون ختم به ڪيون وڃن ته به انسان جي جيڪا اندرين دنيا آهي ان جا سڀ مسئلا ائين حل نٿا ٿي سگهن ۽ انهن جي حل ٿيڻ کانسواءِ رڪاوٽون ختم نه ٿينديون. تنهن ڪري سماجي ۽ اخلاقي دنيا ۾ نه ته پاڻ مرادو ڇرپر جو عمل رائج آهي ۽ نه سدائين ڇرپر جو قانون لاڳو آهي. هيءَ ته سجاڳ فڪر، ڌڙڪندڙ دل ۽ مسلسل ڪوشش جي دنيا آهي، جتي هر معقول شئي پنهنجي قيمت رکي ٿي ۽ اها قيمت جسماني ۽ ذهني مشقت، تخيل جي جاکوڙ ۽ ضبط نفس جي صورت ۾ ادا ڪرڻي

پوندي آهي. ان ڪان اسان ڪنهن بہ ريت نٿا بچي سگهون. جيڪڏهن اسان اهو چاهيون ٿا تہ اسانجي تهذيب صحتمند ۽ هر پاسي ڪان ترقي ڪندي رهي تہ اها قيمت هڪ ئي وقت ادا ڪرڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ قومي ۽ بين لاقوامي حالتن جي تقاضائن مطابق ان قيمت کي وري وري ۽ نون سڪن ۾ ادا ڪرڻو پوندو.

پر هڪ گروهہ اهڙو بہ رهيو آهي جيڪو نہ جبر ۽ قدر جي اونداهي قنوطيت جو قائل آهي نہ اڻيهين صديءَ جي لبرل مفڪرن جي سستي رجائيت جو بلڪ سڌاري ۽ ترقيءَ جي هڪ وچٽري نظريي جو قائل آهي. يعني انسان جو پنهنجي جسماني ۽ ذهني قوتن ۽ صلاحيتن جي استعمال سان بچڙائيءَ تي فتح حاصل ڪرڻ ممڪن آهي پر اٽتر يا سولو ڪونهي. ان لاءِ مون جيئن عرض ڪيو تہ هڪ گڏيل جهاد ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي جيڪو هر ٿهيءَ کي ڪرڻو پوندو، هر فرد کي ڪرڻو پوندو آهي. شاعر ۽ فلاسفر علامہ اقبال انساني تقدير جي ان تصور کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

"رجائي (Optimist) شاعر برائوننگ جي نظر ۾ دنيا مڪمل پلائي ۽ سڌارو آهي ۽ قنوطي (Pissimist) فلاسفر شوپن هار جي نظر ۾ شروع کان آخر تائين سياري جي اونداهي رات، جنهن ۾ هڪ انڌي مشيت مختلف قسمن جي جاندارن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي رهندي آهي جيڪي هڪ پل لاءِ المناڪ هستيءَ جي شڪايت ڪري عدم جي پردي ۾ روپوش ٿي ويندا آهن."

"رجائيت (Optimist) ۽ قنوطيت (Pessimistn) جي ان تضاد جو پڪو فيصلو اسان پنهنجي موجوده ڪائناتي علم جي بنياد تي نٿا ڪري سگهون. اسان کي هينئر تائين انهن ڪائناتي قوتن جي سيني امڪانن جو اندازو ڪونهي جيڪي هڪ پاسي تباهي آڻين ٿيون ۽ ٻئي طرف زندگيءَ کي قائم رکن ۽ فروغ ڏين ٿيون. قرآن جي تعليم جي روءِ سان انسان جي ڪردار ۽ عمل ۾ بهتريءَ وسيلي فطرت جي قوتن تي اجا وڌيڪ ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جو امڪان آهي. اها نہ رجائيت آهي ۽ نہ قنوطيت بلڪ ان کي سڌاري ۽ ترقيءَ جو نظريو چئي سگهون ٿا جنهن مطابق هيءَ ڪائنات هوريان هوريان ترقي ڪري ٿي ۽ ان ۾ واڌارو ٿيندو رهي ٿو ۽ اها انهيءَ اميد تي قائم آهي تہ انسان آخرڪار بچڙائيءَ جي قوتن تي فاتح ٿي سگهي ٿو."

اِها ڳالهہ ذيان ۾ رکڻ گهرجي تہ اسان جنهن ترقيءَ جو ذڪر ڪري رهيا آهيون ان مان مراد حياتياتي اوسر (Biological Evolution) ناهي جنهن جي چڪر ۾ انسان ذات ڪروڙين ورهين کان ورتل آهي. ايستائين جو انهن عضون جيڪي ڪيس ٻين جانورن کان منفرد ڪن ٿا نشونما ماڻي انسان جي شڪل اختيار ڪري ورتي. حياتياتي ارتقائي عمل بظاهر ختم ٿي چڪو آهي ۽ اجا ڪو ثبوت ناهي مليو تہ جسماني لحاظ کان انسان ۾ ڪا وڏي تبديلي ايندي. سندس جسم جو ڍانچو بظاهر مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ منجهس ترقيءَ جي گنجائش نظر نٿي اچي پر اهو تہ انسان جي ڏورانهين سفر جو (جيڪو هن ارتقا جي زبردست مهم کي پورو ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي) پهريون مرحلو آهي. سندس سفر هتي هرگز ختم نٿو ٿي سگهي پوءِ چو نہ ڪيس ڪيترين ئي رڪاوٽن ۽ پسپائين کي منهن ڏيڻو پوي. اهو تمدن جي منڍ کان تهذيبي ارتقا جي راهہ تي گامزن آهي ۽ ان ترقيءَ ۾ خود سندس ذهن جو تمام وڏو ۽ روز وڌندڙ حصو آهي. هيءَ ارتقا اڻٽڪ آهي، زمان ۽ مڪان جي حدن جي پابند ناهي. جيئن جيئن انسان نين نين تهذيبي شين جي تخليق ۽ ترتيب ڪرڻ گهري ٿو سندس ترقيءَ جي رفتار پڻ وڌندي وڃي ٿي، گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ جي عملي اقتصادي ۽ علمي ميدان ۾. جاڻان ٿو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي اڻ ڄاڻائي يا اندر جي پليتيءَ سان پنهنجي ذهن جو غلط استعمال ڪري يا ان طبعي ۽ سماجي قانونن جي خلاف ورزي ڪري تہ هُو سڄي ڪارخاني کي درهم برهم ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ پنهنجي جماعت يا سڄي نسل جي هلاڪت جو سبب بڻجي سگهي ٿو. پر مون کي هن وقت فقط هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻو آهي تہ ٻين جانورن (جن جي ارتقا مقرر حدن ۾ گهيريل آهي) جي ابتڙ انسان لاءِ هاڻوڪي منزل تي پهچڻ بعد ترقيءَ جا اڻٽڪ امڪان پيدا ٿي ويا آهن. هو هاڻي زندگيءَ ۾ سنين تبديلين لاءِ حياتيات جي قانون "فطرت جي انتخاب" (Natural Selection) جو محتاج ناهي رهيو. هن پنهنجي ذاتي صلاحيتن سان پنهنجي وڌندڙ تهذيبي ميراث تي ان ريت ڪنٽرول ڪري ورتو آهي جو ان سڄي ذخيري کي منظم ۽ مرتب ڪري هوريان هوريان ايندڙ ٽهين ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿو ۽ انهن جي ترقيءَ جي رفتار کي اڻٽڪ وڌائي سگهي ٿو. ان ريت جڇڻ انسان ذات جي ارتقا ۾ هينئر انساني ذهن پڻ هڪ جيترو شريڪ ٿي ويو آهي ۽ اهو عمل هينئر بنا ارادي ۽ اختيار جي نہ پر هڪ حد تائين شعوري ۽ بامقصد بڻجي ويو آهي. اهي ڏينهن ويا جڏهن فطري قوتن جي اچ وڃ ۾

انسان هڪ بنا سڄڻ جي ٻيڙيءَ وانگر لهرن جي حوالي هوندو هو. پر اڄ حياتيات جا ڪيترائي ماهر اها ڳالهه مڃين ٿا ته هر ڪاروبار ۾ خود انسان جو تمام وڏو ۽ اهم حصو آهي. مثال طور جولين هڪسلي هن ڳالهه جو اعتراف ڪري ٿو ته جڏهن ارتقا جي ڪارخاني ۾ انساني ذهن جو دخل هوندو آهي ته عقيدا، نصب العين، سائنس جا نظريا، مذهبي نظام سڀ جا سڀ زندگي ۽ تعليم جو وسيلو بڻجي وڃن ٿا. ان ريت هينئر رڳو "فطرت جي چونڊ" جون نه رڳو انڌيون قوتون پر اسانجون ذهني ۽ روحاني قوتون پڻ تبديلي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون ۽ زندگيءَ جي قافلي کي اڳتي وڌائن ٿيون.

حياتياتي اوسر ۽ ارتقا جي روشنيءَ ۾ هينئر انسان لاءِ ممڪن آهي ته هو پاڻ کي ڌرتيءَ جي ترقيءَ جو اڪيلو ذريعو سمجهي پر اهو خيال ڪري ته مجموعي طور تي ڪائنات جي ترقيءَ ۾ پڻ مدد ڏئي سگهي ٿو. هينئر ڪيس پاڻ کي طبعي جهان کان جدا سمجهڻ جي ضرورت ناهي. هو ان جوئي هڪ حصو آهي، پر اهڙو حصو جيڪو باشعور آهي ۽ انس ۽ محبت، فهم ۽ ادراڪ ۽ عزم ۽ حوصلي جي صلاحيت رکي ٿو. هينئر ڪيس اهو محسوس ڪرڻ نه گهرجي ته هو ڪائنات جي پيٽ ۾ ناچيز آهي، پر هُو ته دراصل هڪ تمام وڏي شئي آهي. جيتوڻيڪ هو لڳاتار نيون معنائون تخليق ڪندو رهي ٿو تنهن ڪري خود سندس وجود ۾ معنويت اچي وئي آهي. هيءَ اها منزل آهي جتي انساني سماج کي ذهن وسيلي مادي کي پنهنجي قابوءَ ۾ آڻڻ جو ڍنگ اچي ويو آهي ۽ ان ذهن تي ڏينهون ڏينهن انسان جي قسمين قسمين ذميدارين جو بوجهه وڌندو پيو وڃي ۽ انهن سهارن جي ضرورت گهٽبي پئي وڃي، جن تي ڪيس انسانيت جي ننڍپڻ ۾ پروسو ڪرڻو پوندو هو. سندس پنهنجا مخصوص انساني جوهر آهن جن کي اڀاري هو پنهنجي صلاحيتن جو مڪمل اظهار ڪري سگهي ٿو. انهن مان ڪن کي سائنس واضح طور اڀاري ٿي. ڪن کي مثلن جمالياتي ۽ اخلاقي صلاحيتن کي اسان پاڻ پنهنجي ذهن ۾ محسوس ڪريون ٿا ۽ ڪين عملي جامو پهرائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ ڪن جو مڪمل شعور اسانکي تاريخ جي اڀياس مان ملي ٿو. انهن ئي صلاحيتن جو مجموعو انسان جو مثالي يا نوعي تصور آهي ۽ بهترين انسانن جي ابدي آس اِها ئي رهي آهي ته انهن مان جن صلاحيتن ۾ انسانيت جو رنگ وڌيڪ گهرو آهي انهن کي وڌ ۾ وڌ اظهار جو موقعو ڏنو وڃي.

اهو خطرو ضرور آهي ته ڪٿي انسان غرور جي خمار ۾ پنهنجي نفس تي قابو نه رکي سگهي ۽ پنهنجي زندگي ۽ عمل کي ڏاهپ سان صحيح رستي تي لائڻ کان قاصر رهي. گذريل دور ۾ سندس ڄاڻ ۾ جيڪا حيرت انگيز ترقي ۽ سندس سگهه ۾ جيڪا تمام گهڻي واڌ ٿي آهي ان جي تقاضا آهي ته هو ان ڄاڻ ۽ سگهه کان ڪم وٺڻ ۾ اڃا وڌيڪ احتياط ۽ نهنائي اختيار ڪري. ان واڌ سبب هن قسمين قسمين ڳڻيندڙ ۽ حساب ڪندڙ مشينون، مشيني انسان ۽ ڄاڻ کي محفوظ ڪرڻ ۽ منتقل ڪرڻ جا سگهارا اوزار ايجاد ڪيا. ان ڪري ڪيترائي بلڪل نوان ۽ اهم مسئلا پيدا ٿيا جن سان انسان جو ذهن وڙهي رهيو آهي پر جديد دور جي انسان جو سڀ کان وڏو سماجي ۽ اخلاقي مسئلو هيءَ آهي ته انسان ذات جي مجموعي ڀلائيءَ لاءِ ان جديد سگهه جو صحيح استعمال ڪيئن ڪجي؟ ان مقصد لاءِ نه رڳو روشن فڪر جي اڻ مٽ صلاحيت کي سجاڳ ڪرڻ جي ضرورت آهي پر صحيح اخلاقي پابندي پڻ اٽل آهي. نه ته خطرو آهي ته اسان کي ايٽمي سگهه جو راڪاس هڙپ ڪري ڇڏيندو يا اخلاقي ۽ سماجي ٻچڙايون، جهڙوڪ خود غرضي، مادي پرستي، تنگ نظري، سهڪار جي کوٽ اندران ئي اندر اڏوهيءَ وانگر کائي ڇڏينديون. تنهن ڪري انسان کي اهو حق هرگز نٿو پهچي ته ترقيءَ جي ڪنهن منزل تي به اميد پروريءَ جي نشي ۾ بي فڪر ٿي ويهي رهي.

باوجود انهن ڏکيائين جي (جن سان انسان منهن ڏئي رهيو آهي) سندس تخليقي ۽ تنقيدي ذهن سندس ذميواريءَ کي گهڻو وڌائي ڇڏيو آهي. ان حقيقت کي هاڻي سائنس، مذهب ۽ فلسفو سڀ تسليم ڪن ٿا. سائنس ڪيس "فطرت جي ڪارخاني جو مهتمم" چوي ٿي. مذهب ڪيس دنيا ۾ خدا جو خليفو (نائب) قرار ڏنو آهي. ٻئي ان ڳالهه تي متفق آهن ته منجهس بي شمار اڻ آزمايل صلاحيتون موجود آهن جن کان ڪم وٺي هُو نهايت متاهين درجن تي پهچي سگهي ٿو.

مڃيوسين ته هُو حيوان آهي ۽ سندس ڪجهه اعلي ذهن ۽ تخليقي صلاحيتون انهن جبلتن مان ورتل آهن جيڪي منجهن ۽ ٻين جانورن ۾ گڏيل آهن پر ان بنياد تي ڪيس ٻين حيوانن جي برابر ۽ حيوان مطلق قرار ڏيڻ سراسر غلط آهي. ٻنهي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. اهو فرق رڳو ڪميت جو ڪونهي بلڪ ڪيفيت جو پڻ آهي. اها ڌار ڳالهه آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اسان انسان جي بيوقوفي ۽ ڪمينائپ وارين



حرڪتن کان تنگ ٿي ڪيس حيوان مطلق ۽ حيوانن کان بہ بدتر سمجهڻ لڳون ٿا. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ انسان ذات ۾ جتي هٽلر ۽ چنگيز خان پيدا ٿيا اتي اهڙن اهڙن مردن ۽ عورتن پڻ جنم ورتو جيڪي ذهني، جمالياتي يا اخلاقي لحاظ کان تمام مٿانهن درجن تي فائز ٿيا. انهيءَ قسم جي انسانن سائنس، ادب، آرٽ، فن تعمير ۽ صنعت ۽ حرفت وغيره جا وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. انهن سيني شين کان اکيون ٻوٽي ڪلبين (Cynice) وانگر منجهس فقط برايون ڏسڻ بي انصافي آهي ۽ جيڪا راءِ ان بنياد تي قائم ڪئي ويندي اها هڪ طرفي ۽ ناحق هوندي. جاڳان ٿو تہ انسان جي اندر اهڙا لاڙا بہ آهن جيڪي ڪيس ڪيرائي جانور جي سطح تي بلڪ ان کان بہ هيٺ پهچائي سگهن ٿا. تعليم، فلسفو مذهب، ادب، سماجي ڀلائي جون تحريڪون انهن لاڙن کي نظرانداز نٿيون ڪري سگهن پر اسان کي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ انهيءَ انسان اندر، سندس وجود جي گهرائين ۾ اهڙيون عظيم صلاحيتون پڻ لڪل آهن جيڪي شايد هن اجا خواب ۾ بہ ناهن ڏٺيون. ساڳيو يقين ڪيس مٿانهين ڪوشش تي اڀاري سگهي ٿو. بيشڪ تاريخ جي چونڊيل فردن جي ڪارنامن ۽ عام ماڻهن جي ڪمن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي پر ان ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ انسان ذات پنهنجو حقيقي مقام ۽ مرتبو تيستائين حاصل نٿي ڪري سگهي جيستائين اها ان مقام جي حقيقت ۽ پنهنجي تقدير جي عظمت کان بخوبي واقف نہ هجي.

هتي اهو سوال اٿاري سگهجي ٿو تہ آخر هڪ فرد ۽ ٻئي فرد، هڪ جماعت ۽ ٻي جماعت وچ ۾ ايترو فرق ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ ڳالهہ هيءَ آهي تہ انسان تي سندس ورثو (جيڪو سندس گذريل تقدير آهي) ۽ سندس ماحول (جيڪو سندس ايندڙ تقدير آهي) ٻئي اثرانداز ٿين ٿا. گهڻو ڪري ٻنهي جي گڏيل عمل سان سندس ڪردار جي تشڪيل ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سبب شامل آهن. انساني فطرت بابت جيڪي مختلف نظريا آهن انهن جو جهيڙو گهڻ ۾ گهڻ قديم يونانين جي زماني کان هلندو پيو اچي. سو ڪڏهن بہ حل نہ ٿيو شايد ڪڏهن حل ٿيندو بہ ڪونہ: "انسان اصل ۾ برو آهي يا ڀلو- يا هُو پنهنجي فطرت ۾ نيڪ آهي پر

ماحول ڪيس بگاڙي ٿو ڇڏي يا فطري طور تي برو آهي پر ماحول جي نظم ۽ ضبط سان ڪيس سڌاري سگهجي ٿو.”

مشهور عيسائي ريفارمر ڪيلون (Calion) جو عقيدو هو تہ دراصل انسان جي تخليق ۾ ئي بگاڙ آهي ۽ ڪيس پنهنجن فطري لاڙن جي خراب نتيجن کان فقط ان ريت بچائي سگهجي ٿو تہ ڪيس قيد ۽ بند ۾ جڪڙي رکيو وڃي. ان جي ابتڙ روسو جو چوڻ هو تہ سڀ انسان تخليقي طور آزاد ۽ نيڪ پيدا ٿين ٿا پر جتي ڏسو غلاميءَ ۾ گرفتار نظر اچن ٿا ۽ سندن طبيعت سماجي ماحول جي اثر کان مسخ ٿي وڃي. ڪن جو خيال آهي تہ مخلوقات وانگر انسان پڻ بقا لاءِ جدوجهد جي قانون (Struggle For Existence) جي تابع آهي ۽ فطرت وانگر سندس چنبا بہ خون سان رڱيل آهن. تنهن ڪري انساني سماج جو معاشي ۽ سماجي نظام لازمي طور اهڙو هوندو جنهن ۾ جڻ انسان پاڻ انسان ذات جو شڪاري هجي. ڪجهہ ماڻهو هن پواڻتي نظريي کي نٿا مڃين. سندن يقين آهي تہ انسان جي ترقيءَ جي تاريخ ۾ دراصل هڪ پنهنجي مدد پاڻ جو اصول ڪار فرما آهي ۽ سندس اڪثر ڪارناما (آرٽ، سائنس ۽ صنعت ۽ حرفت جي ميدان ۾) اڻ ڳڻين ماڻهن ۽ جماعتن جي سهڪار وسيلي سرانجام ڏنا ويا آهن. پوءِ اهو سهڪار شعوري هجي يا غير شعوري. تاريخ ۾ ان جو ذڪر آيو هجي يا نہ آيو هجي. يونان وارا پنهنجي ذهني عظمت جي زماني ۾، وچ اوڀر جا ماڻهو اسلام جي عروج واري دور ۾، يورپ وارا جديد دور ۾ جنهن کي عقل جو زمانو چئجي ٿو مجموعي حيثيت ۾ انساني فطرت جو ”نيڪ هجڻ“ جا قائل هئا ۽ لڳ ڀڳ انهيءَ نظريي جي پرچار ڪندا رهيا. ٻڌ مذهب هر هڪ انسان جي قدر مطلق کي مڃيندو هو. اهڙيءَ ريت آمريڪي جمهوريت جي بانين جيفرسن، پين، لنڪن وغيره پنهنجا سياسي نظريا ان بنياد تي مرتب ڪيا هئا تہ ”سڀ انسان امڪاني طور سٺا آهن يا سٺا ٿي سگهن ٿا ۽ تنهن ڪري هڪ جمهوري نظام ۾ سيني کي سياسي حق ملڻ گهرجن.“

جڏهن اسان مختلف ملڪن ۽ زمانن ۾ انسان جي طرز عمل جو مشاهدو ڪريون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ اهي سڀ جا سڀ ڪڏهن بہ ڪنهن هڪ سٺي يا خراب سانچي ۾ پلتجي ناهن سگهيا. شروعات ۾ سندن قوتون ۽ صلاحيتون هڪ خام ۽ اڻ گهڙيل مادي وانگر هونديون آهن جنهن کي هڪ معقول حد تائين سندس تهذيبي ميراث جي دائري اندر سٺي يا خراب شڪل ۾ پلٽي سگهجي ٿو. ان ورثي جي ماحول ۾ تربيت حاصل ڪري انسان جي انفرادي عملي سگهہ ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ تمام گهڻو واڌارو آڻي سگهجي ٿو ۽ سندس اندر هڪ اهڙي فڪري سگهہ ۽ نظر جي ڪشادگي پيدا ٿي سگهي ٿي جنهن جو ڪنهن بہ حيواني نوع ۾ ملڻ ناممڪن هجي. يعني انسان جي فضيلت ۽ ترقيءَ جو بنياد گهڻو ڪري سندس ذهن، سندس فڪر جي قوت ۽ انهن جي حيرت انگيز نتيجن تي قائم آهي. جيڪڏهن ڪنهن جماعت يا قوم اندر اُها پيڙهہ ڪمزور ٿي وڃي (۽ اڪثر ائين ٿيندو رهيو آهي چاڪاڻ تہ هر زماني ۾ انساني ذهن تي چئني طرفن کان مخالف قوتن جا حملا ٿيندا رهيا آهن) تہ لازمي طور تي تهذيب جي ترقيءَ جي رفتار سست ٿي ويندي. تاريخ دوران جيئن جيئن علم جو دائرو پکڙبو ويو صنعتي، ذهني ۽ تهذيبي سرگرميون وڌيڪ پيچيده ٿينديون ويون. هر نسل جي ٻارن کي بالغن جي دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ علم حاصل ڪرڻ جي وڌيڪ ڏکي راهہ طئي ڪرڻي پوندي آهي. اهو ظاهر آهي تہ هڪ ٻار کي مثال طور واڍڪو ڪم سيکارڻ ڪيس وڪيل يا نباتات جي ماهر بڻائڻ کان وڌيڪ سولو آهي پر سئو سال اڳ جي ڀيٽ ۾ هينئر هڪ رازي کي بہ وڌيڪ عرصي تائين عام ۽ فني تربيت ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن هو پنهنجو ڪم سهڻي نموني انجام ڏئي سگهي.

پر هينئن چوڻ گهرجي تہ هينئر تہ هر شخص لاءِ (جيڪو پنهنجي زندگي ڪاميابيءَ سان بسر ڪرڻ گهري) لازمي ٿي ويو آهي تہ جيترو ٿي سگهي هو پنهنجي ذهن کي هڪ وڌيڪ حساس ۽ تيز اوزار بڻائي تہ جيئن هو زندگيءَ جي نہ رڳو اقتصادي ۽ معاشي ڪاروبار کي پر ان جي سيني ذميدارين کي پڻ ڀليءَ ڀت سرانجام ڏيئي سگهي. هن دنيا ۾ نون مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ (پوءِ اهي سماجي هجن يا معاشي، تهذيبي يا اخلاقي) اسان کي وک وک تي چوواٽا ملن ٿا. خاص طور تي جيڪڏهن اسان هڪ جمهوري نظام ۾ رهندا هجون يا منجهس رهڻ گهرون- چاڪاڻ تہ ان ۾ ملڪ جي اهم مسئلن ۽ پاليسي مامرن جا فيصلا ڪرڻ لاءِ سيني شهرين کي حصو وٺڻ ضروري آهي. هڪ اهڙي نظام ۾ عزت سان زندگي گذارڻ لاءِ شرط هيءُ آهي تہ اسان پنهنجي ذهن کان اثرائتي ۽ مرتب طريقي سان ڪم وٺڻ سکون. جمهوريت ڪڏهن بہ ذهن کي نظرانداز ڪري ڪامياب نہ ٿيندي ۽ اڳتي ان جو امڪان اجا بہ گهٽ



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي،
ساڻس گڏ اطلاعات کاتي جو وزير شرجيل انعام ميمڻ، ايڪسائيز جو وزير مڪيش چاولا ۽
اسپيشل اسسٽنٽ (سيڙپڪاري) سيد قاسم نويد پڻ موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌو نديءَ جي منارڪي بند تي ٻوڏ جي پاڻيءَ جو معائنو ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ ڪراچيءَ جي ھڪ تعليمي اداري پاران منعقد ھڪ تقريب ۾
ھڪ شاگرديانڻيءَ سان ھٿ ملائيندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاھ ڪراچي ڊائون سينڊروم پروگرام (KDSP) ۾
لرننگ سينٽر جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه نيو سعيد آباد جي علائقي مان برساتي ٻوڏ جي پاڻيءَ کي
روهڙي ڪئنال ۾ نيڪال ڪرڻ بابت صورتحال جو جائزو وٺندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ۽ چيئرمين نادرا طارق ملڪ وزير اعليٰ هائوس ۾
ٻوڏ متاثرن جي امداد جي حوالي سان انگن اکرن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه يونين ڪائونسل جروار جي خالد آباد ۾
ٻوڏ متاثر ڳوٺن جي صورتحال جو جائزو وٺندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
ايئروائس مارشل سدرن ڪمانڊ زعيم افضال سان ملاقات ڪندي.

آهي. تاريخ جي اڀياس مان خبر پوي ٿي ته جيئن جيئن انسان جي سگهه وڌي ٿي ۽ هو پنهنجي مادي ضرورتن کي وڌيڪ خوبيءَ ۽ ڪفايت سان پورو ڪري سگهي ٿو ڪيس داخلي دولت ۽ ذهني زندگيءَ جي اهميت جو احساس وڌندو وڃي ٿو ۽ هُو ان کي تخليقي ۽ (مٿاهين معنيٰ ۾) تفريحي ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪري سگهي ٿو پر ضروري ناهي ته ڪري. ان ڇڪتاڻ ۾ جيڪا صدين کان ڪڏهن ظاهري ڪڏهن لڪل طور رهبانيت ۽ لذت پرستيءَ وچ ۾ ٿيندي رهي آهي، زندگيءَ جو اصل روپ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويو آهي. جڏهن انسان ذهني زندگيءَ جي ڳولا ۾ پنهنجي خارجي دنيا کي مسخر ڪري ٿو ۽ پنهنجي داخلي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري ان جي تهذيب ۽ ترتيب ڪري ٿو تڏهن وڃي ان تضاد ختم ٿيڻ جي صورت ۾ پيدا ٿئي ٿي. انسان جي اصل تاريخ انهن ويڙهين جو داستان ڪونهي جيڪي طاقت ۽ اقتدار خاطر وڙهيون ويون. هيءَ ڪهاڻي جيڪا تاريخ کان آڳاٽن عجيب الخلقت جانورن جي ڇڪتاڻ جي ياد ڏياري ٿي ڪيتري به پرجوش ڇو نه هجي اسان کي ڪو لاڀائتو سبق ڪو نه ٿي سيکاري. اصل تاريخ ته ان ڏاڪي به ڏاڪي ارتقا جي روئداد آهي جيڪا انسان جي فڪري اوزارن ۽ سندس علم ۽ ڏاهپ ۾ ٿيندي رهي ٿي. سندس هيءَ شاندار تمدن جيڪا اڄ اسان جو ڳڏيل سرمايو آهي سندس سيبتن هٿن، سندس حساس ۽ پيچيده وسيلن ۽ سندس حيرت انگيز دماغ جي ٿورائتي آهي، جنهن جي بدولت هن فڪر جا زبردست ۽ نازڪ مرحلا طئي ڪيا آهن. سندس ذهن ۾ ايتريقدر بي اندازو اڻ سکيل امڪان لڪل آهن جن کان هُو اڃا پوريءَ طرح واقف به ڪونهي ۽ نٿو ڄاڻي ته انهن وسيلي هُو ڪهڙا ڪهڙا ڪمال ڏيکاري سگهي ٿو. ڪيتري به محبت ڪندڙ پيءُ ۽ ڪيترو به بالغ نظر استاد ڇو نه هجي، پڪ سان نٿو ٻڌائي سگهي ته غير معمولي صلاحيت ڪهڙي هنڌ ۽ ڪهڙي ماڻهوءَ ۾ ظاهر ٿيندي. تنهن ڪري ڏاهپ جي تقاضا اِها آهي ته اهي رستا کليل رکيا وڃن جيڪي ان جوهر جي تربيت لاءِ ضروري آهن.

هتي اهو بحث ڪرڻ جو موقعو ڪونهي ته اهو جوهر ڪهڙين خاص حالتن ۾ اڀري سگهي ٿو. بس ايترو چوڻ ڪافي آهي ته انسان جو هيءَ ذهن نه رڳو هڪ وڏو راز آهي بلڪ هڪ تمام وڏي سگهه پڻ آهي جيڪا ڪنهن نه ڪنهن حد تائين هر ٻار کي عطا ٿيندي آهي. ٻارن جي والدين ۽ استادن جو فرض آهي ته هُو ادب ۽ صبر سان انهن امڪانن کي پرکين. تعليم ۾ آزادي ۽ جدت پسنديءَ جو رنگ ڀرين ۽ سڀني لاءِ ان جا هڪجيترا موقعا مهيا ڪن جيڪي تعليمي طريقا ميڪانيڪي، بي جان ۽ رسمي درس و تدريس جو رستو اختيار ڪن ٿا ۽ ٻارن جي دماغ تي رڳو ڄاڻ جو اٽڪٽ بوجهه وجهن ٿا، اهي استاد لاءِ ڀلي سئولا هجن پر انهن سان تخليقي اوپڙ ۽ ذهني قابليت جون پاڙون ڪپجي وڃن ٿيون. ان جي ابتڙ آزادي اهو مُحرڪ آهي جنهن سان ذهن جا سرچشما کلي پون ٿا. قاعدن ۽ ضابطن جي انڌي جڪڙبنديءَ ۾ ائين نٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري استادن لاءِ نه رڳو اهو عمل ڏاهپ ڀريو ڪونهي پر بلڪل غير مناسب آهي جو ٻار جي اڀرندڙ ذهن کي زبردستي پنهنجي تهيل تڪيل سانچن ۾ پلٽڻ جي ڪوشش ڪن.

اهو ياد رهي ته جيڪي ڪوشش عقل يا تخيل جي ڪوٽ يا سياسي، معاشي يا مذهبي مقصدن جي دٻاءَ تحت فڪر جي آزادي تي پابنديون لڳائڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن اهي اسڪولن ۽ ڪاليجن تائين محدود ناهن. عام زندگيءَ ۾ پڻ ڪيتريون ئي اهڙيون قوتون آهن جيڪي يا ته آزاديءَ جي اهميت گهٽائڻ ۽ ماڻهن جي دلين کي ان کان ڦيرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون يا وري ان کي زبردستيءَ دٻائڻ جي، پر اها گهڻو عجب جي ڳالهه ناهي. فڪر جو عمل ارتقا جي سلسلي ۾ نسبتاً دير سان شروع ٿيو آهي ۽ اڃا تائين ڪيترن ماڻهن کي ان کان بچان لڳندي آهي. بقول هڪ مصنف جي، ماڻهن تي فڪر جي ڪوشش موت کان وڌيڪ ڳري آهي. ڪين راحت ۽ عافيت ان ۾ نظر ٿي اچي ته جيڪي ٻيا ڪن ٿا هُو به ائين ئي ڪن ۽ مروج خيالن ۽ عقيدن جي وٽندڙ باهه آڏو ويهي هٿ سيڪين. ان ڪانسواءِ موجوده دور جا زبردست نشرياتي وسيلا آهن ۽ سوداگريءَ جون تمام گهٽيون قوتون جيڪي هر معمولي شهريءَ کي سوچڻ ۽ فيصلو ڪرڻ جي زحمت کان بچائڻ ۽ ان جي سموري ذميداري پنهنجي مٿان کڻڻ لاءِ تيار آهن ۽ مزي جي ڳالهه اِها آهي ته هُو آرام طلب ان خلاف به پنهنجو آواز نٿو اٿاري. اخبار، ريڊيو ٽي وي وغيره جا زوردار ۽ ڪوڙا اشتهار فڪر کي سندس ويجهو وڃڻ به نٿا ڏين ۽ بار بار اهو سبق دهرائيندا رهن ٿا ته ماڻهو ڇا خريد ڪن، ڪهڙين شين مان مزو وٺن، ڇا سوچين، ڪهڙن قدرن کي مڃين. رياست، سياسي پارٽيون، مستقل معاشي حقن جا ٺيڪيدار، صنعتي پيداوار جي وڌندڙ ڪشش ۽ ڪڏهن

ڪڏهن حب وطن جي شديد تقاضا. اهي سڀ شيون پڻ ڪلي عام يا لڪل طور انسان جي ذهني آزاديءَ ۽ روشن خياليءَ تي راتاهو هڻن ٿيون ۽ هو بصيرت يا همت جي کوٽ سبب سندن مقابلو نہ ڪري سگهندو آهي. هڪ ٻي شئي جيڪا فڪر جي وضاحت بلڪہ خود فڪر جي عمل ۾ رڪاوٽ بڻبي آهي، اها جسماني ۽ ذهني ڪاهلي ۽ اهو وڌندڙ جمود ۽ تعطل آهي جيڪو راحت ۽ عيش طبي جو اجائي واڌو دولت، لذت پرستي ۽ آوارگيءَ جو نتيجو هوندو آهي ۽ هوريان هوريان ذهن تي فالج بڻجي ڇانئجي ويندو آهي. اهي پستيءَ جون قوتون هر دور ۾ ڪارفرما رهيون آهن ۽ جيتوڻيڪ انهن جي لپيٽ ۾ ايندڙ انهن کي تهذيب جو مظهر سمجهندا رهيا پر دراصل اندر ئي اندر انهن جي ڪري قومن ۽ جماعتن جي ذهني ۽ اخلاقي زندگيءَ کي اڏوهي لڳي وئي. اوڀر ۽ اولهہ جون ڪيترين ئي تهذيبون انهن عادتن جو شڪار ٿي چڪيون آهن پر خوش قسمتيءَ سان فڪر جي روشن شمع دنيا ۾ ڪڏهن بہ وسامي ناهي سگهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن هڪ خطي ۾ اونداهي ڇانئجي وڃي يا ڪنهن هڪ تهذيب جو ڏيئو وسامي وڃي. ڇاڪاڻ تہ تهذيب جي ترقي ۽ تنزل جا قانون مقرر آهن جن جي خلاف ورزيءَ جي سزا بهرحال ڀوڳڻي پوندي آهي. پر ياد رکو تہ فڪر في نفسهہ لافاني آهي. اوندهہ پرستن ۽ انسان ذات جي بدخواهن گهڻيون ئي ڪوششون ڪيون آهن تہ ان کي ڇيپاٽي ختم ڪري ڇڏين. پر اهو پنهنجن فاتحن کي مفتوح ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿو. يونانين پنهنجي فڪر جي قوت سان رومي حڪمرانن تي سوڀ ماڻي. اسلامي تهذيب علم جو نور يورپ جي وڏي حصي ۾ پکيڙي ڇڏيو نہ تہ سندس لاءِ جهالت، مذهبي تعصب ۽ عقل جي نفيءَ جي دور مان نڪرڻ نهايت ڏکيو هو. جنهن جو نالو سندس تاريخ ۾ "اونداهو دور" آهي. پوءِ يورپ صديون بعد سائنس جي تحقيق جي ميدان ۾ مضبوطيءَ سان پير کوڙيا ۽ ان وسيلي هوريان هوريان سڄي جديد دنيا تي پنهنجو تسلط قائم ڪري ورتو. دنيا جي مختلف خطن ۾ انهيءَ زماني ۾ جڏهن جهالت پرستيءَ جو دور هليو پئي، علم کي خطرناڪ يا بيڪار سمجهي رد ڪيو ويندو هو ۽ ذهن جي اکين تي پٽيون ٻڌل هيون. اسڪولن، يونيورسٽين، خانقاهن ۽ حق پرستيءَ جي ٻين گمنام پر روشن پاسن ۾ اهڙا خدا جا بندا موجود هئا جن پاڻ کي علم ۽ ڏاهپ جي خدمت ۽ حق جي تحقيق لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. انهن ئي خدا جي ٻانهن جي بدولت عقل ۽ ڏاهپ جو جهنڊو ڪٿي نہ ڪٿي جهوليو پئي. سندن هر عصر عام طور تي رتو ڇاڻ، اجاين جنگين يا ملڪن تي قبضن جي هوس ۾ ورتل هئا يا دولت گڏ ڪرڻ ۽ ٻاراڻي مسخريءَ ۾ رڌل هئا، پر انهن جو ڪم هيءَ هو تہ جهالت ۽ تعصب سان جنگ ڪندا رهن ۽ پنهنجن ذهنن کي هر حال ۾ روشن ۽ سجاڳ رکن. مٿن نامقبول خيالن ۽ عقيدن ظاهر ڪرڻ ۽ حق جو اعلان ڪرڻ واري ڏوهہ جي بدلي ۾ طرحين طرحين ظلم ڪيا ويا پر سندن استقلال ۾ ڪو لوڏو نہ آيو. سقراط، حضرت مسيح، حصرت محمد صہ امام حسين، ابراهيم لنڪن ۽ ڪيترن ئي ٻين سڌارڪن، مفڪرن ۽ سائنسدانن جا نالا انهن حق پرستن جي فهرست ۾ شامل آهن جيڪي سدائين پنهنجي عقيدي ۾ ثابت قدم رهيا ۽ انساني ذهن جي آزاديءَ جا علمبردار پڻ. گيليليو کي عذاب جي ڌمڪين کان مجبور ٿي ڪوپرنيڪس جي حمايت کان دستبردار ٿيڻو پيو پر ان وقت بہ جڏهن هُو معذرت نامي تي صحيح ڪري رهيو هو هوريان هوريان اهو چئي رهيو هو تہ "بهرحال زمين گردش ڪندي آهي." مشهور ڊومنيڪن پادري گيارڊانو برونو کي جديد علم سان دلچسپي رکڻ سبب احتساب ڪاتي جي حڪم سان ملحد قرار ڏيئي ساڙيو ويو. دراصل انساني تاريخ جا عظيم ترين شهيد اهي ئي هئا جيڪي علم يا اخلاق جي ميدان ۾ بنا ڪنهن خوف خطري جي حق جي شاهدي ڏيندا رهيا. ايستائين جو جڏهن ڪين ان راهہ ۾ انهن آخري قرباني ڏيڻي پئي تہ ان کان بہ نہ ڪيٻايو.

مطلب تہ اهو ڄاڻيندي بہ تہ فڪر جي روشني هر پاسي کان طوفانن ۾ گهيريل آهي ۽ ان جو رستو پلصراط کان وڌيڪ خطرناڪ آهي، اسان پنهنجي دل کي ان خيال سان دلاسو ڏئي سگهون ٿا تہ هيءَ شمع ڪڏهن بہ وسامي نٿي سگهي. انسان جي جسم کي ختم ڪرڻ سولو آهي پر سندس ذهن کي ختم ڪرڻ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هُو پنهنجي ڪارنامن ۾ زنده رهندو آهي. اهڙيءَ ريت چڻ هڪ نسل کان ٻئي نسل ڏانهن منتقل ٿيندو ويندو آهي. انگريز فلسفي برٽرنڊرسل انساني زندگيءَ ۾ فڪر جي ڪارفرمائيءَ جو ذڪر، ان جي سينگار ۽ مصيبتن ۽ ان جي طاقت ۽ عظمت سميت نهايت خوبيءَ ۽ شاناٿن لفظن ۾ ڪيو آهي:

"فڪر کان جيترو ماڻهو ڊڄن ٿا اوترو دنيا ۾ ڪنهن بہ ٻي شيءِ کان نٿا ڊڄن. نہ تباهيءَ کان نہ موت کان. فڪر هڪ انقلاب آڻيندڙ قوت آهي، وڏي تباهہ ڪندڙ، وڏي

خطرناڪ. پر وڏو بيدرد دشمن آهي مخصوص حقن جو مستقل ارادن جو آرام پسند عادتن جو. نه اقتدار ۾ حڪومت ڪان ڀڄي ٿو. نه صديون پراڻي ڏاهپ جي پرواهه ڪري ٿو فڪر دوزخ جي ڪاهيءَ ۾ ليٽو پائي ڏسي ٿو پر ڪيس ڀپ نٿو ٿئي. هو ڄاڻي ٿو ته انسان هڪ بي وس ذرڙو جنهن جي چوطرف خاموشيءَ جو اٿاهه سمنڊ آهي پر پوءِ به هُو سينو تاڻي هلي ٿو ڄڻ ڪو دنيا جهان جو بادشاهه هجي. عظيم فڪر هوريان هلندڙ ۽ آزاد آهي. اهو ڪائنات جو نور آهي ۽ انسان جو شرف."

انساني ارتقا جي هاڻوڪي منزل ۾ فڪر جي اهميت تي خاص طور زور ڏيڻ ضروري آهي. جيڪڏهن انسان وٽ تخليقي سگهه جو اٿاهه خزانو نه هجي ها ته سندس حيثيت رڳو هڪ ٻوٽي جي هجي ها. هڪ مٽيءَ جي ذرڙي جي هجي ها جيڪو ڪائنات جي اڻ ڳڻين سيارن مان هڪ ننڍڙي سياري (زمين) تي ڪن پل لاءِ بي وسيءَ جي حالت ۾ رقص ڪري ٿو ۽ پوءِ هڪدم غائب ٿي وڃي ٿو. هڪ عجيب ڳالهه هيءَ آهي ته خود انسان جي ئي علم ۾ انڪشافن سندس آڏو اهڙا نوان ۽ زبردست چئلينج پيش ڪيا آهن جو انهن جي مقابلي ۾ هُو بظاهر بي حقيقت ۽ ناچيز معلوم ٿئي ٿو. آمريڪا جو هڪ مشهور وڪيل ۽ قلمڪار هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته: "مان ڄاڻان ٿو ته هيءَ ڌرتي جنهن تي مون پنهنجي زندگي گذاري آهي رڳو هڪ مٽيءَ جو ذرڙو آهي جيڪو اٿاهه آسماني فضا ۾ اڏامندو رهي ٿو. مون کي پڪ آهي ته ڪائنات ۾ ٻيون به ڪروڙين ڌرتيون آهن جيڪي جسم ۽ اهميت جي لحاظ کان هن قبرستان کان (جنهن تي مان گهمان ٿو) تمام وڏيون آهن. مان اهو به ڄاڻان ٿو ته هن وقت به ڪرب ۾ مخلوق آهي جيڪا مون سان گڏ چرين وانگر هن مٽيءَ جي گولي سان چنبڙيل آهي."

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهو بيان حقيقت جو هڪ پاسو پيش ڪري ٿو پر سوال هيءُ آهي ته ڇا دراصل ان مان اهي نتيجا نڪرن ٿا جيڪي ظاهر ۾ نڪرندي ڏسجن ٿا؟ ڇا اڄوڪي دنيا ۾ انسان جي اهميت هڪدم تمام گهٽجي وئي آهي؟ انسان جو وڏي عرصي تائين اهو خيال رهيو ته هُو دنيا ۽ ڪائنات جو مرڪز آهي. ان تصور تي سڀ کان پهريون ڌڪ ڪوپر نيڪس جي هيئت بابت انقلابي نظرئي سان لڳو. هڪ عرصي تائين رڳو جبلي طور تي هن نظرئي جي مخالفت ڪرڻ بعد آخرڪار ڪيس اهو مڃڻو پيو ته ڌرتي ڪائنات جو مرڪز ڪونهي ۽ سندس چوڌاري تمام وڏن سيارن (جن ۾ سج پڻ شامل آهي) جو گردش ڪرڻ هڪ بي بنياد خيال آهي. دراصل ڌرتي هڪ ننڍڙو سيارو آهي جيڪو سج جي چوڌاري گهمي ٿو. ان ڪري سندس ڏينهن رات جو ڦيرو هلي ٿو ۽ ان جي بدولت سندس ۽ ڪائنات جي زندگي قائم آهي. ٻيو ڌڪو انسان جي عزت ۽ وقار کي سائنس جي هٿان ان وقت لڳو جڏهن فرائيڊ جي لفظن ۾ "حياتيات جي تحقيق (جيڪا ڊارون، ويلس ۽ سندن اڳين ڪئي هئي) انسان کي خاص تخليق جي شرف کان محروم ڪري سندس نسبي سلسلو حيوانات سان ڳنڍي ڇڏيو. ان جو هڪ پاسو اهو هو ته سندس فطرت ۾ حيوانيت جا عنصر آهن جيڪي ڪنهن به طرح ختم نٿا ٿي سگهن پر انسان جي عظمت جي دعوي تي ٽيون ۽ سڀ کان خراب ڌڪ جديد نفسيات لڳائي رهي آهي جيڪا اسان سان هر هڪ جي "انا" تي اهو ثابت ڪرڻ گهري ٿي ته اها پاڻ به پنهنجي گهر جي مالڪ ڪونهي پر جيڪو ڪجهه سندس لاشعور ۾ هوندو آهي ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ان جي سڌس ملي وڃي ٿي ۽ بس."

جيڪڏهن سچي حقيقت ايتري هجي ها ته واقعي انسان جي سگهه ۽ عظمت جو طلسم ٽٽي چڪو هجي ها پر خوش قسمتيءَ سان ائين ناهي. اهي حملا ظاهري طور ڪيترا به وڏا ڇو نه هجن ان باوجود انسان اڃا به وڏي اهميت رکي ٿو ۽ ان جو خاص سبب هيءُ آهي ته وٽس ذهن جي خداداد صلاحيت آهي جيڪا ڪڏهن به جهڪي نٿي سگهي. اهو به ياد رکو ته فطرت ۾ انسان بابت اهي سڀ حقيقتون (جيڪي ظاهري طور اسان لاءِ تڪليف جو سبب آهن) خود انساني ذهن دريافت ڪيون آهن. جيڪي هوريان هوريان شين جي حقيقت کي زمان ۽ مڪان جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ وڌيڪ وضاحت سان ڏسڻ ۽ سمجهڻ لڳو آهي. هن نه رڳو ماضيءَ جي اٿاهه اونداهيءَ جو پردو لاٿو پر مستقبل جي اڻڄاتل رياست ۾ به وکون کنيون ۽ ان ۾ جرائت سان داخل ٿيڻ جا منصوبا ناهيا. اهو سمجهي ته اها ڪا اڻڄاتل ۽ اڻ ڏٺل شئي ناهي رهي، بلڪ سندس ذهن ۽ تخيل ان جو خاڪو ڪيڏي سگهي ٿو. جڏهن انسان پنهنجي پنهنجي طاقتور دور بينين ۽ رياضيءَ جي ڏکين ۽ پيچيده اندازن سان وسيع فضا جي بي انداز وسعتن ۾ انهن جي اندر اڻ ڳڻين سيارن، ستارن ۽ ٻي عجيب ۽ غريب آسماني مخلوق کي دريافت ڪيو يعني هڪ لحاظ سان انهن سيني جي تخليق

ڪئي آهي تہ ذهن ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهو سندس اهميت جي گهٽجڻ جو ثبوت آهي يا وڌي وڃڻ جو؟ هن هڪ بي حس حياتياتي مادي (پروٽو پلازم) جي منزل کان پنهنجو سفر شروع ڪيو. پوءِ حيوان جي حيثيت سان مختلف درجاطئي ڪيا. ڇا ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هو فقط هڪ حيوان آهي جنهن جي ڪا خاص اهميت ناهي؟ اهو نظريو ان غلط فهميءَ تي ٻڌل آهي جنهن کي جولين هڪسلي ڇيو آهي تہ ڪنهن شيءِ جي شروعات ڏانهن اشارو ڪري اهو خيال ڪرڻ تہ جڻ ان جي مڪمل تشريح ٿي وئي. انسان جو حيرت انگيز تخليقي ڪارنامو هيءُ آهي تہ هن سموري ماضيءَ جو جائزو وٺي انسان ذات جي ارتقائي تجربن (جيڪي لکين سالن تي پکڙيل آهن) کي هڪ مربوط ڪهاڻيءَ جي شڪل ۾ مرتب ڪيو آهي. ان ريت ڇا تحليل نفسي جي تحقيقات واقعي انسان جي عظمت جون پاڙون لوڏي ڇڏيون آهن ۽ اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ سندس ذهن رڳو ڪوڙو وهم آهي؟ دراصل اها بہ انساني ذهن جي هڪ ڪرامت آهي تہ هن پاڻ پنهنجي عمل جي ڇنڊڇاڻ ڪري پنهنجي قوتن جي محدود هجڻ جي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي. ان انساني ذهن (جيڪو جسامت جي لحاظ کان مادي جي عظيم الشان ڍڳ جي ڀيٽ ۾ ڪا حيثيت نٿو رکي) ۾ اها زبردست صلاحيت آهي تہ هُو ان جي ماهيت کي سمجهي، ان جي ڏاهپ ڀري تشريح ڪري ۽ ان کان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم وٺي. ڇا ڏاهپ جي تقاضا اها آهي تہ فڪر جي پرواز جي ان منزل تي پهچڻ بعد هُو پنهنجا پر ساهي ويهي رهي؟ نہ پر ڪيس تہ پنهنجي آزاديءَ کان (جيڪا هن لکين سالن جي آزمائشن ۽ مصيبتن مان گذرڻ بعد حاصل ڪئي آهي) ڪم وٺي انهن قيدن ۽ پابندين کان مٿي اٿڻ جون تدبيرون سوچڻيون آهن.

انساني ذهن پنهنجي تاريخ ۾ جيڪي شاندار فتحون حاصل ڪيون آهن انهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ انسان ڪيئن هوريان هوريان پنهنجي ڪمزورين تي (جن مان ڪي سندس سرشت ۾ داخل هيون) ڪنٽرول ڪري ورتو. سندس ايجاد ۽ اختراع جي ڪارنامن جو هڪ اٽڪ سلسلو آهي جنهن ۾ لڳاتار پيچيدگي، ڊزائين ۽ مقصد جي لحاظ کان ترقي ٿيندي رهي آهي. ان سلسلي جي وسعت کي بہ تہ ڏسو! ابتدائي انسان جي شڪار ۽ کوٽائيءَ جي بي ڊولن اوزارن کان وٺي نهايت سگهارين خوردبينن، ڳڻپ مشينين ۽ روبوٽ مشينن تائين- شروعاتي دور جي غارن جي چٽساليءَ (جنهن ۾ انسان خوبيءَ جي ڳولا ۾ جهجهڪندي قدم رکندو هو) کان وٺي بعد جي زماني جي رنگ ۽ روغن ۽ نقش نگار جي سهڻين تخليقن تائين (جن کي ڏسي اسان هڪا ٻڪا ٿي وڃون ٿا)، محدود مطلب کي ادا ڪرڻ وارن نيم وحشي آوازن کان وٺي مهذب ۽ فصيح زبان تائين، جنهن ۾ معنيٰ جي سونهن ۽ بيان جي مزي جون اڻ ڳڻيون باريڪيون آهن. ڊانتي، روسي، ٽيگور جي شاعري آهي ۽ شيڪسپيئر جا ڊراما ۽ افلاطون ۽ ارسطو جو فلسفو آهي. وڻن ۽ جهوپڙين کان وٺي تاج محل تائين- مطلب تہ انهن ڪارنامن جي فهرست ۾ جيترو بہ واڌارو ڪرڻ گهرو ڪندا وڃو. شايد ان کان بہ وڌيڪ اهم اهي ڪارناما آهن جيڪي انسان سماجي زندگيءَ جي ميدان ۾ ڏيکاريا آهن. هتي هن باهمي امداد ۽ محبت جو سبق سکيو ۽ سماجي لاڳاپن جي ورن وڪڙن ۾ احسان ۽ مروت ۽ علم ۽ دانائيءَ کي هدايت جي ڏياتي ٻڌائي پنهنجي راهہ ڳوليندو رهيو (۽ ڪڏهن ڪڏهن ڀٽڪندو بہ رهيو). سندس تجربي ۽ وجدان جي ڇانو ۾ سندس نصب العين، الهامي فڪر ۽ اخلاقي قدر پرورش وٺندا رهيا جن جا سهڻا ۽ دلڪش نمونا عظيم مفڪرن، فنڪارن، شاعرن، مصنفن، سائنسدانن ۽ بزرگانِ دين جي زندگي ۽ خيالن ۾ ظاهر ٿيا. بيشڪ ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيو تہ ذهني ۽ اخلاقي سچائيءَ جي ڳولا کان منهن ڦيري هن پنهنجي زبردست دماغ جو ناجائز استعمال ادنيٰ ۽ خود غرضانہ مقصدن لاءِ ڪيو ۽ پنهنجي ظلم ۽ ستم ۽ ڪميناڻپ ۽ بي انصافيءَ سان انساني لاڳاپن جي صاف چشمي ۾ زهر ملائي ڇڏيو. ان جو دراصل مطلب هيءُ آهي تہ انسان فرد جي حيثيت سان ۽ جماعت جي حيثيت سان بہ جيڪو ڪجهہ ڪن ٿا ان ۾ سندن سموري شخصيت، سندن جبلتون ۽ امنگون، سندن ڊبيل خواهشون، سندن خود غرضيون ۽ پاڻ هرتڙايون، سندن محبتون ۽ نفرتون سڀ ڪارفرما هونديون آهن. ان مان اهو هرگز ثابت نٿو ٿئي تہ انسان جي ذهن ۾ سگهہ جي کوٽ آهي بلڪ اها خبر پوي ٿي تہ هيءُ ذهن سونهن ۽ ڀلائيءَ جو سرچشمو فقط ان حالت ۾ بڻجي سگهي ٿو جڏهن هو تخليقي ۽ سماجي مقصدن جي اڳواٽي ۽ رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪري ۽ سندس وابستگي، ڏاڍ ۽ نفرت سان نہ پر آزاديءَ ۽ محبت جي قوتن سان هجي.

# بکر جي تاريخي عظمت

(ٻيو حصو)

ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو

شيخ احمد: شيخ احمد بن قاضي شيخ محمد اُچوي، مرزا عيسيٰ ترخان جي اوائلي دور ۾ والد جي وفات ڪانپوءِ قضا جي مسند تي ويٺو. پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ فاضل بزرگ هو. نهايت بي ريا ۽ منصف عظيم هو.

قاضي شيخ فريد: هيءُ جامع الڪمالات بزرگ، قاضي شيخ محمد اُچوي بکري جو فرزند ۽ قاضي شيخ احمد جو ڀاءُ هو. پنهنجي ڀاءُ جي وفات ڪانپوءِ قضا جي مسند تي ويٺو. شريعت جو نهايت پابند ۽ وقت جو مقتدر عالم هو.

قاضي شيخ علي محمد: هيءُ جليل القدر بزرگ قاضي شيخ فريد جو فرزند ۽ قاضي شيخ محمد اُچوي بکري جو پوٽو هو. والد جي وفات ڪانپوءِ قضا جي مسند تي ويهي شريعت جي احڪامن جي پيروي ڪندو رهيو.



قاضي شيخ نور محمد: هيءُ بزرگ قاضي شيخ فريد جو فرزند هو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلندو رهيو. هن خاندان جا باقي بزرگ هميشه لاءِ ٺٽي ۾ رهيا ۽ انهن کي ٺٽي جي علمي محفل ۾ ڳڻيو ويو آهي.

قاضي محمد يعقوب بکري: هيءُ بزرگ قاضي قاضن جو فرزند هو. بکر جو قاضي هو. پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ پرهيزگار هو. شرعي فيصلي ۾ نهايت بي ريا هوندو هو.

قاضي محمد اشرف بکري: قاضي محمد اشرف ولد قاضي محمد يعقوب ولد قاضي قاضن مقتدر عالم ۽ وڏي شان وارو بزرگ هو. گهڻو زمانو دهلي ۾ گذاريائين. خوش نويسيءَ ۾ بينظير هو. شان شفيعا خط جو استاد هو شعر و شاعري ۾ اعليٰ ملڪو رکندو هو ۽ پنهنجو تخلص "بهجت" استعمال ڪندو هو.شعر و شاعري ۾ سندس "ديوان" مشهور آهي.

قاضي محمد افضل بکري: هيءُ بزرگ قاضي محمد اشرف جو فرزند ۽ قاضي محمد يعقوب جو پوٽو هو. بکر کي ڇڏي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ڪجهه وقت ٺٽي ۾ حڪومت جو "مير بخشي" (خزانچي) جي عهدي تي مقرر هيو. علمي قابليت ۾ نهايت مشهور هو.

قاضي عبدالجليل: قاضي عبدالجليل بن قاضي محمد افضل بن قاضي محمد اشرف بن قاضي محمد يعقوب بن قاضي قاضن پنهنجي دور جو مشهور عالم بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجن وڏن جي نالي پٺيان شهرت حاصل ڪيائين.

قاضي غلام حسين: هيءُ مقتدر عالم, قاضي محمد افضل جو فرزند ۽ قاضي عبدالجليل جو ڀاءُ هو. شان ۽ عظمت سان زندگي گذاريائين.

قاضي ابوالفتح: هيءُ بزرگ قاضي عبدالجليل جو فرزند هو. پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلندو رهيو.

قاضي محمد شريف: هيءُ عالم قاضي عبدالجليل جو فرزند هو سندس شمار وقت جي صالح بزرگن ۾ ٿئي ٿو.

قاضي محمد شفيع: هيءُ بزرگ قاضي عبدالجليل جو پٽ هو. جامع الصفات عارف بزرگ ٿي گذريو آهي.

قاضي محمد رضا: قاضي محمد رضا بن قاضي محمد يعقوب بن قاضي قاضن وڏي عزت ۽ شان وارو شخص هو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل هو. ان وقت جي سرڪاري ڪارخانن جي امانت جي عهدي تي مقرر هو.

مفتي قاضي محمد نعيم: هيءُ مقتدر عالم قاضي محمد رضا جو فرزند ۽ قاضي محمد يعقوب جو پوٽو هو. مفتين جي سلسلي ۾ پنهنجي دور جو معروف بزرگ هو. شرعي فيصلن ۽ مسئلن ۾ نهايت مضبوط ۽ پڪي ارادي وارو شخص هو.

مولوي عبدالرحيم: مولانا قاضي عبدالرحيم بن مفتي قاضي محمد نعيم هندستان جي وڏن وڏن عالمن وٽان علم جي تحصيل ڪري ٺٽي ۾ آيو. ٻه حج به ڪيائين. وڏن جي نقش قدم تي هلي حياتي گذاري ويو. سندس تربت جده (سعودي عرب) ۾ آهي. هيءُ بزرگ حال ۽ قال جي صفن سان سينگاريل هو.

قاضي محمد باقر: هيءُ بزرگ مفتي محمد نعيم جو فرزند ۽ مولوي عبدالرحيم جو ڀاءُ هو هيءُ فقيري حال ۾ خدا جي رستي وارن بزرگن جي صفت سان گذاري ويو.

قاضي محمد رضا: هيءُ مولوي عبدالرحيم جو فرزند ۽ قاضي مفتي نعيم جو پوٽو هو. پنهنجن وڏن جي پيرويءَ تي حياتي گذاري ويو.

قاضي ميان نور احمد: هيءُ بزرگ مولوي عبدالرحيم جو فرزند ۽ قاضي محمد رضا جو ڀاءُ هو. موروثي طور علمي مسند تي وڏن جو يادگار هو.

قاضي محمد نعيم: هيءُ مولوي عبدالرحيم جو پٽ ۽ قاضي محمد رضا جو ڀاءُ هو. پنهنجن ڀائرن وانگر ممتاز حيثيت جو مالڪ هو.

قاضي محمد رفيع: قاضي محمد رفيع بن قاضي محمد رضا بن قاضي محمد يعقوب بن قاضي قاضن علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ جهان آباد ۾ رهيو جتي هن کي "خاني" جو خطاب مليو. احمد شاهه ابدالي جي ڪاهن جي وقت ۾ راجپوتانا ۾ اچي رهيو. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي عهد حڪومت ۾ وڪيل جي حيثيت ۾ آيو. ڪجهه وقت ٺٽي ۾ رهڻ ڪانپوءِ واپس جهان آباد آيو. آخر وطن مالوف جي آب داڻي ڪيس ٺٽي ۾ اچي رهايو. نهايت پرهيزگار ۽ متوڪل بزرگ هو. پنهنجي ڀاءُ مفتي محمد نعيم کان پوءِ ٺٽي جو مفتي مقرر ٿيو.

قاضي محمد خليل: قاضي محمد خليل بن قاضي محمد يعقوب بکري بن قاضي قاضن پنهنجي وقت جو مقتدر عالم ۽ مفتي هو. مخدوم محمد حامد جي اولاد مان قاضي ابوالبقا جي مائٽي سبب ڪجهه عرصو جهان آباد ۾ رهيو ۽ ڪجهه عرصو گرهين جو قاضي ٿي رهيو.

مخدوم قاضي عبدالغفار: مخدوم



عبدالغفار بن قاضي قاضن جيد عالم هو جنهن ڪري ڪيس "اسد العلماءُ" جي لقب سان سڏيندا هئا. پنهنجي وقت جو صاحبِ توفيق بزرگ هو. وڏي شان ۽ بزرگي جي صفتن سان سينگاريل هو.

قاضي محمد ظهير: هيءُ بزرگ قاضي مخدوم عبدالغفار جو فرزند ۽ قاضي قاضن جو پوٽو هو. ڪجھ وقت ننڍي جي قضا ۽ صدارت جي عهدي تي فائز رهيو. ان ڪان پوءِ لاهور جو قاضي ۽ صدر ٿي رهيو. حياتي جي پوئين دور ۾ اورنگا بندر جي قضا ۽ احتساب تي مقرر ٿيو. ڪيترن درسي ڪتابن تي سندس هاشيه يادگار آهن. هن لاهور ۾ وفات ڪئي.

قاضي ميان عبدالحئي: هيءُ جليل القدر عالم ميان قاضي محمد ظهير جو فرزند هو. علمي وسعت ۾ سندس نالو جيد عالمن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هيءُ مقتدر عالم ننڍي ۾ زندگي گذاري ويو.

قاضي عبدالصمد: هيءُ بزرگ قاضي عبدالحئي جو فرزندهو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلندو آيو ۽ ننڍي ۾ گذاري ويو.

قاضي محمد ظهير: هيءُ عالم قاضي عبدالصمد جو فرزند ۽ قاضي عبدالحئي جو پوٽو هو. هن سڄي عمر جهان آباد ۾ گذاري.

قاضي محمد قيوم: قاضي محمد قيوم بن قاضي مخدوم عبدالغفار (اسد العلماءُ) پنهنجي دور جو مشهور معروف شخص هو.

قاضي عبدالملڪ: قاضي عبدالملڪ بن قاضي محمد قيوم پنهنجي وقت جو جيد عالم هو. ڪجھ عرصو ننڍي جو قاضي ٿي رهيو. نادر شاهه جي زماني ۾ بہ هن ساڳي عهدي تي فائز رهيو.

قاضي عبدالرزاق: هيءُ مقتدر عالم قاضي محمد قيوم جو فرزند هو. پنهنجي وقت جو جيد عالم هو. ڪيترين ئي صفتن سان موصوف هو.

قاضي ميان محمد: هيءُ بزرگ قاضي عبدالرزاق جو فرزند هو. سورت بندر ۾ حياتي گذاري ويو.

قاضي محمد حفيظ: هيءُ بزرگ قاضي عبدالرزاق جو فرزند ۽ قاضي ميان محمد جو ڀاءُ هو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي حياتي گذاري سورت بندر ۾ وفات ڪري ويو.

قاضي محمد شفيع: هيءُ بزرگ قاضي قاضن جو فرزند هو زهد، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ حياتي جا ڏينهن گذاري ويو.

قاضي محمد صالح: هيءُ جيد عالم قاضي قاضن جو فرزند هو. فقيري حال ۾ حياتي گذاري ويو.

قاضي محمد عيسيٰ: هيءُ مقتدر عالم قاضي قاضن جو فرزند هو. پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندي حياتي جا ڏينهن گذاري ويو.

بيبي فاطمہ: هيءُ برگزيده بيبي قاضي قاضن جي نياڻي هئي، جنهن جو نڪاح

قاضي سائينڏنو سيوستانيءَ سانتيو. (هيءُ بزرگ حضرت عمر رضہ جي اولاد مان پنهنجي وقت جو جيد عالم ۽ نمفتي هو. سلوڪ جي رستي ۾ عارف ڪامل بزرگ هو. حال ۽ قال جي روشنيءَ سبب سنڌ ۾ مشهور هو.) جنهن مان ولين جو سردار حضرت ميان مير (شيخ محمد مير) پيدا ٿيو. هيءُ بيبي پنهنجي دور جي "رابع" هئي. سلوڪ جي رستي ۾ عارفہ ۽ ڪاملہ هئي.

قاضي شيخ محمد المعروف ميان مير (المتوفي 1045هہ): هيءُ بزرگ قاضي سائينڏنو فاروقي سيوستاني جو صالح فرزند هو. سندس ولادت داراشڪوهہ جي فارسي ڪتاب "سڪينتہ الاولياءُ" ۾ 975هہ لکيل آهي. هيءُ بزرگ قاضي قاضن جو ڏوهٽو هو. هيءُ حضرت شيخ خضر قادري جو مريد هو. پنهنجي دور جو قطب الاقطاب بزرگ ٿي گذريو آهي. هند ۽ سنڌ جي صوفين جو سرتاج جامع الڪمالات خدا رسيده اولياءُ هو. هن 1045هہ ۾ لاهور ۾ وفات ڪئي.

بيبي جمال خاتون: هيءُ بيبي قاضي سائينڏنو فاروقي سيوستاني جي نياڻي، حضرت ميان مير جي ڀيڻ ۽ قاضي قاضن جي ڏوهٽي هئي. وقت جي عارفن ۽ زاهدن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. پاڻ دنيا کان تارڪ ۽ نهايت متوڪل برگزيده هئي. وقت جي ڪامل اوليائن جي صف اول ۾ بيبي رابع جهڙي هئي. تصوف ۽ تجريد ۾ پنهنجي والده (جيڪا پنهنجي وقت جي جامع الصفات و ڪمالات ۾ واصل بالله عارفہ هئي) کان فيض حاصل ڪري ناموري حاصل ڪئي. سلوڪ جي رستي ۾ پنهنجي قطب الاقطاب ڀاءُ ميان مير کان بہ علم ۽ فيض حاصل ڪيائين. روحانيت جي اعتبار کان سندس مرتبو نهايت بلند هو. جنهن جو ذڪر داراشڪوه پنهنجي ڪتاب "سفينتہ الاولياءُ" (فارسي) ص 215 تي ڪيو آهي. هن سڄوري بيبيءَ 1049ع ۾ وفات ڪئي.

قاضي احمد بکري: قاضي احمد بن قاضي زين الدين بکر جو مشهور عالم هو. هيءُ قاضي قاضن جو چاچو هو. هيءُ شاهہ فتح الله شيرازي جو شاگرد ۽ علامہ ابوالفضل (فيضي) جو هم سبق هو. شهنشاهہ اڪبر جي عهد حڪومت ۾ ٺٽي جو قاضي ٿي رهيو. سندس علمي برتريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن جي تربت مڪلي جي مقام ۾ آهي.

قاضي محمد بکري: هيءُ مقتدر ۽ جيد عالم، قاضي احمد جو فرزند ۽ قاضي قاضن جو سئوٽ هو. ڪيترو زمانو ٺٽي جو صدر ٿي رهيو. لاولد وفات ڪري ويو.

قاضي مير عدل: هيءُ بزرگ قاضي احمد جو فرزند ۽ قاضي محمد جو ڀاءُ هو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلي حياتي گذاري ويو.

قاضي ملا محمد جهانگير: هيءُ بزرگ پنهنجي دور جو جيد عالم هو. هن کي مجذوب وتايو کان ظاهري ۽ باطني فيض مليو ان کانپوءِ دهليءَ ۾ جهانگير جي اهليہ نور جهان بيگم جو استاد مقرر ٿيو. آخر ۾ نواب مهابت خان جي مخالفت ۽ ڪنهن خطا صادر ٿيڻ سبب کين قتل ڪيو ويو. هيءُ بزرگ بہ قاضي قاضن جي سوٽاڻ مان هو سندس مرقد ٺٽي ۾ آهي.

مخدوم حاجي: بکر جي قاضين جي اولاد مان پنهنجي دور جو معروف بزرگ هو. هن ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. سندس اولاد ٺٽي سان واسطو رکي ٿو.

سيد مير ابو القاسم (المتوفي 991هہ): هيءُ بزرگ سيد صفائي ترمذي جو وڏو فرزند ۽ مير معصوم بکري جو وڏو ڀاءُ هو. سيوي جي قلعي فتح ڪرڻ کانپوءِ شهنشاهہ اڪبر جي دربار ۾ پهتو جتي ڪيس "منصب احديہ" مليو. هن جوانيءَ جي وقت ۾ 991هہ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار خانداني قبرستان ۾ مير معصوم بکري جي پير ۾ آهي.

سيد محمد فاضل: هيءُ مقتدر جيد عالم هندي زبان جو ڄاڻو هو. شعر و شاعري ۾ بہ ڪيس وڏو ملڪو حاصل هو. سنڌي زبان ۾ سندس ڪلام تمام گهٽو آهي. جيڪو فصاحت جي خوبين سان پرپور آهي. هن کي اولاد ۾ فقط هڪ نياڻي هئي. هيءُ بزرگ سيد صفائي جو ٻيو نمبر پٽ ۽ مير معصوم بکري جو ڀاءُ هو.

سيد مير محمد شجاع: هيءُ بزرگ سيد مير ابو القاسم جو فرزند، سيد صفائي جو پوٽو ۽ مير محمد معصوم بکري جو ڀائيٽو هو. پنهنجي چاچي سيد مير محمد فاضل جي معصوم نياڻي سان شادي ڪيائين.

مولانا عبدالخالق گيلاني: هيءُ بزرگ قنڌار جو ويٺل هو ۽ مولانا عبدالله يزدي جو شاگرد هو. سن 972هہ ۾ بکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. هن هڪ ڊگهي عرصي تائين سيد مير محمد معصوم بکري جي اوطاق ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو.

سيد مير اسدالله: مير اسدالله ولد مير علي شير ولد مير شير جو ڏوهٽو هو جنهن جي علمي فضيلت ۽ مرتبي جو ذڪر "مير قانع" بہ ڪيو آهي. هيءُ ميان محمد مراد ياب خان جي دور ۾ مراد آباد ۾ رهندو هو جتي "مير قانع" جي ساڻس ملاقات بہ ٿي هئي. شروع ۾ پنهنجو

تخلص "آرزو استعمال ڪندو هو. نالي جي مناسبت سان مير قانع "ساقيءِ ڪوثر" جو تخلص مقرر ڪري ڏنو. هيءُ وضعدار سيد زادو هو. حڪيم يعقوب خان سان گهاٽي دوستي هوندي هيس.

خواجه محمد مقيم: هيءُ بزرگ حضرت خواجه عبدالله انصاري هراتي جي اولاد مان هو. بابر جي زماني ۾ "ديوان بيوتات" تي رهيو. ان کان بعد مرزا عسڪري جي وقت ۾ سندس وزير هو. شهنشاهه همايون جي غريب الوطني جي وقت ۾ ايران جي سفر ۾ سندس وزير هو. خواجه صاحب سلطان محمود بکري جي عهد حڪومت ۾ مغلن جي پاران بکر ۾ "امين" جي عهدي تي فائز هو.

قاضي خيرالدين: هيءُ بزرگ حضرت شيخ نوح بکري رح جي خاندان مان وڏي عزت ۽ مرتبي وارو شخص هو. ميان محمد مراد ياب خان ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو طرفان سندن خانداني اجابت جي سلسلي ۾ سندون جاري ٿينديون هيون. انهن مان هڪ سَنَدَ قاضي خيرالدين ساڪن لوهري (روهڙي) جي نالي تي ميان غلام شاهه ڪلهوڙو جي مهر سان هن راقم المعروف وٽ موجود آهي. جنهن ۾ سَنَدَ جو سن 1174هه لکيل آهي. انهيءَ وقت ۾ بکر جا قاضي لوهري (روهڙي) ۾ آباد هئا. خانداني روايتن موجب بکر جي قاضين (جن کي رضوي سيدن سان گڏ مرزا شاهه حسن ارغون روهڙي (لوهري) ۾ جاگيرون ڏيئي رهايو هو) جو سلسلو روهڙي جي قاضين سان منسلڪ آهي. روهڙي جا قاضي (قاضي عبدالسميع محلو) پاڻ کي قاضي قاضن جي خاندان سان منسلڪ رکن ٿا. هن وقت انهن بکري قاضين جي هڪ شاخ روهڙي ۾ آباد آهي.

بکر جي علمي محفل ۾ ڪيترن اهڙن بزرگن جي شرڪت ۽ شموليت به موجود آهي، جيڪي سيوستان (سيوهڻ) ٺٽو سکر، روهڙي، الور، نصرپور ۽ سنڌ کان ٻاهر برهانپور، احمد آباد (هندستان)، ڪشمير، لاهور ۽ دهلي (هندستان) سان تعلق رکن ٿا. مگر انهن جي خاندان ۽ نسل جي بنيادي حقيقت کي نظر ۾ رکندي تاريخي شهادتن جي بنياد تي انهن کي بکر جي علمي محفل ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته انهن جا وڏا بنيادي طور بکر جا رهاڪو هئا. جتان بعد ۾ سنڌ خواهه هند جي مختلف شهرن ڏانهن تعليم ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ هليا ويا.

بکر جي علمي محفل جو دائرو ايترو وسيع هو جنهن جي پيٽ هڪ وڏي ۾وڏي رياست سان ڪري سگهجي ٿي. هن علمي محفل ۾ وقت جا حاڪم ۽ حڪمران، امير ۽ وزير، مورخ ۽ وقائع نگار، سياح ۽ اهل ڪار ته هر وقت موجود هئا پر ٻئي طرف جيد عالم، فاضل، قاضي القضات، شيخ الاسلام، امين، صدر، مفتي، صوفيائ ڪرام، عارف، اولياءَ، فقر جا طالب، اسلامي ثقافت کي برقرار رکندا آيا. مذهبي ۽ ديني رهنما ۽ پيشوا، سياستدان، بهادر جرنيل، حڪيم، فلسفي، دانشور ۽ شعراءِ ڪرام موجود هئا جن پنهنجي پنهنجي قابليت ۽ لياقت سان ادب، ثقافت، تاريخ ۽ مذهب جي خدمت ڪري اسلامي ثقافت کي عروج تي پهچايو.

بکر جي ڀاڳ جو زمانو 622ع کان 1838ع تائين هڪ هزار ٻه سئو سورهن سال وڏي تاب ۽ تجمل سان گذريو. سنڌ جي تاريخ ۾ بکر جي تاريخي عظمت جو ڏاڪو دنيا جي اسلامي ملڪن تائين وڏي شان ۽ مرتبي جو حامل هو انهيءَ حد تائين جو هتان جي جيد عالمن، فقيهن، مفسرن، محدثن ۽ مبلغن حجاز مقدس جي مڪ معظم ۽ مديني منور ۾ عراق جي شهر بغداد ۾ شام جي شهرن دمشق، نيشاپور ۾ ان کان علاوه مصر ۾ وڃي پنهنجي علمي استعداد سان پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ ۽ شهر جو نالو نروار ڪيو. هتان جا اهي برگزيدا عالم ۽ صوفياءِ ڪرام نه فقط وقت جا امام هئا پر دنيا جي مسلمان ملڪن ۾ سنڌن تعليم، تربيت ۽ صحبت مان ڪيترائي امام الوقت بزرگ پيدا ٿيا.

بکر نه فقط سنڌ جي تاريخ جو اهم باب هو پر ان سان گڏ دنيا جي اسلامي ثقافت جو اهم مرڪز به هو. هيءُ عظيم شهر سنڌ جو "باب الفيض" هو. حڪومت جي گادي جي هنڌ هئڻ سبب زندگي جي هر شعبءِ حيات ۾ عروج ۽ ڪمال جون قنديلون روشن رهيون ۽ هي علمي روشني ٻارهن صدين تائين برابر ڀٽڪيل انسانن کي راهه راست ڏيکارڻ لاءِ رهبري ۽ رهنمائي ڪندي رهي. اڄ انهيءَ ڀڪندڙ ۽ چمڪندڙ متبرڪ شهر جو نالي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه رهيو آهي. هتي خوفناڪ تاريڪي موجود آهي، جيڪا ايندڙ ويندڙ کي ڀيانڪ منظر پسائي ڏيڄائي رهي آهي، جتي اڄ ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ کي وڃڻ به گوارا نٿو ٿئي!

محسوس ته ايئن ٿئي ٿو ته هت گويا ڪنهن به شيءِ جو وجود ڪونه هو. وقت جو انقلاب به هڪ عجيب ڪرشمو آهي.

"تلڪ الايام نداولهابين الناس"

(قرآن)

# ورهاڱي کان اڳ
# سنڌ جو هڪ اهم اقتصادي مسئلو

طارق احمد

قومن جي زندگي ۾ جاگرافيائي بيهڪ، تهذيب ۽ ثقافت، ٻولي ۽ علم ادب سان گڏ جنهن شعبي کي سڀ کان وڏي اهميت حاصل آهي، اُهو اقتصاديات يا معاشيات آهي.

سنڌ صدين کان زراعت تي دارومدار رکندڙ پرڳڻو رهيو آهي. هندو اقليت مسلم اڪثريتي آبادي واري هن خطي جي معيشت جو گهڻو تڻو واهپو زراعت ۽ ٻني ٻاري سان رهيو آهي. مسلمان زميندار ڪوٺ واڙ ۾ هندو واپارين کان قرض وٺي گذر سفر ڪندا پئي رهيا. وياج وٺڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه قاعدا ضابطا مقرر هئا، جنهن ۾ قرض عيوض ڳهه ڳٺا



۾ زيور گروي طور رکيا ويندا هئا. پر انگريزن جي دور کان اڳ زمين کي گروي طور رکڻ جي رياستي طور بندش پيل هئي. چاڪاڻ ته هندو غير زرعي ۽ واپاري طبقي سان وابسته هئا. تنهنڪري زرعي زمين گروي رکڻ جي صورت ۾ سڄي پرڳڻي جو زرعي نظام ڊوان ڊول ٿيڻ جا امڪان هئا. پر بدقسمتيءَ سان 1843ع ۾ انگريزن اچڻ سان سنڌ ۾ اها بندش ختم ڪري ڇڏي. ڪريم بخش چنا ان مسئلي تي روشني وجهندي لکي ٿو: "انگريزن جو قدم جيئن سنڌ ۾ پڪو ۽ پختو ٿيندو ويو تيئن هو ملڪي معاشرت ۾ پنهنجين سياسي مصلحتن جي بناءِ تي ڦيرڦار ڪرڻ لڳا. ميرن جي زماني ۾ هندن تي جيڪي زمين جي خريدڻ، وياج جي وڌن نرخن وٺڻ ۽ مسلمانن جون زمينون گروي رکڻ تي بندشون پيل هيون سي هنن لاهي ڇڏيون جنهن ڪري ڪيترا آبادگار پنهنجي جهالت ۽ فضول خرچيءَ سبب هندو شاهوڪارن جي وياج تي وياج ۽ ڪپتن جي ڪري پنهنجون زمينون وڃائي ڪنگال ٿيندا ويا."(1)

اهو مسئلو نه رڳو سنڌ ۾ پر پنجاب ۾ پڻ هو پر پنجاب ۾ 1901ع ۾ تحفظ ايراضيءَ جي قانون (Land Alienation Act) پاس ٿيڻ ڪري وٽن هندو وياج خورن جو آبادگارن جي زمينن تي قبضو رکجي ويو هو. سنڌ مسلم ليگ جي اڳواڻن جهڙوڪ سائين جي ايم سيد، محمد ايوب کهڙو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻين 1936ع ۾ ئي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ لينڊ ايلينيشن بل متعارف ڪرايو جنهن تي اسيمبليءَ جي اجلاسن ۾ بحث ٿيندو رهيو پر ۾ ان مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ هندو اقليت جا اسيمبلي ميمبر رڪاوٽون وجهندا پئي رهيا جنهن ڪري سنڌ ۾ ان سلسلي ۾ قانون سازي نه پئي ٿي سگهي. 8 جولاءِ 1938ع تي سنڌ جي مسلمان سياستدانن ڪراچيءَ ۾ هڪ سنڌ پوليٽيڪل ڪانفرنس منعقد ڪئي جنهن ۾ استقباليه تقرير ڪندي مير محمد بلوچ ان مسئلي جي حقيقت ۽ تاريخي پسمنظر تي روشني وجهندي چيو: "هي ڳالهه اظهر من الشمس آهي ته سنڌ تي زميندارن جي زمين ڪڙمين جي هٿان نڪري وياج خورن جي قبضي ۾ اچي رهي آهي. سنڌ جي جڏهين انگريزن جو قبضو ٿيو تڏهين وياج خورن وٽ زمين جو هڪ ايڪڙ به نه هو مگر هينئر رفته رفته 40 سيڪڙو زمين مسلمان غريبن ڪڙمين جي هٿ مان نڪري وياج خورن جي نالن تي سرڪاري ڪاغذن ۾ درج ٿيل آهي. باقي 60 سيڪڙو زمين مان 40 سيڪڙو انهن واڻين وٽ گروي آهي ۽ فقط 20 سيڪڙو مسلمانن جي هٿ ۾ باقي وڃي رهي آهي. زميندار اڻ پڙهيل آهن- گهڻي ڪري ائين ٿيندو آهي ته واڻيو نه فقط گڏيل وياج وٺي ٿو مگر پنهنجي چوپڙي جي بدل سدل ۽ رسم الخط جي ستم ظريفين سان زميندارن جي زمين تي ڏينهن ڏٺي ڌاڙو هڻي اها پنهنجي قبضي ۾ آڻي ٿو. ويچارو زميندار انهيءَ ظلم خلاف گهڻيئي رڙيون دانهون ڪري ٿو ۽ گهڻن وقتن تي عدالت جو در کڙڪائي ٿو مگر واڻئي جي چوپڙي جي لکت جي خلاف هن جي ڪوبه نٿو ٻڌي. عدالت کان هن کي جواب ملي ٿو ته واڻئي جي چوپڙي تي تنهنجي آڱوٺي جو نشان لڳل آهي ۽ هي ثابتي واڻئي جي قرض کي واجب الادا بنائڻ لاءِ ڪافي آهي. ويچارو زميندار منهن مٿو پٽيندو رهجي ٿو وڃي ۽ پنهنجي آزادي وڃائي هميشه لاءِ غلامي جي زندگي گذارڻ لاءِ مجبور ٿي ٿو وڃي ۽ جنهن زمين جو هو ڪنهن ڏينهن خود مالڪ هو انهيءَ تي مزدور ٿي پيٽ پالڻ لاءِ واڻئي جو غلام ٿي رهي ٿو. پوءِ زمين جي پيدائش جو وڏو حصو واڻيو مالڪيءَ جي ڪري کڻي وڃي ٿو ۽ جو ڪجهه ٿورو حصو هن غلام ڪڙمي جو هوندو آهي اهو به واڻيو انهيءَ قرض ۾ کڻي وڃي ٿو جو ويچاري ڪڙمي هارپ ڪندي ٻچن جي پيٽ پالڻ لاءِ ورتو هو. اهڙي طرح ويچارو ڪڙمي خالي هٿ رهجي وڃي ٿو."(3)

سنڌ ۾ وياج خوريءَ جي مد ۾ زمينن جي گروي ٿيڻ واري مسئلي جي نقصانن تي روشني وجهندي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي لکي ٿو "وياج خور طبقو اڃا به وڌيڪ ھبچي ۽ ظالم ٿي پيو. قاعدي مطابق آبادگارن کان ڇهه سيڪڙو وياج وڌ ۾ وڌ وٺڻو هو پر وياج خور روپئي تي آنو هر مهيني تي وٺندو هو يعني 75 سيڪڙو هر سال. اهڙا به واقعا هئا جتي چار سؤ سيڪڙو يا ان کان مٿي به وياج ورتو ويو. پاڪستان کان اڳ جا سول ڪورٽن جا رڪارڊ اهڙن مثالن سان ڀريا پيا آهن. سنڌ جي اينڪمبرڊ ڪاتي جا رڪارڊ اهڙن مثالن سان ڀرپور آهن جتي وياج خور طبقي جي ماڻهن سنڌ جي زميندارن جون هزارين ايڪڙ زمينون ٺڳيءَ ۾ جعلسازيءَ ذريعي حاصل ڪيون. حقيقت ۾ اهي ئي حالتون هيون جن سنڌ جي ماڻهن کي پاڪستان تحريڪ لاءِ آماده ڪيو."(3)

ان مسئلي جي حل خاطر سنڌ ليجسليٽيو اسيمبليءَ ۾ لينڊ ايلينيشن بل ۽




سنڌ لينڊ هولڊرس مارگيجز بل 1936ع کان 1947ع تائين بحث هيٺ ايندا رهيا پر هندو ميمبرن جي مزاحمت ۽ سازشن سبب پاس ٿي نہ سگهيا. جيتوڻيڪ 2 اپريل 1947ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ هندو ميمبرن جي گهڻائي جي غيرحاضر هجڻ سبب سنڌ لينڊ هولڊرس مارگيج بل پاس ٿي ويو پر بدقسمتيءَ سان اُهو پڻ عمل ۾ اچي ڪونہ سگهيو.

سنڌ لينڊ هولڊرس مارگيجز بل ۾ سنڌ جي مسلمان زميندارن جي هندن وٽ گروي ٿيل زمينن جا تفصيل هيٺين ريت ڄاڻايل آهن:

| نمبر | ضلعو | ايراضي | زمين جي قيمت |
|---|---|---|---|
| .1 | حيدرآباد | 37،342 ايڪڙ | 63،88،400 رپيا |
| .2 | سکر | 9،090 ايڪڙ | 9،82،360 رپيا |
| .3 | نوابشاهہ | 21،820 ايڪڙ | 7،30،500 رپيا |
| .4 | ٿرپارڪر | 1،50،000 ايڪڙ | 2،25،00،000 رپيا |
| .5 | دادو | 36،361 ايڪڙ | 17،25،705 رپيا |
| .6 | مٿيون سنڌ ضلعو | 51،582 ايڪڙ | 91،79،192 رپيا |
| .7 | ٺٽو | 20،939 ايڪڙ | 12،17،893 رپيا |
| .8 | لاڙڪاڻو | 11،171 ايڪڙ | 26،33،166 رپيا |
| | ٽوٽل | 3،38،305 ايڪڙ | 4،53،57،216 رپيا |

مٿي ڄاڻايل حوالن مان اهو ڀلي ڀت واضح آهي تہ سنڌ ۾ هندو وياج خورن جي ناانصافين کان نجات حاصل ڪرڻ پڻ هڪ وڏو سياسي مُحرڪ هو جنهن ڪري پاڪستان جي قيام لاءِ سنڌ جي عوام 1936ع کان 1947ع تائين سنڌ مسلم ليگ ۾ وڏي چڙهي حصو ورتو ۽ آخرڪار پاڪستان جو قيام 14 آگسٽ 1947ع تي عمل ۾ آيو جنهن سان سنڌ جي مسلم اڪثريتي آباديءَ جيڪا زراعت جي پيشي سان وابستہ هئي ان جي ترقيءَ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ راهون هموار ٿيون.

حوالا:

(1) ڪريم بخش چنا- "سنڌ جو سماجي جائزو انگريزن جي عهد حڪومت" ۾ ٽماهي مهراڻ- 2/1962ع- ص 119-118.

(2) ماهوار "جياپو" ڪراچي آڪٽوبر 1992ع- ص 33.

(3) پروفيسر اعجاز قريشي، "ڪراچيءَ جو ڪيس" پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي، 2017ع ص-449.

# سنڌ جو سچو سپوت علاو الدين سمون

هدايت الله سومرو



سنڌ جي مردم خيز خطي ڪيترائي اهڙا مانجهي مرد پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي پنهنجي دور ۾ اهم ڪارناما سرانجام ڏيئي نه رڳو پاڻ ملهايو پر سنڌ ڌرتي ۽ ان جي رهواسين جو مان مٿانهون ڪيو ۽ نالو روشن ڪيو. انهن مان علاوالدين سمون پڻ هڪ هو. سندس ڄمڻ جو سال معلوم نه ٿي سگهيو آهي، البته هن مرد مجاهد پنهنجي عملي جدوجهد جي شروعات انگريز دور جي مشهور تحريڪ خلافت تحريڪ ۾ سرگرمي ۽ جوش جذبي سان حصو وٺڻ سان ڪئي.

هي اهو دور هو جڏهن 1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾ ناڪاميءَ سبب سڄي ننڍي کنڊ ۾ انگريزن خلاف هندن توڙي مسلمانن ۾ گڏيل طور نفرت جو هڪ لاوو پچي رهيو هو چاڪاڻ ته عالمي سطح تي پڻ انگريزن ظلم ۽ ناانصافيءَ جي انتها ڪري ڇڏي هئي. انگريزن 1912ع ۾ ترڪيءَ خلاف جنگ بلقان شروع ڪئي. 1914ع ۾ پهرين عالمي جنگ شروع ٿي، جنهن ۾ هڪ طرف انگريز ۽ سندس اتحادي ملڪ هئا ته ٻئي طرف جرمني ۽ سندس اتحادي هئا. ترڪي جيئن ته جرمني جو اتحادي هو تنهن ڪري انگريزن عربن کي ترڪن خلاف اُڀاري اسلامي خلافت جيڪا ترڪن وٽ هئي ختم ڪري ڇڏي. مصر ۽

سوڊان بہ انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويا. يونان ۾ مسلمانن جو قتل عام شروع ٿي ويو ان صورتحال سڄي اسلامي دنيا توڙي ننڍي کنڊ هند ۽ سنڌ ۾ ڪاوڙ جي لهر پيدا ڪئي. انگريزن خلاف سڄي دنيا ۾ محاذ کولڻ واسطي 1915ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي افغانستان ويو. ننڍي کنڊ ۾ مسلمانن توڙي هندن گڏيل طور "خلافت تحريڪ" شروع ڪئي جنهن جو مطالبو هو تہ مسلمانن جي پاڪ جاين جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ ترڪيءَ جا اُهي علائقا جيڪي اتحادين پاڻ ۾ مال غنيمت طور قبضي ۾ ڪيا آهن اهي ترڪيءَ کي واپس ڏنا وڃن. 1919ع ۾ خلافت تحريڪ سنڌ سميت سڄي ننڍي کنڊ ۾ زور شور سان شروع ٿي. 20 مارچ 1919ع تي دهليءَ ۾ مسلمانن ۽ هندن جي گڏيل جلوس تي پوليس فائرنگ ڪئي. لکنئو ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ ٺهراءَ بحال ڪيو ويو تہ 17 آڪٽوبر 1919ع تي سڄي هندستان ۾ ترڪيءَ جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون وڃن. ان ڏينهن کي خلافت جو ڏينهن چيو ويو سنڌ ۾ اهو ڏينهن وڏي جوش جذبي سان ملهايو ويو. 23 نومبر 1919ع تي دهليءَ ۾ پهرين خلافت ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي اڳواڻن مولانا تاج محمود امروٽي رح، پير تراب علي شاهہ جان محمد جوڻيجو ۽ سيٺ عبدالله هارون شرڪت ڪئي. سنڌ ۾ هن تحريڪ ۾ ڏڦيڙ وجهڻ خاطر مولوي فيض الڪريم کان ان جي خلاف هڪ ڪتاب "تحقيق الخلافت" لکرائي ڇپرايو ويو. جنهن جي رد ۾ سنڌ جي نامياري عالم مولانا دين محمد وفائي هڪ ڪتاب "اظهار الڪرامتہ" لکي ڇپرايو. سنڌ خلافت ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن طرفان هڪ اخبار "الوحيد" 1920ع ۾ ڪراچيءَ مان جاري ڪئي وئي. 7 کان 9 فيبروري 1920ع تي لاڙڪاڻي ۾ صوبہ سنڌ خلافت ڪانفرنس پير رشدالله شاهہ راشدي جي صدارت هيٺ منعقد ٿي. آل انڊيا خلافت ڪانفرنس 15 کان 17 فيبروري 1920ع بمبئي ۾ ٿي، جنهن جي صدارت رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ڪئي. 22 جون 1920ع تي مرڪزي خلافت ڪاميٽي وائسراءِ هند کي درخواست ڪري گهر ڪئي تہ ترڪن سان صلح جي شرطن ۾ نرم رويو ۽ سنو ورتاءُ ڪيو وڃي. ان درخواست تي سنڌ جي اڳواڻن سيٺ عبدالله هارون، مولانا تاج محمود امروٽي، منشي امين الدين، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد اسد الله شاهہ ٽکڙائي، مولانا محمد صادق کڏي وارو، جان محمد جوڻيجو پير رشد الله جهنڊي وارو محمد هاشم مخلص ۽ مولوي عبدالخالق خليق صحيحون ڪيون.

6 کان 8 جولاءِ 1922ع تي سکر ۾ سنڌ صوبائي خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن جي صدارت بمبئي ڪرانيڪل جي ايڊيٽر محمد مارما ڊڪ پڪٿال ڪئي. مولانا محمد علي جوهر ۽ ٻين اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس جي منعقد ڪرڻ ۽ ڪامياب بڻائڻ ۾ سکر جي سيٺ عبدالستار آدم سان گڏ مسٽر علاوالدين سمون جو نالو پڻ اچي ٿو سندس تعلق اوباوڙي سان هو سندس ڪارڪردگيءَ کان متاثر ٿيندي 8 ڊسمبر 1922ع تي ميرپورخاص ۾ مجلس خلافت جي صوبائي عهديدارن ۽ مجلس عامل جي ميمبرن جي چونڊ ٿي تہ ان ۾ علاو الدين سمون کي پڻ عهدي تي ڪنيو ويو. رپورٽ موجب هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا:

1. صدر: سيٺ حاجي عبدالله هارون
2. نائب صدر: سيد قاضي اسدالله شاهہ
3. سيڪريٽري: مسٽر علاوالدين سمون
4. خزانچي: سيٺ حاجي عبدالله هارون

سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جي مٿئين عهديدارن انگريزن خلاف ڀرامن سياسي هلچل واري ڪم کي اڳتي وڌايو پر ڪن اڻڄاتل سببن ڪري جون 1923ع ۾ علاو الدين سمون صاحب پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني. جمعيت خلافت صوبہ سنڌ جي ساليانو رپورٽ (بابت سال سيپٽمبر 1922ع کان آگسٽ 1923ع) ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي: "اول مسٽر علاوالدين صاحب سمي کي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو پر افسوس جو ڪن حالتن جي ڪري هن صاحب جون ۾ استعيفيٰ ڏني." ان باوجود مقامي سطح تي هُو خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪندو رهيو. 30 جون 1923ع تي ڪيس شڌي تحريڪ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ جميعتہ علماءِ سنڌ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

سيد محبوب علي شاهہ پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي تہ "اوباوڙي جو وينل هاريءَ جو پٽ هو. پنهنجي همت سان پڙهي بي اي پاس ڪيائين ۽ مختيارڪار ٿيو." پر جيئن تہ هُو قومي خدمت جي جذبت سان سرشار هو تنهن ڪري پرواهہ نہ ڪندي پنهنجي مختيارڪار هجڻ واري زماني ۾ هن 25 جولاءِ 1939ع تي محمد امين خان کوسو کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ هن بمبئي مان نڪرندڙ ڪميونسٽ اخبار "نيشنل فرنٽ" بابت پنهنجي دلچسپي ظاهر ڪئي.

1940ع ۾ ڪيس ملازمت تان معطل ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ هن پاڻ ئي ملازمت کان




استعيفيٰ ڏني، ساڳئي سال ڪيس سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن ائڪٽ تحت گرفتار ڪيو ويو. سندس گرفتاريءَ تي قوم جي گهڻ گهرن ۽ خير خواهن کي نهايت ڏک پهتو. هفتيوار پيغام صلح ڳڙهي ياسين (ايڊيٽر: مظفر اويسي) پنهنجي 5 آڪٽوبر 1940ع واري شماري ۾ شايع ٿيل هڪ مضمون "مسٽر علاوالدين سمو رٽائرڊ مختيارڪار يوسفي زندان ۾" عنوان هيٺ لکيو. جنهن جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

"هن فخر ملت وزارت جا حامي ۽ حواري ميراثي ۽ منگت جڏهن پنهنجي محسن وزارت جي تعريف ۽ توصيف ۾ بعلبڪ جي بت جيڏي لمبي زبان کولين، تڏهن انهن کي ايماندارانہ پنج منٽ وزارت جي هن ڪارنامہ تي بہ قدري سرسري طورئي هي نظر ڪرڻ گهرجي تہ ايهوئي مبارڪ ۽ سعيد دور آهي جنهن ۾ مسٽر سمہ جهڙا اعليٰ پايہ جا مسلمان بہ سکر ۾ شاهي مهمان طور يوسفي زندان ۾ پهچي چڪا آهن. سو بہ فقط هن لاءِ تہ چند بت ۽ بت پرست مسلمان وزيرن کي آشيرواد چون.

چاچي ابو شوڪت وانگر مسٽر سمہ بہ پراڻو خلافتي آهي. انڪري هن جي سوانح حيات تي ڪنهن لمبيءَ شرح لکڻ جو تہ ضرور نہ آهي فقط هيترو لکڻ ئي ڪافي آهي تہ هو هڪ صحيح معنيٰ ۾ مسلمان آهي. هن جي گذشتہ خانگي حياتي جو مختصر عرصہ نہ مگر نوڪري جو وقت بہ غريبن جي حمايت ۾ سربڪف رهندي گذريو آهي. البتہ هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ مسٽر سمہ ۽ ڪي ٻيا بہ اهڙا چند مسلمان آهن جي پنهنجي وقت کان گهڻو اڳ سنڌ ۾ پيدا ٿيا آهن ۽ اجا فضا انهن جي بلند خيالن کان گهڻو هيٺ ڪريل آهي. انڪري سنڌ جا اهي مغرور ۽ بي انصافي جا بت (وڏيرا) ۽ بت پرست (حمايتي) انهن بت شڪنن کي غلط نگاهن سان ڏسي چڙڪي رهيا آهن. چاڪاڻ تہ اڄ بہ اهي اڃا عربستان جي پراڻن بت بوتن وانگر پنهنجي پوڄا ڪرائڻ جا متمني آهن. ڪيترن وڏيرن جي اڃا بہ اها غلط روش هلي ٿي اڃي جا هن کان اڌ صدي اڳ انهن جي هئي. انڪري مسٽر سمہ جهڙن ماڻهن جو انهن سان ضرور ٽڪر ٿو ٿئي جنهن جو وري غلط نتيجہ الٽا چور ڪوتوال کو ڏانٽي وارو اهو نُڪتو جو هن کي نوڪري تان لاهي ڳوٺ اماڻيو ويو. چاڪاڻ تہ نہ تہ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي تہ وزارت جي ايوان ڪسرا ۾ تزلزلہ ٿي آيو جو تہ ڪي پاريچي ڊويزن جا وڏيره نہ تہ ان کان ناراض ٿي ٿيا، جن جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ مسٽر سمہ گهور جو گهتو ڪيو ويو. هو گهر پهتو تہ پراڻہ نزاع اٿي ڪڙا ٿيا. ڪن هندن ۽ مسلمانن هن جي ڦاسائڻ جا منصوبہ رٿيا، پنهنجي خدائي جي خلاف هنن کي مسٽر سمہ جو ڪفر هي هٿ لڳو جو هن ڪن بيروزگار مسلمانن جي روزگار پيدا ڪرڻ لاءِ ڪن مسلمانن کي دڪانن کولڻ جي ترغيب ڏني ۽ ساڳي وقت ڇڙڇڙ ڳاٻڙا مسلمان جماعتي زندگي گذارڻ جا عادي ٿين. ان لاءِ هڪ انجمن ينگ مسلم جي نالي ٻپا ڪئي. جي ٻئي نيڪ ڪم اڄ ڪالهہ سنڌ ۾ عمومن سکر ضلعي ۾ خصوصن ڪي غرض پرست ڪفر کان گهٽ نٿا سمجهن. انڪري هن جي برخلاف ڪن وڏيرن ۽ هندن گڏجي سازش ڪري چوڻ ۾ ٿو اچي تہ وڏا منصوبا رٿيا. مٿس فائر ڪرايا ۽ طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون. هڪ قانوندان مسلمان قانون هٿ ۾ نہ ڪنيون مگر قانون هلائيندڙن جي درن جو ڪڙو ڪڙڪايو انصاف گهريو پر شايد مسٽر سمہ کي معلوم نہ هيو تہ جنهن جاءِ تي ڪنهن جا هندو بہ مخالف هجن ۽ وڏيره بہ اتي ڪنهن کي انصاف پلئہ پوي سو شد ئي نہ آهي. جنهن جو تلخ تجربو مسلمانن کي سکر فساد وقت ڪافي ٿي چڪو آهي. آخر ان کي فرنٽيئر ايڪٽ هيٺ گرفتار ڪرائي سکر ۾ شاهي مهمان ٻڌايو ويو آهي. نہ رڳو ان کي اڪيلو مگر پير پرچونڊي جي خليفن وانگر ان جا عزيز ۽ دوست بہ تلاش ڪري هٿ ڪيا پيا وڃن. ان ڪانپوءِ ان جي پرده پوش فيملي سان ڪهڙي واردات ٿي گذري هوندي اهو هر ڪو انسان سمجهي سگهي ٿو. مسٽر سمہ جي گرفتاريءَ بعد سکر ضلعي ۾ سخت هراس ڇانئجي ويو

آهي. ڪو بہ شريف مسلمان پاڻ کي ان ڪاري قانون جي زد کان آزاد نٿو سمجهي.

آخر ۾ اسين سنڌ وزارت کي نيڪ صلاح ٿا ڏيون تہ جيڪڏهن هن تڪڙ ڪري مسٽر سمہ تي ڪو قدم کنيو تہ پنهنجي لاءِ مسلمانن جي دلين ۾ ڪو بہ ذرو محبت جو باقي پاڇي نہ ڇڏيندي. جيڪڏهن هوءَ گهري ٿي پاڻ کي منصف مزاج وزارت چوائڻ تہ يڪدم هڪ بي ريا غير جانبدار ڪميشن ويهاري جاچ ڪرائي تہ مسٽر سمہ ڏوهي آهي ڇا؟ چو تہ مدت ٿي آهي جو اپاوڙہ جا مسلمان ان طرف جي زميندارن ۾ هندن کان آهہ بہ لب آهن. آخر ڪجهہ تہ آهي جو انهن جي اها چيخ پڪار هلي ٿي اچي. ساڳئي وقت اسين پنهنجن غافل مسلمانن کي زوردار اپيل ٿا ڪريون تہ هو بہ ڪجهہ غور ڪن تہ ڪيستائين اسان مسلمانن جون عزتون هن وزارت جي ديويءَ اڳيان ان طرح پيتا ٿينديون رهنديون؟”

1937ع جي چونڊن بعد وجود ۾ آيل سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ آڏو بہ بل بحث هيٺ هئا. هڪ لينڊ ايلينيشن بل، ٻيو ڊيبٽ ڪنسيليشن بل. اهي ٻئي بل هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ اختلاف جو سبب بڻيا رهيا. ٻئي نمبر بل بابت علاوالدين سمون هڪ مضمون لکيو جيڪو هفتيوار پيغام صلح ڳڙهي ياسين جي 10 مئي 1941ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. هيٺ اهو جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو.

قرض بل ۽ سنڌ جا مسلمان

از قلم جناب مسٽر علاو الدين صاحب سمون بي اي جنرل سيڪريٽري صوبہ هاري ڪاميٽي سکر

الوحيد ۽ پيغام صلح دانهون ڪري رهيون آهن تہ قرض بل بابت وزارت رڳو گول مول نهراءَ ڪري شيخ ۽ شيطان کي ساڳي وقت راضي ڪيو آهي جنهن ڪري ان ڪان طلب ٿي رهي آهي تہ ان لاءِ ڪا سمجهاڻي ملي. شيخ سعدي فرمايو آهي تہ:

گکيہ بر ديوار کردم برسر افتاد خاک
خاک با اوبر سر کو تکيہ بر غيدان کند

جيڪو ماڻهو ٻين تي ڀاڙيندو آهي تنهن کي اهو حاصل ٿيندو آهي جو سنڌ جا مسلمان حاصل ڪري رهيا آهن. انهن کي ابتدا کان سيکاريو ويو آهي تہ سرڪار مائي باپ آهي هميشہ ان کان ادب سان نياز سان بيکارن وانگر بيک گهرو پوءِ ان کي جڏهن رحم پوي يا جيڪي عنايت ڪري. مگر انهن کي هينئن سيکاريو نٿو وڃي تہ ماءُ بہ روئڻ کان سواءِ ٻار کي کير نہ پياريندي آهي. اسان جا ليڊر وزارت جي ڪرسين تي وڙهڻ وقت تہ اسلام ۽ مسلم ليگ جا نالا وجهندا ماڻهن کي ورغلائيندا ٿي رهيا مگر هينئر ڪم لٿي بعد ويجها بہ نٿا لنگهن. خدا ڄاڻي اهڙن ليڊرن کي ڪڏهين ساڃهہ ايندي جو قوم جي بهتريءَ جو ڪم سچائي سان ڪندا.

قرض بل برابر گول مول آهي مگر اهڙن بلن مان بہ سجاڳ قوم گهڻو ڪجهہ فائده وٺي سگهي ٿي. مگر جڏهين مسلمانن ۾ جماعتي زندگي مفقود آهي ۽ مسلمان وڪيلن کي وقت ڪونهي جو قوم جي ڀلي لاءِ بہ چار منٽ بل کي مطالع ڪري سوچي ڪا راهہ عمل پيدا ڪن ۽ ليڊر پنهنجي پٽڪي ۾ مشغول آهن تہ پوءِ باقي رڳا مسلمان پينشنر ئي آهن جي جيڪو اهو ڪم هٿ ۾ ڪڻن تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن. هن وقت مسلم قوم جي مفاد لاءِ 3 بل آهن جن تي سرڪار کي زور سان عمل ڪرائڻ گهرجي. 1 قرآن بل. 2۔ مارڪيٽنگ بل. 3۔ قرض بل. ٽيئي بل قومي معيار کان تہ گهڻو ڪريل آهن مگر جو ڪجهہ آهن تن جو بہ تہ فائدو وٺڻ گهرجي. في الحال قرض بل تمام ضروري ۽ اهم آهي ان لاءِ 15 جون 1941ع اندر درخواستون ڪرڻيون آهن. هن کان سواءِ عام طرح اهو بہ هليل آهي تہ فقط گروين جي آزاديءَ بابت بل آهي پر ايئن نہ آهي سرڪاري پڌرنامہ پ 100 مورخ 5 اپريل 1941ع جي فقره 8۔ الف ۾ لکيل آهي تہ 1 فيبروري 1939ع تي جيڪو قرض ڪنهن هاري ڏانهن هوندو سو معاف سمجهڻ گهرجي. اهو فقره هاريءَ لاءِ تمام قيمتي آهي. اسان جي هاري ڪميٽي انهيءَ بل جو ڪم پاڻ تي ڪنيو آهي. اسان کي انگريزي تعليم يافتہ مسلمانن جي گهرج آهي جي غريب هاريءَ جي ڀلي خاطر مفت ڪم ڪن يا واجبي اجورو وٺن. اسان جو رايو آهي تہ هر هڪ ڳوٺ ۾ ڪي انگريزيدان وڃن ۽ هر هڪ هاري جي قرض جي تاريخ وٺي درخواست تيار ڪن تہ اميد تہ مسلم قوم تان لکن رپين جي قرض جو بار لهي پوندو. اسان اهڙن نوجوانن جي رهبري ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. سنڌي پڙهيل نوجوان يا پيدا ۽ عالم سگهورا بہ اهو ڪم بخوبي سولائيءَ سان ڪري سگهندا. تنهن کان سواءِ اسان جو خاص عرض پينشنر مسلمانن کي خصوصن روينيو وارن کي آهي تہ هو ان ڪار خير ۾ اسان سان هٿ ملائين. پيغام صلح جي ڪيل ڪن سوالن جا جواب هي آهن:

1۔ درخواستون 15 جون

1941ع اندر ڪرڻ گهرجن.

2۔ درخواستون حد جي سب جج کي ڏينديون.

3۔ سڀ ڪنهن ڊڪري ۾ ڦير ڦار ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ درخواست 15 جون اندر ڏيندي. ڏسو فقره 9 پڌرنامه جو.

4۔ جي ڊڪريون اڳ تعميل ٿي ويون آهن تن لاءِ صفائي ڪانهي ان لاءِ لکپڙهه هلايل آهي.

5۔ ڪيترين به جهونيون ڊڪريون جي زير تجويز آهن تن سان اهو بل لاڳو آهي.

6۔ هلندڙ دعوائن سان قاعدو لاڳو آهي. مدعيءَ کي تفصيل سان وچور ڏيڻو آهي ته ايڪٽ 8 سال 1940ع جي تعميل ڪيل آهي يا نه. جي مدعي ان موجب دعوي پيش نه ڪندو ته دعوي خارج ٿي ويندي.

وڌيڪ حقيقتن پڇڻ لاءِ اسان سان ڪو به صاحب سڌو لکپڙهه ڪري سگهي ٿو. اسين مسلمان وڪيلن کي به عرض ڪنداسون ته ڪو صاحب انهي ائڪٽ تي نوٽ لکي مسلمانن جي هدايت لاءِ ڇاپائي ته ڪيس اجر خير ملندو. پاڻ نه ڇپائي يا ڇاپارائڻ جي طاقت نه اٿس ته سندس لکيل نوٽ اسان جي ڪاميٽي شڪريه سان قبول ڪري ڇپارائيندي. اميد ته هن صدا تي گهڻا ئي مسلمان وڪيل لبيڪ چوندا. وڌيڪ تفصيل لاءِ اسانجي هاري ڪاميٽي جي ڇوپڙي "نظام هاري" جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.



علاؤالدين سمون جي آخري آرام گاهه
(ميوه شاهه قبرستان ڪراچي)

***

1942ع وارين چونڊن ۾ هن سردار علي گوهر مهر جي مقابلي ۾ پيپر ڀريو. اهو اهڙو دور هو جو ڪو به ماڻهو ڪنهن سردار يا وڏيري سامهون چونڊن ۾ بيهڻ جي جرئت ئي نه ڪندو هو. جيتوڻيڪ هن چونڊن ۾ هارايو پر پوءِ به همت نه هاري. اڳي کان وڌ هاري تحريڪ ۾ سرگرم رهيو.

11 اپريل 1943ع تي سکر ۾ ٿيندڙ سکر ضلعي هاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. آل سنڌ صوبائي هاري ڪميٽيءَ جو نائب صدر مقرر ٿيو.

“Who’s who” ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هو 1946ع ۽ 1647ع دوران سنڌ مسلم ليگ ڪائونسل ۾ سرگرم رهيو. گڏوگڏ ڪميونسٽ پارٽي ۾ پڻ ڪم ڪندو رهيو. 14 اپريل 1947ع تي ڪيس پبلڪ سيفٽي ائڪٽ تحت گرفتار ڪيو ويو ۽ بعد ۾ ڪيس آزاد ڪيو ويو.

1948ع ۾ هن صحافت جي شعبي ۾ عملي ڪم جي باقاعده شروعات ڪئي. ڪيس سنڌ حڪومت جي پبلسٽي کاتي پاران نڪرندڙ هفتيوار رسالي “سنڌ اطلاعات” جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. جلد ئي ان عهدي تان بہ استعيفيٰ ڏنائين. وٽس صحافتي اصولن جي پاسداري سڀ کان وڌيڪ اهم هئي. سيد اظهر گيلاني صحافت بابت سندس خيالن کي واضح ڪندي لکي ٿو:


۷۸۶
ماهوار اطلاعات سنڌ ڪراچي
[ ڊائريڪٽر آف پبلسٽي ۽ پبلڪ رليشن آفيس، سنڌ جي طرفان
هفتيوار شايع ٿيندڙ رسالو ]
ايڊيٽر مسٽر علاؤالدين سمون بي. اي (آنرز) — اسسٽنٽ ايڊيٽر: سليم هالائي
جلد ا، نمبر ۱۸ ] — الله اڪبر — [ ۱۸ ڊسمبر ۱۹۴۸ع

ترتيب مضامين

| | مضمون | مضمون نگار | صفحو |
|---|---|---|---|
| ۱ | [illegible] | ادارو | [illegible] |
| ۲ | [illegible] | سليم هالائي | [illegible] |
| ۳ | پاڪستان [illegible] | [illegible] غلام رضا | [illegible] |
| ۴ | سنڌ سرڪار جا پريس نوٽ | ادارو | [illegible] |
| ۵ | مفيد معلومات | گل محمد [illegible] | [illegible] |
| ۶ | ”ڊان“ اخبار جي [illegible] جي ترديد | ادارو | [illegible] |

“سنہ 1948ع جي ڳالهہ آهي، سمون صاحب، اياز قادري ۽ آءٌ سندس آفيس ۾ ويٺا هجون، صحافت جي موضوع تي سمي صاحب چيو: (1) دنيا ۾ صحافت معزز پيشو آهي ۽ ڏوڪڙ جي چمڪي تي پنهنجو اصول ۽ ضمير خراب نہ ڪجي. (2) ظالم ۽ جابر سان جنگ، مظلوم ۽ مسڪين جي مدد ڪجي. (3) خبر جو عنوان عمدو ۽ جاذب هجي، الفاظ سليس ۽ سادا هجن، جيئن هر هڪ ماڻهو آساني سان سمجهي وڃي (4) ڪنهن بہ شريف کي بي گناهہ ذليل ۽ خوار نہ ڪيو وڃي. (5) جيڪا بہ خبر هجي اها نمايان اکرن ۾ لکي وڃي، سيندين ۾ مارئي نہ ڳائڻ گهرجي.”

1949ع ۾ هن مجلس اتحاد عمل اوباوڙو پاران هڪ پوسٽر لکيو جنهن ۾ پاڪستان جي استحڪام، سنڌين ۽ مهاجرن وچ ۾ ٻڌي، سنڌي هارين جي حقن ۽ هندن جي ڇڏيل ملڪيتن جي منصفاڻي ورڇ جا نُڪتا ڄاڻايل هئا. ساڳين مقصدن تحت هن “تعمير ملت پاڪستان” تنظيم پڻ جوڙي. 1950ع ۾ هن ڪراچيءَ کان هڪ روزاني اخبار “مجاهد” جاري ڪئي، جنهن ۾ هن وقت جي حڪمرانن جي ڪمن ۽ پاليسين ۾ غلطين جي نشاندهي ڪئي، جنهن تي مٿس ڪوڙو ڪيس داخل ڪري 14 مئي 1950ع تي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. سيد اظهر گيلاني پنهنجي هڪ مضمون ۾ سمي صاحب جي گرفتاريءَ جي پسمنظر کي واضح ڪندي لکي ٿو:

“انهيءَ وقت ڪهڙن جي حڪومت هئي، سنڌ جو ڪامورو اشاري جو محتاج هو ۽ “جيءُ حضور” جو عادي رهيو آهي. سنڌ ۾ وڪري جي فريادين ۽ خوشامدي شاهدن جي بہ ڪمي ڪانهي! سمي صاحب تي ڇاڇري جهڙي ڏورانهين پنڌ تي ڪوڙو مقدمو داخل ڪرايو ويو. هڪ بي باڪ صحافي، شريف النفس انسان هڪ مهينو بي خطا سرڪاري مهمان خاني ۾ مهمان رهيو. سنڌ جي باشعور ۽ بيدار طبقي هلچل هلائي، اخبارن گهل گهوڙا مچائي. سمون صاحب نہ صرف ضمانت تي ٻاهر آيو مگر حڪومت جي ڪرايل ڪوڙي ڪيس جي ڦوسيل بہ ڊهي پئي. سمون صاحب بدستور اخبارن ۾ پنهنجي بي باڪانہ انداز ۾ لکندو، هارين ۽ مظلومن جي مدد ڪندو رهيو.”

سندس بي باڪ لکڻين سبب جلد ئي “مجاهد” اخبار تي پابندي لاڳو ڪئي وئي، ان بعد هو ڪجهہ وقت ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ اخبار هفتيوار “سنڌ” جو ايڊيٽر پڻ رهيو. ساڳئي سال 1950ع ۾ هن ڪراچيءَ مان هفتيوار “حريت” اخبار جاري ڪئي،

جنهن ۾ پڻ نهايت بيباڪيءَ سان ظلمن ۽ ناانصافين جي نشاندهي ڪندو رهيو. 2 مئي 1951ع تي ڪيس سنڌ سيفٽي ائڪٽ تحت ميرپورخاص مان گرفتار ڪيو ويو. 14 جون 1951ع تي ڪيس سنڌ چيف ڪورٽ جي حڪم تي ڪيس آزاد ڪيو ويو. ان دوران هو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي سرگرمين ۾ پڻ باقاعدگيءَ سان حصو وٺندو رهيو هي اهو دور هو جڏهن سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ زميندارن پاران هارين جي بيدخلين، بٽائيءَ ۾ هارين سان ناانصافين سميت سنڌ ٽيننسي ائڪٽ منظور ڪرائڻ لاءِ احتجاجي جلسا ۽ جلوس ڪيندي هئي جن ۾ عام ماڻهو توڙي هاري وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيندا هئا. علاو الدين سمون ان جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي 4 مارچ 1950ع، 11 جون 1950ع، 20 آگسٽ 1950ع، 14 آڪٽوبر 1950ع، 15 آڪٽوبر 1950ع، 14 جنوري 1951ع وارين تاريخن تي ٿيندڙ اجلاسن ۾ شرڪت ڪيائين. 14 آڪٽوبر 1951ع جي ورڪنگ ڪاميٽي واري اجلاس ۾ سنڌ اسيمبلي چونڊن لاءِ پارليامينٽري بورڊ مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا: قاضي فيض محمد، حافظ نيڪ محمد، مولوي نظير حسين، غلام حسين سومرو، مجنون مسلم، علاوالدين سمون، عزيز الله جروار.

25 نومبر 1951ع واري اجلاس ۾ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو ته "علاوالدين سمون ميمبر ورڪنگ ڪاميٽي تي حڪومت سنڌ سکر ضلعي ۾ وڃڻ تي بندش وڌي آهي. هيءَ ورڪنگ ڪاميٽي جي ميٽنگ حڪومت جي اهڙي ناجائز قدم جي مذمت ٿي ڪري ۽ حڪومت سنڌ کان زوردار لفظن ۾ مطالبو ٿي ڪري ته رفيق علاو الدين سمون تان هڪدم بندش لاٿي وڃي."

سمون صاحب 15 ڊسمبر 1951ع تي نوابشاهه ۾ ۽ 1 مارچ 1952ع تي مدئجي ۾ ٿيل سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي ورڪنگ ڪاميٽي جي اجلاسن ۾ شرڪت ڪئي. 10 اپريل 1952ع تي حيدرآباد ۾ ٿيل اجلاس ۾ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو ته صدر قاضي فيض محمد، جنرل سيڪريٽري غلام حسين سومرو، حيدر بخش جتوئي، علاو الدين سمون، عبدالقادر، محمد نواز پناڻ، محمد اعظم، شاهنواز شاهه کي منتخب ڪيو ويو ته 7، 8 مئي تي ڊيپوٽيشن ناهي هارين جي مسئلن تي ڪراچيءَ ۾ گورنر سنڌ ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي، گرماٽي گورنر جنرل ۽ خواجه ناظم الدين وزيراعظم پاڪستان سان ملاقات ڪن ۽ حيدر بخش جتوئي کي اختيار سونپيو ويو ته اهڙا ليٽر واسطيدار ماڻهن کي لکي ٽائيم وٺي.

1954ع ۾ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ بعد ان جي مخالفت ۾ جيڪا تحريڪ هلائي وئي سمي صاحب ان ۾ پڻ جوش جذبي سان حصو ورتو. 21 آگسٽ 1954ع تي نوابشاهه ۾ منعقد "آل سنڌ ڪنوينشن" ۾ شريڪ ٿيو.

سنڌ جو عظيم سپوت علاو الدين سمون پنهنجي آخري دم تائين حق ۽ سچ جي حمايت ۽ ڪوڙ ۽ ظلم جي خاتمي لاءِ پنهنجي قلم ۽ زبان کان تلوار ۽ تير جو ڪم وٺندي وڙهندو رهيو. سندس ڪجهه ڪتاب مختلف وقتن تي شايع ٿيا جيڪي هيٺين ريت آهن:( 1) هاري انقلاب (نظم)، (2) سنڌ جي تعليم ڪاٽي ۾ بغاوت (3) سنڌ جو نيلام (4) مهرستان (5) اسلام ۽ هاري (6) اسلام ۽ ڪميونسٽ. ( 7) ڪهڙي تي پروڙا.

1- مارچ 1958ع تي وفات ڪيائين. سندس مزار ڪراچيءَ جي ميوا شاهه قبرستان ۾ آهي.



# مولانا عبدالڪريم چشتي
# سنڌ جي هڪ تاريخي شخصيت

نعمت الله سومرو



مولانا عبدالڪريم ولد عبدالله ابڙو "چشتي" سن 1314ھ مطابق 1896ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ويجهي عزيز مولانا غلام رسول چشتيءَ وٽان حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسيءَ جي وڌيڪ تعليم شڪارپور جي "وڪٽوريہ جوبلي انسٽيٽيوٽ" ۾ مولانا عبدالرحمان ميمڻ وٽ حاصل ڪري 1917ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. فارغ ٿيڻ کان پوءِ 1917ع ۾ انڊين هوم رول ليگ ۾ شامل ٿيو. سن 1918ع ۾ ڪانگريس ۾ آيو. هن شڪارپور ۾ "انجمن مجاهدين اسلام" تنظيم قائم ڪئي. 1919ع ۾ خلافت ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو ۽ 1920ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. هن 1912ع ۾ شڪارپور ۾ "محموديہ عربيہ" مدرسو نالي قائم ڪيو. 1924ع ۾ "انجمن اشاعت الاسلام شڪارپور" جو بنياد رکيائين. ان کان پوءِ تبليغ ۽ تنظيم جو ڪم ڪندو رهيو. سال 1927ع کان 1929ع تائين صحافت سان واسطو رهيس. 1950ع ۾ يارهين "سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ "سحبانِ سنڌ" جو خطاب حاصل ڪيائين. ساڳئي سال ۾ شڪارپور ميونسپل جو وائيس پريزيڊنٽ ۽ پريزيڊنٽ ٿي رهيو. ان کان علاوه نيو ايرا هاءِ اسڪول موجوده قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول شڪارپور جو چونڊيل صدر، "مدرسہ عربيہ محموديہ" شڪارپور جو صدر، "انجمن اهل سنت" شڪارپور جو صدر، "انجمن طلباءِ شڪارپور" جو صدر، جمعيت العلماءِ اسلام شڪارپور جو نائب صدر ۽ جامع

دينيه دارالهديٰ ٺيڙهي جو نائب صدر ٿي رهيو. مولانا صاحب 55 ڪتاب تصنيف ڪيا، جن مان 7 فارسيءَ ۾ ۽ باقي سنڌي زبان ۾ آهن. مولانا صاحب حياتيءَ ۾ 3 حج ڪيا. مختلف وقتن تي ڪجهه اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر پڻ رهيو. 1964ع ۾ وفات ڪيائين.

1939ع واري سال ۾ سنڌ ۾ مسجد منزل گاهه تحريڪ سبب هندو-مسلم فساد شروع ٿيا، ڀڳت ڪنور رام ۽ هاسا رام پمناڻي سميت ڪيترائي ماڻهو قتل ڪيا ويا. اهڙي صورتحال ۾ شهيد الهه بخش سومري جي سرپرستيءَ ۾ مولانا عبدالڪريم چشتي ۽ ٻيا عالم هندو-مسلم اتحاد جو پيغام ڪٺي نڪري پيا- ڪيترائي جلسا ۽ ڪانفرنسون ڪيائون. ان سلسلي ۾ 5-6 نومبر 1940ع تي نوابشاهه ۾ هندو-مسلم ايڪتا ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت مولانا عبدالڪريم چشتي ڪئي. هيءَ صدارتي تقرير مولانا صاحب 3 نومبر 1940ع تي لکي ۽ 6 نومبر 1940ع تي ڪانفرنس ۾ پڙهي، هيٺ سندس صدارتي تقرير پيش ڪجي ٿي.

"سڀ کان پهريان آءٌ انهيءَ ڏاتي سڳوري جي وڏائي ۽ ساراهه ٿو ڪريان جو سڄي جهان جو پالڻهار، سڀني فرقن ۽ قومن جو خدا ۽ سڀني انسانن تي مهربان آهي. جنهن جي مهر ۽ مهرباني سڀني لاءِ عام آهي جو جڳداتا پيار ۽ محبت سيکاريندڙ آهي. شڪرانا آهن انهيءَ سڳوري سائين جا جنهن نوابشاهه جي نيڪ دل نوجوانن ۽ هندن، مسلمانن کي هن ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي سگهه بخشي شل اهو منو مالڪ اسان سڀني تي ٻاجهه ڪري ۽ اسانجي ڪانفرنس سوڀاري ٿئي.

### پائن جي پلائي

صاحبان! مان پاڻ کي ڪانفرنس جي صدر ٿيڻ لاءِ حقدار نٿو سمجهان. بانيڪارن کي گهڻائي لائق ليپي سگهن ها پر انهيءَ هوندي به اها منهنجي لاءِ ضرور خوشي آهي ته مونکي ايڪتا جي ڪانفرنس جو صدر چونڊيو ويو آهي جا ايڪتا منهنجي زندگيءَ جو اصول آهي. مان ڪانفرنس جي ڪوٺائيندڙن جا ٿورا مڃيندي سڀني حاضرين پائرن ۾ اها اميد ٿو رکان ته هو مونسان ڪانفرنس هلائڻ ۾ مدد ڪندا.

### سنڌ ۽ هند

سنڌ ۽ هند، پيرن ۽ فقيرن، سادن ۽ سنتن جي سرزمين آهي جا هندو سڀيتا ۽ اسلامي تهذيب جي ميلاپ ڀومي آهي. جا ديا ۽ پريم، رحم ۽ محبت جو وطن آهي. افسوس اڄ سنڌ ۽ هند جهڳڙن ۽ جهيڙن جو مرڪز ٿي پيو آهي. اڄ هن اجميري خواجه، بابا نانڪ، بلهي شاهه، تلسيداس، شاهه ڀٽائي، سوامي صاحب، سچل سائين ۽ دلپت جا پيغام وساري ڇڏيا. هند سان گڏ سنڌ اڄ هندو ۽ مسلم فسادن جو دردناڪ نظارو پيش ڪري رهي آهي جنهن اسان جو ويچار لهڻو.

### وقت جو سڀ کان وڏو سوال

سچ پچ جيڪڏهن اسان ملڪ جي آزادي جا خواهان آهيون، سچ پچ جيڪڏهن اسان ۾ حب الوطني آهي، سچ پچ جيڪڏهن اسان ۾ انسانيت ۽ منشپٽي جو جوهر آهي، سچ پچ جيڪڏهن اسان دنيا کي کلڻ جو موقعو نٿا ڏيڻ گهرون ته پوءِ اسان کي ڪيئن به ڪري ملڪ ۾ صلح سانت قائم ڪرڻ کپي ۽ اسان ملڪ جا سڀ رهواسي ديس تي ڪهل آڻي هڪ ٻئي جي برخلاف ڦيتارو ۽ ڪروڌ ڪڍي ڇڏيون. عقل ۽ انسانيت اسانکي پڪاري پڪاري چئي رهيا آهن ته اسان جهيڙا جهڳڙا ڦٽا ڪري ميلاپ ۽ پريم جو ناتو ڳنڍيون. جن جهيڙن ۽ جهڳڙن اسانکي ۽ ملڪ کي بدنام ڪيو آهي، سڀني فرقن کي ڇيهو رسايو آهي، اسانجي جان، مال ۽ عزت خطري ۾ وڌي آهي. اسان جا ڌنڌا ڌاڙيون برباد ڪيا آهن پت ۽ اعتبار کوهي ڇڏيو آهي، اسانکي سمجهڻ گهرجي ته هن وقت جو سڀ کان وڏو ۽ مکيه سوال هي آهي ته ڪيئن هندو-مسلم ايڪتا آڻيون.

### موجوده حالت

اسانجي بدقسمتي چئبي جو اسانجي ملڪ جون ٻه قومون ڪير ڪنڌ نظر نٿيون اچن ۽ وڃي ٿو ٻنهي (هندو، مسلمانن) جي وچ ۾ ويڇو وڌندو. اڄ کان ويهه ورهيه اڳ هندن، مسلمانن ۾ ترشي ڪانه هئي. ٻئي فرقا هڪ ٻئي سان پرتل سرتل هئا. اڄ جت ڪٿ جهيڙا جهڳڙا پيا ٿا ٻڌجن. اڄ هندو مسلمانن کي ۽ مسلمان هندن کي دشمن پيا سمجهن. ٻئي هڪ ٻئي کان بيزار پيا ٿا ڏسجن. اڄ هندو اخبارون، هندو ليڊر، هندو سڀائون ۽ سوسائٽيون رڳو وينيون دانهون ڪن ته هندو کي هيءَ تڪليف آهي، هيءَ ڏک آهي. اڄ مسلمان اخبارون، مسلمان ليڊر، مسلمان جماعتون چڙو پيون پڪارين ته مسلمانن کي هيءَ اهنج آهي، هيءَ آزار آهي. حالانڪ ظالم ته هر حالت ۾ نفرت ۽ نندا جو حقدار آهي، پوءِ هندو هجي توڙي مسلمان، مظلوم هر حالت ۾ محبت ۽ مدد جو مستحق آهي، پوءِ هندو هجي يا مسلمان، پر افسوس جو اڄ جت ڪٿ فرقيوار ذهنيت (ڪميونل اسپرٽ) جو زور پيو نظر اچي.

**پن رستن مان هڪ رستو**

اسان جي لاءِ ٻه رستا ڪليل آهن اسان ٻن مان هڪ کي اختيار ڪريون. هڪ هندو، مسلم اتفاق، ٻيو هندو مسلم نفاق. هي ڳالهه چٽي آهي تہ ڪم اهو ڪجي جنهن مان دين، ڌرم، قوم، ملڪ يا پنهنجي گهراڻي ۽ جند کي فائدو رسي، جنهن ڪم جو آخري نتيجو چڱو نظر اچي. پر جيڪڏهن ڪنهن ڪم مان نہ دين ۽ ڌرم کي نہ قوم ۽ جاتيءَ کي فائدو رسي ۽ ملڪ کي ڀلائي ملي ۽ نہ پنهنجو خاندان ۽ سر سکي ٿئي تہ پوءِ ان ڪم کي اهو ڪندو جنهن ۾ نہ ايمان هوندو نہ عقل. ان ڪان وڌيڪ ڪمبخت ڪنهن کي چئجي ۽ انڪان وڌيڪ نادان ٻيو ڪير ليندو؟ ڏٺي عقل ڏنو آهي چڱي ۽ مندي جي سوچڻ لاءِ ۽ طاقت ڏني آهي سچائي ۽ سهڻي نموني ڪم لائڻ لاءِ. پر جيڪڏهن عقل هوندي بي سمجهي جا ڪم ڪنداسون ۽ طاقت کي خراب نموني ۾ ڪم لائينداسون تہ پوءِ اسان کي ڊور سڏڻ ۾ چو ڪنهن کي اٽڪ ٿيندي. وحشي ۽ جهنگلي ڪوئڻ ۾ ڪير ڪيٻائيندو. اسان هن ملڪ ۾ جاوا آهيون. مال-دولت-زمينون- جايون ۽ ڪم ڪاريون-اوطاقون دڪان- مسجدون مندر ٻار ٻچا هڪبئي سان گڏ آهن. پوءِ اسان جو ونجوڳ اسان لاءِ ڪيتري قدر ڪماتتو ٿي سگهي ٿو.

**ايڪتا ناممڪن آهي ڇا؟**

هيءَ غلط آهي تہ هندو مسلم ايڪتا ناممڪن آهي. اسان هندستان ۾ هندو راجائن جي هٽ هيٺ ۽ مسلمان بادشاهن جي راڄ هيٺ توڙي ان کان پوءِ سوين سال گڏ گذاريو آهي. ڇا اسين هڪ ٻئي جا امير ۽ وزير، سفير ۽ مشير، امين (خزانچي)، دبير (ڪلارڪ)، جرنيل ۽ ڪرنيل ئي نہ رهيا آهيون؟ هڪ ٻئي سان سڪ ۽ سلوڪ سان ڪين گذاريو اٿئون؟ ڇا اسين هڪ ٻئي جي رکوالي ڪانہ ڪئي آهي؟ ڇا اسين هڪ ٻئي کي پناهون ۽ مددون ڪونہ ڏنيون آهن؟ ڇا اسين هڪ ٻئي کي علم ۽ هنر ڪونہ سيکاريو آهي؟ پڙهو! اتهاس جا ورق وري ورايو تہ توهان کي اهي سڀ اشارا ۽ حقيقتون نظر ايندا ۽ بي شمار مثال ملندا.

**دين ۽ ڌرم ايڪتا برخلاف آهي ڇا؟**

هي بہ غلط آهي تہ ڪو مسلمانن جو دين ۽ هندن جو ڌرم هندو، مسلم ايڪتا جي برخلاف آهي. حقيقت هي آهي تہ مذهب نهين سکهاتا آپس مين بير رکهنا. مذهب جي پاڪ نالي کي غلط نموني ۾ ڪمايو ويجي ٿو ۽ پنهنجي نفساني شرارتن کي مذهبي پردي ۾ لڪايو ويجي ٿو. خدا جي سڳوري ۽ پياري نالي کي خلق جي آزارڻ لاءِ استعمال ڪيو ويجي ٿو. نہ تہ هي حقيقت آهي تہ اسلام جي معنيٰ ئي آهي امن ۽ سلامتي. اسلام جو بنياد ئي آهي صلح ۽ اتحاد. اسلام رحم ۽ ڪرم جو پيغام ڏنو آهي. اسلام عدل ۽ انصاف کي پسند ٿو ڪري. اسلام وٽ انسان ذات جي خدمت تمام وڏو نيڪ ڪم آهي- اسلام ظلم تي لعنت ٿو وجهي. اسلام فساد کي نندي ٿو. اسلام چوري ۽ ڌاڙي کي حرام ٿو سڏي اسلام خون ۽ خرابي کان روڪي ٿو. اها آهي قرآن شريف ۽ سڳوري پيغمبر حضرت محمد ڪريم صلعم جي صحيح ۽ نج تعليم. هندو ڌرم جو مان چڱي طرح اڀياس ڪيو آهي. مان يقين سان اها دعويٰ ڪري ٿو سگهان تہ هندو ڌرم ديا (رحم)، ڪرپا (ڪرم)، ستيہ (صداقت)، نياءُ (انصاف)، ڪميا (معاف ڪرڻ) جي سکيا (تعليم) ڏني آهي. ستيہ کي پرم ڌرم ڪري ڪوٺيو ويو آهي. ديا کي مول ڌرم ڪري سڏيو ويو آهي. ٺڳي ڪرڻ، دولاب سان مال ڦرڻ، ڪوڙ ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ، وير ونڻ ۽ ڪروڌ ۾ اچڻ هندو ڌرم جي ورڌ ۽ برخلاف آهي. دل جو چوتو ٿيڻ، ٻئي جي ڌرم تي اعتراض ڪرڻ، ڪنهن جي آتما کي ڏکائڻ، ڪنهن جي ريت ۽ رسم ۾ رنڊڪ وجهڻ هندستان جي محترم شري ڪرشن جي مهراج جي فرمان جي برخلاف آهي.

**هندن مسلمانن جي حالت**

ڇا هي سچ نہ آهي تہ ڪيترن ئي مسلمانن رحم ۽ ڪرم ڦٽو ڪيو. امن ۽ ايڪتا کان پري ٿي ويا. چورين ۽ ڌاڙا هڻڻ لڳا. خون ۽ خرابيون ڪرڻ لڳا. پاڙي جو حق ڪو نہ سڃاتائون. انسان ذات جي محبت ۽ خدمت ڇڏي ڏنائون. نيڪي کي ترڪ ڪيائون- ڇا هي سچ نہ آهي تہ ڪيترن ئي هندن ٺڳيون ۽ دولاب ڪرڻ پنهنجو پيشو بڻايو. ڦرڻ ۽ ڊوهڻ جي عادت رکي، ڇوت ڇات اختيار ڪئي ۽ مذهبي معاملات ۾ رنڊڪ وڌي. وير ۽ وروڌ ۾ اچي سچ کي ڇڏي جائز ۽ ناجائز رستا وٺي دلين کي ترش بڻايو. ڪيترن بي گناهن کي اڙايو. مسلمانن جي واجبي سياسي حقن جي پورائي کان پاسو ڪيو.

**بدقسمتي جي انتها**

اڄ هي حالت آهي جو هندو عام طرح ايئن سمجهن ٿا تہ هندو اصل بي ڏوهي آهن ۽ مسلمان ايئن ڄاڻن ٿا تہ مسلمان بنهہ بي قصور آهن. پر حقيقت اها نہ آهي. ڀلا مسلمانن ۾ شرافت، محبت ۽ وفا آهي ئي ڪا نہ ڇا. ڀلا هندن ۾ قرب، لياقت ۽ نهٺائي آهي ئي ڪانہ ڇا؟ حقيقت هي آهي تہ جيڪڏهن

ڪي مسلمان ڏاڙيل ۽ خوني آهن ته مسلمان قوم ڏوهاري نه آهي ۽ اسلام جوابدار نه آهي. ڏاڙيل ۽ خوني ڪي اسلام ۽ مسلمانن جا عيوضي نه آهن. هو نفس جا غلام ۽ شيطان جا عيوضي آهن. جيڪڏهن ڪي هندو نڳ ۽ منصوبي باز تعصبي آهن ته انڪري هندو جاتي ڏوهاري نه آهي ۽ نه هندو ڌرم جوابدار آهي. چو ته اهڙا ماڻهو هندو جاتي ۽ هندو ڌرم جا عيوضي ٿي اهڙا ڪم ڪونه ڪندا آهن. پر هو به ساڳي طرح من جي موهه جا قيدي بڻجي ۽ شيطان جا ڪارندا ٿي اهڙا ڪم ٿا ڪن. عام هندو ۽ مسلمان بي ڏوهي آهن ۽ عام هندو ۽ مسلمان شريف آهن. فسادن جو ڏوهه ڇڙو مسلمانن تي نه آهي ۽ فسادن جو پاپ رڳو هندن تي نه آهي پر ٻنهي ڌرين جي شرارتي ماڻهن تي سموري ذميواري آهي.

**خيال ڪرڻ گهرجي**

اسان جا جهيڙا فساد اسان جي دين ۽ ڌرم کي ڪهڙو ٿا زور وٺائين. ڪهڙو ٿو دين ۽ ڌرم جو واڌارو ٿئي. ڪهڙو ٿو ديس جو ناموس ٿئي ۽ ملڪ جي عزت ۾ اضافو ٿئي. ان مان ڪهڙا خاندان ٿا آباد ٿين ۽ ڪهڙن ماڻهن کي ٿي راحت ۽ آرام نصيب ٿئي. جهيڙن ۽ تڪرارن، فسادن ۽ ونجوڳن مان ٻئي ڌريون تباهه نٿيون ٿين ڇا؟ هڪڙن جو اڄ موت ٻين جو سڀاڻي نٿو ٿئي ڇا؟ هڪڙا اڄ ٿا روئن ته ٻين وٽ سڀاڻي ماتم نٿو مچي ڇا؟ جيڪڏهن ملڪ ۾ امن امان هوندو ته سڀني کي آرام هوندو! رات خير جي گذرندي ۽ ڏينهن فرحت ۾ پورو ٿيندو. نه ڪنهن کي خوف ۽ نه ڪنهن کي انتظار. ڌنڌا چالو واپار گرم، ڏيتي ليتي مزي ۾. جيڪڏهن فساد چالو ٿا ٿين ته آرام ۽ ننڊ ڦٽ ۽ ڌنڌا خراب ۽ واپار بند ۽ بازار ماٺي ۽ اعتبار ڪونه.

**فسادن ۾ ڇا ٿو ٿئي؟**

شرارت مچائيندڙ ۽ فساد پيدا ڪندڙ فساد وقت ڀڄي ٿا وڃن. پوءِ فساد ڪندڙ پيا خون ڪندا وتن ۽ باهيون ڏيندا وتن پر سندن نالو ڪير ڪڍي ۽ سندن گهر ڪير ڳولهي، وچون بي قصورن جا گهر سڙن ۽ بي ڏوهي پيا ڪسجن. ڪيترين ئي سهاڳڻين تي ڏهاڳ اچي ۽ ڪيترائي ٻارڙا يتيم بڻجن ۽ شريفن جا ننگ پيا رلن.

**فائدو ڪنهن کي؟**

انهيءَ لعنت مان جيڪڏهن ڪنهن کي فائدو پهچي ٿو ته ڪيترن ئي پوليس جي ناخدا ترس ۽ ظالم ماڻهن کي. هو رشوتون وٺي ٻڪ پيا ڀرين. ڏوهارين کان پتيون وٺي ڏوهه ٿا لڪائين ۽ بي ڏوهين کي دڙڪا ڏئي پيا ڦرين ۽ اڙائين. ملڪ جي ههڙي مصيبت جي وقت به هنن مردار خورن جي ٻيگهي ٿي مچي. مان قبول ٿو ڪريان ته پوليس جا بالا عملدار اهڙين ڪارروائين کان پاسي آهن پر هو پنهنجي زيردست عملدارن ۽ سپاهين جي ڪڌن ڪرتوتن تي خبرداري چو نٿا ڪن؟ جو سندن فرض منصبي آهي. جيئن هو ايمانداريءَ سان فسادن جي ڏوهارين مٿان هوشيار آهن تيئن هنن ڏنارن جي چولي هيٺ بگهڙن بنسبت هوشياري ڪن.

**ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

اسان مان هر هڪ سمجهدار هندو ۽ مسلمان جو فرض آهي ته هو ملڪ جي هن ڏکئي وقت ۾ مدد ڪري ۽ انسان ذات کي هن مصيبت کان ڇڏائي ۽ هي بدنامي جو داغ ڌوئي. جڏهن ته انسان ذات جي ڪاروبار جو بنياد باهمي تعلقات و تعاون (ڪوآپريشن ۽ سهڪار) تي ٻڌل آهي ۽ جڏهن ته دنيا محبت سان جڙي آهي ۽ محبت سان ئي آباد رهي سگهي ٿي. تڏهن اسان کي محبت ۽ الفت لاءِ اتحاد ۽ اتفاق لاءِ هر طرح جون ڪوششون ڪرڻ کپن. زبان ۽ قلم سان نفاق ۽ ونجوڳ کي دور ڪرڻ لاءِ جهد ڪرڻ کپي. ملڪ ۾ امن امان ۽ صلح سانت پيدا ڪرڻ لاءِ گرما گرم سعيا ڪرڻ کپن. هر هنڌ شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪانفرنسون ۽ جلسا ڪرڻ کپن.

**منهنجون تجويزون**

مان سنڌ جي هندو-مسلم پبلڪ اڳيان هيٺيون تجويزون ۽ رايا ايڪتا ۽ پريم پيدا ڪرڻ لاءِ پيش ٿو ڪريان. اميد ته سڀئي سنڌ جا سڄڻ هندن ۽ مسلمانن جا خير خواهه ۽ سمجهدار مولوي، پير، سيد، ڀاوا، ڀانيڻ، پنڊت، ليڊر، ايڊيٽر، ليڪچرار، جماعتن ۽ سڀائن جا عهديدار، راڄن جا پريا مڙس، برادرين جا سرپنچ، ڳوٺن جا مکي ۽ زميندار، انجمنين ۽ پنچائتيون، سوسائٽيون ۽ منڊليون، مسجدن جا امام ۽ مڙهين جا ڀاوا، اسڪولن جا ماستر ۽ ڪاليجن جا پروفيسر، مڪانن جا مجاور ۽ ڌرم شالائن جا شيوا ڌاري، هنن منهنجي رٿن کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪن. 1- جتي به ڪن هندن ۽ مسلمانن جو ڪو تڪرار ٿئي ته اتي چڱا مڙس وچ ۾ پئي صلح ڪرائن ۽ ڪنهن به حالت ۾ جهيڙو وڌڻ نه ڏين. 2- جيڪڏهن ڪنهن هندو ۽ مسلمان جي وچ ۾ ڪو تڪرار ۽ جهيڙو ٿئي ته انکي ٻيا هندو ۽ مسلمان ڪو خاص وزن نه ڏين ۽ هندڪي، مسلمانڪي نه اٿارين ۽ ٻن ماڻهن جو تڪرار سمجهن. 3- شادين ۽ غمين جي موقعن تي مجلسن ۽ محفلن ۾ لارين ۽ موٽرن ۾-ريلوي گاڏن ۽

پليٽ فارمن تي ايڪتا جا فائدا ٻڌايا وڃن ۽ جهيڙن جا نقصان بيان ڪجن. 4_ هندن ۽ مسلمانن جي تڪرار ۽ جهيڙي وقت صلح پسند ماڻهن کي بي ڌيوءِ بي رياءُ ٿيڻ کپي. جنهن ڏي بہ ڏوهہ هجي انکي دٻائڻ کپي، هندو هندو ڏوهارين کي ۽ مسلمان، مسلمان ڏوهارين کي سمجهائڻ ۾ نہ ڪيٻائن. 5_ هندو، هندو ڏوهاري جي ڏوهہ ۾ مدد نہ ڪن ۽ مسلمان، مسلمان ڏوهاري جي ڏوهہ ۾ مدد نہ ڪن پر سيئي مظلوم جو پاسو وٺي ساڻس مدد ڪن. 6_ ڪو بہ هندو مسلمانن جي ڪنهن بہ بزرگ ۽ پيشوا، تهذيب ۽ تاريخ، دين ۽ ڪتاب تي ڪو بہ حملو نہ ڪري_ حملہ ڪندڙ هندو جو باقي سيئي هندو بائيڪاٽ ڪن. 7_ ڪو بہ مسلمان ڪنهن بہ هندو رشي ۽ مهاتما تي يا ڌرمي ڪتابن ۽ ريتن تي سڀيتا ۽ اتهاس تي حملو نہ ڪري. جيڪڏهن ڪو اهڙو حملو ڪري تہ مسلمان سڀ ان کان بيزار ٿين. 8_ هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ ڪو بہ مذهبي بحث مباحثو ۽ چيڙ چاڙ نہ ڪن. 9_ مسجدن ۽ مندرن جي سوال ۾ سيني کي ڪشادو ٿيڻ کپي ۽ ڪو بہ هندو ۽ مسلمان مسجدن ۽ مندرن جي معاملي ۾ برخلاف قدم نہ کڻي. 10_ سيئي اخبارون ملڪ ۽ خلق جون خير خواهہ ٻڌجي عام جي شيوا ڪن. 11_ اسڪولن ۽ ڪاليجن جا ماستر ۽ پروفيسر هفتي ۾ هڪ ڀيرو لازمي طرح پنهنجي پنهنجي ڪلاس ۾ ۽ مهيني ۾ هڪ دفعو گڏيل ميڙ ۾ ايڪتا بابت شاگردن کي ليڪچر ڏين. 12_ سيئي هندو ۽ مسلمان شاعر چشم ابرو، خال خط، حسن جمال، ناز و ادا، زلف رخسار جي ذڪر فڪر کي ڇڏي قومي ۽ اخلاقي شعر چون. 13_ سنڌ جا سيئي هندو ۽ مسلمان اهل قلم ۽ ليکڪ آکاڻين، ناولن ۽ ناٽڪن کي ڦٽو ڪري ايڪتا ۽ پريم تي مضمون لکن. 14 هندن کي گهرجي تہ مسلمان پيغمبرن ۽ پيرن ۽ عالمن ۽ درويشن جون سوانح عمريون ۽ ڪلام بہ پڙهن. 15_ مسلمانن کي گهرجي تہ هندن جي رشين، سادن ۽ مهاتمائن جي جيون چرترن ۽ ڳالهين کان بہ واقف ٿين. 16_ ملڪ جي بيروزگاري ٽڙڻ ۽ بک دور ڪرڻ لاءِ هر طرح جون سچيون ڪوششون وٺڻ کپن جو بک ۽ بيروزگاري بہ فسادن جو هڪ پاڙو آهي. 17_ هندو مسلمان گڏجي ملڪ جي پراڻن هنرن کي وري چالو ڪن ۽ هڪ ٻئي کي هنر سيکارڻ ۾ تنگ دلي نہ ڪن. 18_ هڪ ٻئي جي واجبي راجنيتي حقن جي ريتڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي وڃي. 19_ ڳوٺ سڌار هلچل کي سنڌ سرڪار خواهہ ڪانگريس يا ڪنهن ٻيءَ ڪم ڪندڙ جماعت سان گڏجي پورو پورو زور وٺائڻ کپي. 20_ هندن مسلمانن جون گڏيل هندو مسلم ايڪتا جون ٽوليون ٺاهڻ کپن جن گڏجي عام هندن مسلمانن جي پنگتي شيوا ڪن.

**سيني جو خدا هڪ آهي**

خدا سڳورو جڳ داتا رب العالمين سيني قومن جو سيني ٻولين ۾ سارا هيل آهي. سندس هر ٻولي ۾ سوين نالا آهن. آهي هڪ ئي سائين. رڳو ملڪ ملڪ جي زبان جو فرق آهي. ڪين عربن الله ڪوٺيو ايران وارن ايزد سڏيو هندستان ۾ ڪيس ايشور ڪوٺيو ويو تہ انگليند ۾ ڪيس گاڊ سڏيو ويو_ پر افسوس جو اڪثر هندو ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن بہ طرح الله ۽ اڪثر مسلمان ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن بہ طرح ايشور چوڻ لاءِ تيار نہ ٿا ٿين. ڪيڏي نہ تنگ دلي ۽ خراب ذهنيت آهي؟

**هندو پاٽي_ مسلم پاٽي**

جنهن ڳالهہ اسان جي وطن عزيز کي عرب ۽ عجم، آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ يورپ ۽ چين جپان ۾ بدنام ڪيو آهي سو آهي اسٽيشنن، آفيسن ۽ اسڪولن ۾ هندو پاٽي ۽ مسلم پاٽي جو ويڇو_ مٿين ٻن ڳالهين جو تدارڪ سمجهدارن تي وطني فرض آهي.

**منهنجي وينتي**

معزز صاحبو! مان اوهان جو گهڻو وقت ورتو ۽ اوهان مونکي گهڻو ۽ چڱي طرح ٻڌو، تنهن لاءِ مان اوهان جو شڪر گذار آهيان. مونکي پڪ آهي تہ اوهان سيئي ڪانفرنس جي سوڀاري ٿيڻ لاءِ خواهشمند آهيو جنهن لاءِ ضرورت آهي تہ خاموشي ۽ سانت سان ڪارروائي هلائڻ ڏني وڃي ۽ ڪمائتن ٺهرائن پاس ڪرائڻ ۾ پاڱ ورتو وڃي. ٿڌي سيني ۽ ٿڌي دماغ سان ڪم هلايو وڃي ۽ ملڪ اڳيان هڪ گڏيل ۽ طاقتور آواز ڪڍو ڪري ڪمائتو ۽ سهڻو پروگرام رکي موجوده دل ڏارينڌڙ وايو منڊل ڦيرايو وڃي.

**منهنجي دعا**

آخر ۾ مان ٻاجهاري ۽ سٻاجهي سائين جي پاڪ درٻار اڳيان نماڻي التجا ٿو ڪريان تہ شال اهو سڳورو خداوند اسانجي مدد ڪري ۽ سنڌڙي آباد ڪري ۽ سرسبز ڪري، سنڌڙي کي بغض ۽ فساد جي آزاهہ کان ڪڍي امن ۽ ايڪتا جي پاڪر ۾ وجهي ۽ سيني هندو مسلمانن کي سهڻي ساڃهہ ڏي. صاف سينو ۽ ٿڌو دماغ عطا فرمائي. محبت جو وسريل سبق ياد ڏياري.

وطن ۽ وطن وارن جو خادم
مولوي عبدالڪريم چشتي
شڪارپور سنڌ

# ننڍي کنڊ جو وڏو عالم ۽ مفتي
# مولوي محسن علي شاهه

علي محمد سومرو

علم ۽ ادب جي حوالي سان شڪارپور ضلعي جو شهر "ميان جو ڳوٺ" نهايت ئي گهڻو زرخيز رهيو آهي. پاڪستان جي قيام کان گهڻو اڳ ۾ هن ڳوٺ ۾ جن عالمن پنهنجي علم جي فيض کي عام ڪيو انهن منجهان مفتي مولوي محسن علي شاهه جو نالو ڪنهن به ريت وساري نٿو سگهجي.

مولوي محسن علي شاهه ولد سيد محمود علي شاهه اصل منڙي شهر، بلوچستان جا رهاڪو هئا، جتان سندن خاندان لڏي اچي ميان جو ڳوٺ ۾ وينو. جيئن ته اڳ ڄم جي تاريخن جو رڪارڊ محفوظ نه هوندو هو ان ڪري سندن ڄم جي اصل تاريخ ته معلوم نه ٿي سگهي آهي پر سندس اولاد ۽ مولوي محسن علي شاهه جي همعصرن جي عمر جي اندازي موجب اهو چئي سگهجي ٿو ته غالباً هو 1830 يا 1840 واري ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيا هئا.

مولوي محسن علي شاهه بنيادي ديني تعليم ميانجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪئي جنهن ڪانپوءِ وڌيڪ علم جي اڃ اجهائڻ لاءِ هو پنجاب جي علائقي راولپنڊي ضلعي ۾ قائم درگاهه گولڙه شريف جي مدرسي ۾ وڃي پهتا. جيڪا درگاهه پير مهر علي شاهه جي حوالي سان سڃاتي وڃي ٿي جنهن جو مشهور شعر آهي ته "ڪٿ مهر علي، ڪٿ تيري ثنا، گستاخ اکيان، ڪٿ جا لڙيان".

درگاهه گولڙه شريف جي مدرسي ۾ مولوي محسن علي شاهه جن چوڏهن سال تعليم حاصل ڪئي ۽ پوءِ اتي پڙهائڻ به شروع ڪيائون ۽ لڳ ڀڳ سترهن سال اتي رهيا. ان کان پوءِ انهن سنڌ مان هند جو سفر ڪيو ۽ وڌيڪ ديني تعليم اتي حاصل ڪيائون ۽ اتان مفتي جي ڊگري پڻ ورتائون، اتان ئي کين "شيخ الحديث" جو پڻ لقب مليو هو.

مولوي محسن علي شاهه هندستان کان واپس اچي ميان جي ڳوٺ ۾ هاٽوڪي سيد شوڪت علي شاهه مرحوم جن جي اوطاق واري جاءِ تي مدرسو کوليو. مولوي محسن علي شاهه کي عربي، فارسي ۽ فقه جي علم تي عبور حاصل هو. سندس مدرسي ۾ جيڪي مشهور ماڻهو پڙهيا انهن ۾ مولوي فيض محمد ڊول، نصيرآباد واسي ناليوارو عالم، اديب مولوي محمد عظيم شيدا سولنگي، آخوند خير محمد پنهيار، ميان عبدالحئي مهر (وڏو) سميت ڪيترائي نالا شامل آهن.

مولوي فيض محمد ڊول موجب ته آخوند خير محمد پنهيار مولوي محسن علي شاهه جو نهايت ئي پيارو شاگرد هوندو هو. بلوچستان جي علائقي گنداواهه پرسان مشهور ماڳ لانڍي جا رهاڪي سولنگي فقير جيڪي عالم ۽ مولوي به رهيا آهن، ۽ انهن جي گادي به رهي آهي، انهن جو وڏو به ميان جي ڳوٺ ۾ مولوي محسن علي شاهه جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو هو.

مولوي محسن علي شاهه 9 سال، ميان جي ڳوٺ جي جامع مسجد جو مصلو پڻ سنڀاليو هو. هر جمعي نماز، هر سال رجب جي 27 هين تاريخ تي مسجد ۾ خطبو ڏيندو ۽ امامت ڪندو هو. ان دوران هو مدرسي محموديه جي نگراني به ڪندو هو. مدرسي ۾ قرآن، حديث ۽ فقه جي تعليم ڏني ويندي هئي. ان دور ۾ مولوي محسن علي شاهه مشڪ ۽ زعفران سان قرآن شريف جو نسخو تيار ڪيو هو جيڪو ڪم انهن جي هدايت تي ميان عبدالحئي مهر (وڏو) سرانجام ڏنو هو، جيڪو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته اڄ به انهن جي پونئرن وٽ محفوظ آهي.

مهراڻ رسالي (سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو جلد: 20، اپريل 1971) ۾ حضرت مولانا الحاج علامه خادم حسين جتوئي جي تعارف بابت مضمون ۾ ليکڪ مولوي نظير حسين جتوئي جلالي (جيڪو مولانا خادم حسين جو فرزند هو) مولانا جي دوستن ۽ احبابن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي ٽئين نمبر تي مولانا محسن علي شاهه صاحب، ميان جو



علي عابد سومرو، محسن علي شاهہ جي پوٽي سيد اظهر علي شاهہ سان گڏ

ڳوٺ جو ذڪر ڄاڻايل آهي. ياد رهي تہ مولانا خادم حسين جتوئي جي ولادت جو سن 1847 يا 48 لکيل آهي.

ورهاڱي کان اڳ شيخ عبدالمجيد سنڌي پاران انگريزن کي ملڪ مان نيڪالي ڏيڻ جي اعلان ڪانپوءِ ميان جي ڳوٺ جي جامع مسجد واري بنگلي ۾ ان حوالي سان هڪ مناظرو ڪوٺايو ويو هو، جنهن ۾ بہ سئو کان وڌيڪ عالمن شرڪت ڪئي هئي. 9 ڏينهن اهو مناظري وارو پروگرام جاري رهيو، اهي 9 ڏينهن ئي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو انتظام ان بنگلي ۾ ئي ڪيو ويو ۽ ان سڄي پروگرام جو ميزبان مولوي محسن علي شاهہ هو. ان پروگرام ۾ عالمن وڏا بحث مباحثا ڪيا، ان سڄي پروگرام ۾ انگريز کان آزادي وٺڻ لاءِ رٿون پيش ڪيون ويون تہ انهن مان ڪيئن جان ڇڏائجي، جهاد ڪجي يا ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪجي.

مولوي محسن شاهہ جي واسطي دارن ۾ ان دور جا مشهور عالم مولانا اشرف علي ٿانوي (وڏو)، پير آف پرچوندي شريف حافظ محمد صديق ۽ ٻيا شامل آهن. "هو ڏوٿي هو ڏينهن" ۾ پير حسام الدين راشدي سنڌ جي مختلف عالمن، اديبن، شاعرن ۽ محققن جو ذڪر ڪندي 58 نمبر تي مولوي محسن علي شاهہ، ميان جي ڳوٺ واري جو نالو ڄاڻايو آهي. 1986ع ۾ انسٽيٽوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو پاران ناليواري اديب اياز قادري جي ڇپايل ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ياڳي ٻئي ۾ويهين صديءَ جي عالم، اديب، استاد، اڳواڻ، شاعر، محقق، مفسر ۽ مفتي مولوي محمد عظيم "شيدا" جو تعارف ڪرائيندي لکيو ويو آهي تہ "مولوي محمد عظيم شيدا، ميان جي ڳوٺ ۾ مولوي محسن علي شاهہ وٽ ديني تعليم ۾ فارغ التحصيل ٿي دستاربندي ڪئي."

ميان جي ڳوٺ جي ئي ناليواري اديب، صحافي ۽ تحريڪ جي روح روان يار محمد ٿانوري پنهنجي ساروڻين ۾ (جيڪي اطلاعات کاتي جي رسالي پيغام ڪراچي جي جلد 23، شماري 3، مارچ 2019 واري پرچي ۾ ڇپيون) سيد محسن علي شاهہ بابت لکي ٿو تہ " مولانا سيد محسن علي شاهہ هند ۽ سنڌ جو ناميارو عالم هو ۽ هندستان جا بلند پايہ عالم بہ سندس تعظيم ڪندا هئا. مرحوم سان بابا سائين جو سٺو رستو هو. مان ۽ منهنجو وڏو ڀاءُ

مسٽر محمد پريل ٽانوري وڪيل وٽس قرآن شريف پڙهيا هئاسين “.

جيئن تہ مولوي محسن علي شاهہ جو تعلق فقہ حنفيہ سان هو، ان ڪري انهن ان فقہ جي حوالي سان ڪجھہ ڪتاب پڻ لکيا . مولانا عبدالوهاب چاچڙ (گهوٽڪي جي پرسان جو رهاڪو) شان بخاري جن وٽ ايندو هو، اهو هڪ هفتيوار رسالو ”شريعت“ ڪڍندو هو ۽ جيڪو اڃا بہ جاري آهي، ۾ هن هڪ مضمون شايع ڪيو هو، جنهن ۾ هن مولوي محسن علي شاهہ جي ڪتابن جا نالا پڻ ڏنا هئائين، پر بدقسمتي سان اهو رسالو ۽ يا وري ان ۾ شايع ٿيل اهو مضمون بہ هٿ نہ اچي سگهيو آهي. جڏهن تہ سندن پونئيرن کي بہ ان بابت ڪا معلومات ناهي.

مولوي محسن شاهہ جن حمديہ شاعري پڻ ڪئي هئي پر ان جو بہ ڪو نمونو نہ ملي سگهيو آهي . مولوي محسن علي شاهہ کان پوءِ سندس وڏي فرزند سيد غوث علي شاهہ عرف شان بخاري سندس علمي خزاني کي گهڻو وقت سنڀالي رکيو ۽ لائبريري جا ڪيترائي قيمتي ڪتاب مولوي محسن علي شاهہ جي دوستن کي ڪيڏي ڏنا هئا . جڏهن تہ سندس وفات کانپوءِ اها لائبريري نہ رهي ۽ اهي ڪتاب ڪٿو ڪٿو ٿي گم ٿي ويا.

مولوي محسن علي شاهہ جن اٽڪل 1920ع واري ڏهاڪي ۾ راهہ رباني ڏانهن روانا ٿيا، کين 2 پٽ سيد غوث علي شاهہ عرف ”شان بخاري“ ۽ سيد شوڪت علي شاهہ ۽ 7 نياڻين جي اولاد هئي .مولوي محسن علي شاهہ جي وفات کانپوءِ سندن مزار گهر جي پرسان جوڙايل مسجد جي پر ۾ اڏائي وئي آهي. مولوي محسن علي شاهہ کانپوءِ سندس اهو وڏو مدرسو تہ نہ رهيو پر گهر جي پرسان جوڙايل مسجد ۾ ٻار قرآن شريف ناظران ۽ حفظ جي تعليم پرائي رهيا آهن ۽ اهو سلسلو اڃا تائين هلندو پيو اچي ،شان بخاري ۽ سيد شوڪت علي شاهہ کانپوءِ شان بخاري جو فرزند ۽ مولوي محسن شاهہ جو پوٽو سيد اظهر علي شاهہ ، سيد شوڪت علي شاهہ جا فرزند سيد ولايت علي شاهہ ، سيد نصرت علي شاهہ، سيد ساجد علي شاهہ جن ان مدرسي کي هلائي رهيا آهن.



مياں جي ڳوٺ جو هڪ منظر

# سنڌي علم، ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ نور نچوئيندڙ بشير احمد هيسباڻي

علي جان ٻرڙو



ڪنهن بہ ٻوليءَ جو جياپو فقط ان جي ڳالهائيندڙن سان تعلق نہ ٿو رکي پر گڏوگڏ ان جي علم ادب جي اپياس، تحقيق، ڪوجنا ۽ نشر و اشاعت جي سرگرمين جي اهميت پڻ مڃيل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڏسجي تہ ساهتي پرڳڻي جو ان شعبي ۾ خدمتون ڪجهہ سرس نظر اينديون. ساهتي پرڳڻي جي خدمتگارن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي، جنهن ۾ سائين بشير احمد هيسباڻي جون سنڌي علم ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ خدمتون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. ليکڪ بشير احمد ولد احمد خان هيسباڻي، 6 نومبر 1953ع تي ڳوٺ مولوي نور الله هيسباڻي، تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ 1969ع ۾ ٺاروشاهہ مان ڪئي، 1979ع ۾ سنڌي ادب ۾ ايم. اي ڪئي، سائين جا ڪيترا ادبي ۽ تحقيقي مقالا ۽ مضمون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. سائين پيشي جي لحاظ کان بئنڪاري صنعت سان لاڳاپيل رهيو آهي. نوابشاهہ ۽ نوشهري فيروز ۾ حبيب بئنڪ جي قائم ٿيل شاخن ۾ مئنيجر رهڻ ڪانپوءِ 2007ع ۾ HBL حيدرآباد جي ريجنل هيڊڪوارٽر ۾ اسسٽنٽ جنرل مئنيجر (ايگريڪلچرل فنانسز) مقرر ٿيو جتان 2013ع ۾ رٽائر ٿيو. ”ساهتي لائبرري“ جي نالي سان مهراڻ ڪالوني نوابشاهہ ۾ پنهنجي گهر ۾ هڪ وڏي لائبريري قائم ڪئي اٿس. جيڪا ادبي حلقن ۾ تحقيقي حوالي سان تمام گهڻي مشهور آهي. اهڙيءَ طرح سائين 1998ع ۾ سنڌ جي مشهور محقق ۽ تاريخدان قريشي حامد علي خانائيءَ جي سرپرستيءَ ۾ نوابشاهہ ۾ ”ساهتي ادبي اڪيڊمي“ نالي هڪ اشاعتي ادارو پڻ قائم ڪيو جنهن تحت ڏهن کن ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) ”الحاج رحيم بخش قمر“ (شخصيت ۽ فن: ترتيب: 2006ع)، (2) ”مقالات خانائي“ (ترتيب: 2006ع)، (3) ”ساهتي پرڳڻي جو وهائو تارو“ (ترتيب: 2011ع)، (4) ”تاريخ نصرپور“ (ترتيب: 2014ع)، (5) ”سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جون علمي ادبي خدمتون“ (ترتيب: 2016ع) شامل آهن. ان کان علاوه مارئي اڪيڊمي سڪرنڊ/حيدرآباد پاران 2016ع کان نڪرندڙ علمي ادبي ۽ تحقيقي رسالي ”تخيل“ جو ايڊيٽر آهي. پاڻ هن وقت نوابشاهہ ۾ رهائش پذير آهي. ڏٺو وڃي تہ سائين هيسباڻي صاحب جي پسمنظر ۾ جن شخصيتن جي تعليم، تربيت ۽ صحبت جو اثر شامل آهي، انهن ۾ پروفيسر حامد علي خانائي صاحب خاص طور تي ذڪر جوڳو آهي. خانائي صاحب جون تاريخ ۽ تحقيق جي شعبي ۾ خدمتون ڪنهن کان بہ لڪل نہ آهن. سندس تمام گهڻين لکڻين ۽ تحقيقي ڪمن کي سوڌي سنواري ۽ ان ۾ اضافا ۽ ان سان لاڳاپيل مواد کي سهيڙي شايع ڪرڻ جو سهرو سائين بشير احمد هيسباڻي جي سر تي سونهين ٿو. سندس اهي خدمتون نهايت ساراهہ جوڳيون آهن.

ڏٺو وڃي تہ ٻوليءَ ۽ علم ادب جو جياپو ۽ ان جي اشاعت هڪ اجتماعي ڪم ۽ پورهيو آهي، جنهن لاءِ سماج جا سڀ فرد ذميوار هوندا آهن. پر ڪي قومون جهالت ۽ ابتري سبب پنهنجي اجتماعي ذميوارين کان اڻڄاڻ ۽ لاتعلق هونديون آهن. ان حالت ۾ جيڪڏهن سماج جو ڪو فرد انفرادي ۽ رضاڪارانہ طور تي ڪي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي تہ پوءِ سماج جي باشعور فردن تي گهٽ ۾ گهٽ اها ذميداري لاڳو ٿئي ٿي تہ ان مهان ماڻهوءَ جي خدمتن جي ڪيس ميڄتا ڏيون، ان جي ڏکئي وقت ۾ پرگهور لهون ۽ سندس هر طرح خيال رکون. سڌريل قومن ۾ اهڙن فردن کي قومي اثاثو سمجهو ويندو آهي ۽ کين ميڄتا ڏيڻ سان گڏ سندن مڙني ضرورتن کي پورو ڪيو ويندو آهي. اسان کي بہ کپي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ نور نچوئيندڙ سائين بشير احمد هيسباڻيءَ جهڙن سنڌ جي املهہ انسانن جو سندن جيئري ئي قدر ڪريون. دعا آهي تہ الله سائين هيسباڻي صاحب کي وڏي ڄمار، صحت ۽ تندرستي عطا فرمائي ۽ سدائين خوش ۽ آباد رکي. آمين



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ ڊاڪٽر مائيڪل ريان (ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر)
جي اڳواڻيءَ ۾ آيل ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) جي وفد سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾
سعودي عرب جي سفير مسٽر نواف سعيد اي المالڪيءَ سان ملاقات ڪندي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi



# رني ڪوٽ جي ارضياتي اهميت

(خاص ليک اندر پڙهندا)

رني ڪوٽ سنڌ جي بنهه ڪُنداٺن ماڳن مان هڪ آهي. پراچين اتهاس سان سلهاڙيل هيءَ شان و شوڪت وارو ڪوٽ پنهنجي انوکي ڪاريگري ۽ نرالي ثقافت سبب سڃاتو وڃي ٿو ۽ پنهنجي منفرد بيهڪ ۽ سگهاري وجود سبب صدين کان قائم ۽ دائم آهي. ڏکئي جابلو لنگهه وارو هيءَ تاريخي ماڳ سوين سالن تائين اکين کان اوجهل رهيو، تان جو 1876ع ۾ هڪ مغربي جاگرافيدان بلين فورڊ انهيءَ کي نروار ڪيو. ڪي تاريخدان رني ڪوٽ کي سنڌ ۾ ٽالپر حاڪميت جي ڏينهن ۾ مير ڪرم علي خان جو افسانوي ڪارنامو ڪوٺين ٿا. يوسف ميرڪ تاريخ مظهر شاهجهاني ۾ ميري ڪوهه ۽ آمريءَ ڪي مغل شهنشاهه شاهجهان جي دور جو ڄاڻائي ٿو. پر ڪوجنا ڪانپوءِ خبر پوي ٿي تہ هيءَ شاهي ڪوٽ يا قلعو انهيءَ عرصي کان بہ اڳ ۾ وجود رکندڙ هو ۽ بلين فورڊ انهيءَ مان ايڏو متاثر ٿيو جو هُن انهي ڪوٽ کي ”رني ڪوٽ“ جو مقامي نالو ڏنو.